


# اُپر چنڊ پس پرين

(ڪهاڻيون)

نسيم ٿيبو

سهيڙيندڙ: دين محمد ڪلهوڙو

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# اُپر چنڊ پس پرين

(ڪهاڻيون) -

# اُپر چنڊ پس پرين

(ڪهاڻيون)

نسيم ٿيٻو

سهيڙيندڙ:

دين محمد ڪلهوڙو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

2013ع

كتاب جا سمورا حق و اسطا محفوظ



چاپو پهريون | مارچ 2013ع | تعداد 1000



هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کان سواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي، جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.



هي ڪتاب پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽر اسلام آباد
جي مالي سهڪار سان شايع ڪيو ويو


قيمت: ٻه سؤ ستر رپيا
(Price. Rs: 270-00)


خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءَ ڪتاب الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.



ڊجيٽائيز: ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪم شروع ٿيڻ کان پوءِ بورڊ جي ناموس ۽ وقارُ علمي حلقن ۾ وڌڻ لڳو ۽ ويتر 1968ع ۾ قبلہ جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن پاران لوڪ ادب رٿا کي پايہء تڪميل تي رسائڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ کان پوءِ هن اداري جي ساک هيڪاري نشانبر ٿي. پوءِ تہ لوڪ ادب کان علاوه ادب جي ٻين صنفن تي پڻ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو ويو ۽ سٺا شهپارا ڇپجي منظرِعام تي آندا ويا. انهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌائيندي ڪهاڻيءَ جي فيلڊ ۾ محترمہ نسيم ٿيٻو جي لکيل هنن ناياب ڪهاڻين کي ڪتابي صورت ۾ پڌرو ڪري هيءُ ادارو دلي خوشي محسوس ڪري رهيو آهي. اميد آهي تہ هيءُ مجموعو ادب پڙهندڙ حلقي ۾ خاصي مقبوليت ماڻيندو.

(الهڏتو وگهيو)
سيڪريٽري

ڄام شورو سنڌ
18 ربيع الثاني 1434ھ
01_ مارچ 2013ع

# فھرست


- پيش لفظ — دين محمد ڪلھوڙو 7
- مُھاڳ — امداد حسيني 11

## ڪھاڻيون

- اُبر چنڊ پس پردين ............ 15
- ڳوڙهن جي ريکا ............ 34
- احساس جا چَڪ ............ 38
- پڳل ڪبوتر ............ 43
- آءُ ڪانگا ڪر ڳالھ ............ 77
- اڌ رات ............ 89
- ڪاري رات ............ 101
- لاڙئون آيم سر تيون ............ 108
- وڏي جن وڏياس ............ 112
- اُجرر من ............ 116
- آيل ڏولئي ساڻ اچي تہ جھيڙيان ............ 130
- آيل اُن نہ وِسهان ............ 135
- گھايل ٿي گھاريان ............ 140
- وکريل سوچون ............ 143
- جاڳرتا ............ 152
- مَتو آهين مَڄَ ............ 153
- نِردئي گنگا ............ 156
- ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين ............ 174
- رسندو پرجندو گھاءُ (ناول جو هڪ باب) ............ 178

# پيش لفظ

انساني جذبات ۽ احساسات جي اظهار جو اهم ذريعو ادب آهي ۽ ادب جو اظهار وري ٻوليءَ سان آهي. ٻولي، انساني سماج ۾ پاڻمرادو منظور ڪيل هڪ اهڙي تنظيم ۽ تحريڪ آهي، جنهن سان هر ننڍو توڙي وڏو امير توڙي غريب، شاهه توڙي گدا ڳنڍيل آهي. اهي سيئي انهيءَ تنظيم جا رُڪن آهن.

ادب، انساني حياتيءَ جو آئينو به آهي، ته سندس زندگيءَ جو شرح ۽ تفسير به. ادب جي بيان ڪرڻ جا وري اسلوب جدا جدا آهن، جن کي صنفون ۽ جنسون چئجي ٿو. هونئن ته ادب ٻن شاخن يعني نثر ۽ نظم ۾ ورهايل آهي، پر ادب کي جيڪي صنفون زنده ۽ جاويد رکن ٿيون، اهي فڪشن جون صنفون آهن. فڪشن ۾ به وري ٻين نثري صنفن ۾ ڪهاڻيءَ جو مقام ۽ درجو بلند آهي. ڪهاڻي، نثر جي باقي صنفن کان وڌيڪ توجهه ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ صنف آهي. ڪهاڻي هر دور جي انساني سماج جي اٿاويٺي، رسم و رواج ۽ وڻج واپار سميت پوري ڪلچر ۽ تاريخ جو آئينو هوندي آهي، تنهنڪري ادب ۾ هن صنف کي هر دور ۾ خاصي اهميت ۽ پذيرائي ملندي رهندي آئي آهي، اُن جو خاص ۽ دلچسپ ڪارڻ هيءُ به آهي ته هن ۾ انساني جبلت ۽ جذبات جو اظهار وجداني ڪيفيت يعني پنهنجي اصل حالت ۾ ڪيو ويندو آهي. ماڻهو عام زندگيءَ ۾ جيڪي احساس ٻين سان ونڊي نه سگهندو آهي، هڪ اديب انهن احساسن ۽ ڪيفيتن جو برملا اظهار ڪهاڻيءَ جي فن ۾ پيش ڪندو آهي ۽ عام ماڻهوءَ جو وسيلو بڻجندو آهي. ڪهاڻي، هڪ فن جو نالو آهي ۽ فن انساني جرئت ۽ پيش قدمي جهڙن اوصافن مان پروان چڙهندو آهي.

سنڌي ادب ۾ جديد ڪهاڻيءَ جي تاريخ ايتري پراڻي نه آهي. 70 ۽ 80 وارن ڏهاڪن ۾ جديد ڪهاڻيءَ کي خاصي هٿي ملي. انهيءَ دور ۾ شيخ اياز جمال ابڙو امر جليل، شيخ راز نسيم کرل، طارق اشرف، سراج ميمڻ، آغا سليم، بشير مورياڻي، غلام رباني آگرو حفيظ شيخ، حميد سنڌي نورالهدي شاهه نجم عباسي، اياز قادري ۽ انيس انصاري وغيره جهڙا معتبر نالا مشهور ٿيا. هنن نالن جديد

ڪهاڻيءَ کي مڪمل نئون روپ ڏنو بلڪ ان کي انساني سماج جي بنهہ ساهہ واري رڳ جي ويجهو ڪري بيهاريو. خاص طور تي جمال ابڙي جي ڪهاڻين ماڻهن کي چرڪائي وڌو. انهن ڏينهن ۾ نسيم ٿيبو جون ڪهاڻيون بہ ڇپجڻ لڳيون. نسيم ٿيبو ان وقت نوجوان ڇوڪري هئي ۽ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي. تن ڏينهن ۾ سندس ڪهاڻين کي جيڪا مڃتا ملندي هئي، ان جا بہ ڪارڻ هئا: هڪ تہ هوءَ اظهار تمام سادگيءَ واري انداز ۾ ڪندي هئي ۽ ٻيو تہ سندس مڪالما جارحاڻا ۽ بي ڊپا هوندا هئا. انهن ٻنهي ڳالهين نسيم ٿيبو جي ڪهاڻين کي هڪ الڳ سڃاڻپ بخشي ۽ گڏوگڏ انهن ڪهاڻين جي پڙهندڙن جو هڪ حلقو بہ پيدا ٿيڻ لڳو. نسيم ٿيبو جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري اختيار ڪئي. تہ بہ هن ساڳئي انداز سان لکيو پئي، بلڪ سندس لکڻين ۾ اڃا وڌيڪ نکار آيو. هن کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو نئون ماحول مليو نون ماڻهن کي ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ويجهي ٿيڻ جو کيس موقعو مليو. انهيءَ دور ۾ نسيم تمام عاليشان ۽ چرڪائيندڙ ڪهاڻيون لکيون. اهو سلسلو 90 واري ڏهاڪي تائين هليو پوءِ هن ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏنيون.

نسيم جي نالي آڏو ميڊم يا سائڻ لڳائڻ، مون کي ڏکيو ۽ عجيب لڳندو آهي، ڇو تہ ڪنهن بہ نالي جي اڳيان محترم، سائين، سائڻ لڳائڻ سان ماڻهوءَ ۾ اوپرائپ/ احترام جو احساس پيدا ٿيندو آهي، جنهن ڪري هو پنهنجي اندر جي سموري ڪيفيت کي پنهنجي اصل حالت ۾ بيان ڪرڻ کان قاصر ٿي ويندو آهي. نسيم جي نالي کان آءٌ تڏهن کان واقف آهيان جڏهن مان ڪاليج ۾ پڙهندو هئس. تن ڏينهن ۾ نسيم جي ڪهاڻي- "پڳل ڪبوتر" ڇپي هئي، اها ڪهاڻي نسيم هڪ سٽنگ ۾ نہ لکي هئي، پر ڪي سال کن ان ڪهاڻيءَ تي صَرف ڪيا هئا. ان ڪهاڻيءَ مون کي بيحد متاثر ڪيو هو ۽ مون کي بہ ڪهاڻين لکڻ تي اتساهيو هو. نسيم جي انهيءَ ڪهاڻيءَ کان متاثر ٿي، مون هڪ ڪهاڻي- "اڳتي نہ ستائيندس" لکي، جنهن تي مون کي انعام بہ مليو اها ڪهاڻي پوءِ اپريل 1998ع ۾ روزاني "جاڳو" اخبار جي هفتيوار ادبي صفحي ۾ بہ ڇپي. ڪهاڻيءَ جو اهو عنوان بہ نسيم جي انهيءَ ڪهاڻي جي هڪ ڊائلاگ- "اڳتي ڪونہ ڦٽائيندس" تان آڌاريو هوم.

”پگل ڪبوتر“ ۾ نسيم ڪهاڻيءَ جي فني ۽ فڪري گهرجن سميت مروج سماجي قدرن کان ڪُلم ڪُلا بغاوت ڪئي آهي. ان ڪهاڻيءَ کان پوءِ نسيم ڪهاڻيون لکڻ ذري گهٽ بند ڪري ڇڏيون.

مجموعي طرح نسيم جي ڪهاڻين جا ڪردار ۽ ڊائلاگ، پڙهندڙ جي روح ۾ لهي، اندر ۾ هڪ هلچل مچائي ٿا ڇڏين ۽ پڙهندڙ نسيم جي ڪهاڻين ۾ موجود انهن ڪردارن کي پنهنجي پاڻ ۾ يا آسپاس ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو اها بهترين ڪهاڻيڪار جي سڃاڻپ آهي.

نسيم جو گهراڻو پڙهيل لکيل ۽ ادب ۾ بادوق رهيو آهي. نسيم جي والده سڳوري ”بادام ناتوان“ جي نالي سان، ادبي دنيا ۾ مقبول رهي. سندس لکيل مشهور ڪتاب ـ ”خوش خصلت خاتون“ ادب ۾ چڱي خاصي مڃتا ماڻي. ”بادام ناتوان“ طبعيت ۾ سباجهي ۽ شفيق عورت هئي. نسيم کي به اهائي سباجهائپ، اهائي شفقت ۽ ذات ورثي ۾ ملي. شايد اهو ئي سباجهائپ ۽ نهٺائي هئي جو نسيم کي پين شهرت پسند اديبن وانگر پاڻ وڏائڻ ۽ تڪڙي مڃتا حاصل ڪرڻ جي هيچ کان بچايو ۽ هوءَ مشهوريءَ کان ايتري ته ڊنل رهي جو پنهنجو ڪو ڪتاب به نه ڇپرائي سگهي.

منهنجي خواهش هئي، ته آءُ نسيم جون سموريون تحريرون گڏ ڪريان ۽ اهي ڪنهن اشاعتي اداري کي ڇپڻ لاءِ ڏيان. اهو پهه ڪري مون نسيم جون ڪهاڻيون مختلف اخبارن، رسالن ۽ مخزنن مان ڳولهڻ شروع ڪيو. ڪجهه ڪهاڻيون منهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ مون وٽ رکيل هيون. باقي ڪهاڻيون هٿ ڪرڻيون هيون. سو ڪم جي شروعات، ڪري ڏنم. قادر جي قدرت ڏسو جو سال 2006ع ۾ نسيم جو نياڻو مسٽر اعجاز احمد منگي، بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ٿي آيو ۽ مان بورڊ ۾ نوڪري ڪري رهيو هئس، پوءِ ته منگي صاحب جي توسط سان نسيم جي مواد جو هڪ پريل بريف ڪيس مليو. بريف ڪيس ۾ مختلف ميگزين، رسالا ۽ ٻيو قلمي مواد موجود هو. پلائي ٿي وئي، گهر وٺي مواد ملي ويو. انڌو گهري هڪ اک، ٻئي ملي ويون. پوءِ مواد جو جائزو ورتو ويو. ڪجهه رسالا ۽ مخزن ڦاٽل هئا ۽ مواد اڌورو هو. ان صورت ۾ سنڌالاجي وڃي ڪتاب مواد جو پورائو ڪيو ويو ۽ اهڙي ريت هيءَ رٿا، مانواري پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي آڏو

رکي وئي، پبليڪيشن ڪميٽيءَ طرفان اڳ ۾ ئي اهڙو فيصلو ٿيل هو ته پنهنجن سينئر اديبن جون ناياب لکڻيون ڳولي هٿ ڪري ترجيحي بنيادن تي ڇپايون وڃن. جنهن ڪري منهنجي انهيءَ تجويز کي منظور ڪيو ويو. ڪميٽيءَ جي هدايتن تي عمل ڪندي ڪهاڻين جي ڪمپوزنگ ڪرائي وئي، پروف مون پاڻ پڙهيا ۽ نظرثاني امداد حسينيءَ کان ڪرائي وئي ۽ مُهاڳ امداد حسيني صاحب کان پڻ لکرايو ويو. اهڙيءَ ريت نسيم جي ڪهاڻين جي مجموعي- ”اُير چنڊ پس پرين“ ڇپجڻ جا اسباب ميسر ٿِي پيا.

جيڪڏهن اهڙي نموني ڪوششون ونبيون رهجن، ته سنا اديب جيڪي ڪتابي صورت ۾ ڇپجي نه سگهيا آهن، ضرور ڇپجي پوندا. هونءَ به اسان جي ادبي ۽ اشاعتي ادارن جو اهو ئي مقصد آهي، ته پنهنجن ذات ڏٽين جون لکڻيون ڳولي ڦولي هٿ ڪري انهن کي ڇپائي محفوظ ڪرڻ.

مان سمجهان ٿو ته هيءَ مجموعو نه فقط ادب جي شائقن لاءِ دلچسپيءَ جو ڪارڻ بڻجندو پر ادب جي شاگردن ۽ استادن لاءِ به هڪ سٺو وٿ ثابت ٿيندو. مان ٿورائتو آهيان بورڊ جي هردلعزيز چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان صاحب ۽ سيڪريٽري الهڏتو وگهيو صاحب جو جن مهربانن هن ڪتاب جي جلد ڇپائيءَ ۾ خاصي دلچسپي ورتي. مانواري پبليڪيشن ڪميٽي: جو ته آءُ قدري احسان مند آهيان، جنهن منهنجي هن پورهئي کي مانُ بخشيو ۽ هن اسم کي منظور ڪرڻ فرمايو. گڏوگڏ مسٽر اعجاز احمد منگي ۽ نسيم ٿيبو جي نياڻيءَ ادي تانيا جو به ٿورائتو آهيان جن مواد ڏيڻ ۾ هڙان وڙان مدد ڪئي.

آءُ هيءَ سهيڙيل ڪتاب، شاهه جي هن بيت سان، نسيم کي ارپيان ٿو:

اُير چنڊَ پَسُ پِرين، تو اوڏا، مُون ڏُور،
پيرين آءُ نه پُڄڻي، ٻاٻَلُ ڏني نه ٻُور،
سڄڻ سنا ولهه ۾، چوتا پيري ڪپُور،
جنهن تي چڙهي آسُور، سنجهي سجڻ سيٽيان.

**دين محمد ڪلهوڙو**

ايم.سي.پي واپڊا ڪالوني، چام شورو

7_ سيپٽمبر 2012ع

# مُهاڳ

"ڪهاڻي هروڀرو ايڏي علمي دنيا سان
نهڪي نه به اچي جو ان جي سونهن ئي
ختم ٿي وڃي." (آيل ڊولئي ساڻ اچي ته جهيڙيان)

نسيم جي هڪ ڪهاڻي جو اهو ٽڪرو آهي. جيڪو هڪ ڪردار کي چئي ٿو. پر ان جملي مان ڪهاڻيڪار جو ڪهاڻي ء بابت نظريو/ راءِ به اسان تائين پهچي ٿي. ڪهاڻيءَ کي ڪيترو علمي هئڻ کپي؟ هئڻ به کپي يا نه؟ پر ان جملي ۾ ڪهاڻيءَ جي "سونهن" جي به ڳالهه ڪيل آهي. ڪهاڻيءَ جي سونهن جو مفهوم ڇا آهي؟ ته ان ۾ grip هجي، ان جي پهرين سٽ کان، توهين ان کي پڙهڻ تي مجبور ٿي وڃو آخري سٽ تائين نسيم جي ڪهاڻيءَ جو محرڪ ڏک آهي انڪري نسيم جون ڪهاڻيون زندگيءَ کي وڄجهيون آهن. هن جا ڪردار ڏک سهن ٿا، پيڙا ڀوڳين ٿا پر جيون جي واٽ تي اڳتي وڌندا رهن ٿا:

"جيون جي راهن تي هلندي هلنديءِ مان ٻڌوان ٿي پئي
آهيان. ڏک منهنجي ساهن ۾ رچجي ويا آهن. ڏک سڀ
سيمائون اُڪري دل ۾ پهچي ويا آهن. ڪنڊن سان سڄو
رستو ڀريل آهي. پيرن سان گڏوگڏ دل به رتوڇاڻ
آهي." (وڪريل سرچون)

نسيم جي ڪهاڻين جا ڪردار (عورتون) مار موچڙي جي منهن ۾ آهن. ڪن کي خارجي/ جسماني مار آهي. جيئن "اجرو من" ۾ ڪن کي داخلي/روحاني مارَ۽ خارجي/جسماني مار تي، ته اُهي ڪردار رت ڳاڙيندا رهن ٿا، روئندا رڙندا ٿا رهن:

"او رمون – شل خدا به اڏ ڪري. ڪين بچين شال! مون
کي مار نه." (گهايل ٿي گهاريان)

پر ڪي ڪردار وقت، حالتن ۽ ورتاءَ – جي مارَ اندر ئي اندر سهن ٿا. ڀوڳين ٿا، جيئن "اجرو من" ۽ "احساس جا چڪ" جا ڪردار. "ڪاري رات" جو

”اها تہ چاڻ هوندي تہ هتي نوڪريون ڪيئن ملنديون
آهن؟ هڪڙي سفارش... ٻيو رشوت..... ٽيون. “ ٽيون لفظ
ڪيندي صاحب جي چپن تي مڪروهہ مرڪ تري آئي.
ٽيون ”عورت پاڻ پنهنجي سفارش آهي. ان کي ڪنهن
سفارش جي ضرورت ڪانهي. آئي ڳالهہ سمجهہ ۾...؟“

ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟ انهيءَ resist ڪندڙ ڇوڪريءَ جو ردعمل ڇا هو؟ اهڙي ئي هڪ موقعي تي ڇوڪريءَ پيپر ويٽ صاحب کي هڻڻ جو سوچيو هو. مان ائين نٿو چوان تہ ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي هن واڌو جملي تي ٿيڻ کپي ها:

”مينا جو هٿ پيپر ويٽ ڏانهن وڌيو.“

پر اهو هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ منهنجو وڌايل ڊائلاگ آهي. اهڙا ڪيترا متوقع ڊائلاگ ٿِي سگهن ٿا. جهڙوڪ:

* مينا کي پروموشن ملي ويو.
* صاحب ڪرپشن ۾ ٻڌجي ويو.
* صاحب بدلي ٿي ويو.
* مينا نوڪريءَ کي ٺُڪَ هڻي هلي آئي.

سو ڪهاڻيءَ کي ڪنهن بہ اهڙي موڙ تي ڇڏڻ سياڻپ بہ آهي تہ۔ اڻ سياڻپ بہ. اهو ڪهاڻيڪار تي ڇڏيل آهي تہ هو ڪهاڻيءَ سان ڪهڙو ٿو ورتاءُ ڪري. ڪردارن کي ڪيئن ٿو پيش ڪري. وٽيس تہ ڪهاڻيءَ کي پڄاڻيءَ کان ڪٽي، وٽيس تہ شيام جئسنگهاڻيءَ جي ڪهاڻيءَ ”21۔ صدي“ وانگر پنو خالي ڇڏي ڏي. مان سمجهان ٿو تہ ڪهاڻيءَ جي عنوان ”متو آهين مڇ“ سان ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي چٽي تي وڃي ٿِي، مان لطيف جو پورو بيت ڏيان ٿو:

متو آهين مڇَ، ٿلهو ٿيو ٿو نا هٽين،
توجا پاڻئي اَڇَ، تنهن ٻاٽيءَ پنا ڏينهڙا.

مينا تي صاحب جو پهريون تاثر تہ اهوئي آهي تہ ”صاحب ڪيترو نہ سٻاجهرو ۽ گنڀير سڀاءُ جو آهي.“ پر پوءِ جڏهن هن جو اصل ڪروپ پڌرو ٿو ٿئي، تڏهن مينا جي من ۾ مانڌاڻ مچيو وڃي:

”هون! ڪُتي جو پُٽ سمجهي ڇا ٿو پاڻ کي.“

”وڪريل سوچون“ ”اُجرو من“ ۽ ”احساس جا چڪ“. ”رسندو پرجندو گهاءُ“ جڻ هڪڙو ناولٽ هجي يا طويل مختصر ڪهاڻي. ”اُجرو من“ ڪهاڻيءَ جو ڪردار ڄڻ پنهنجي ئي ڪتا پاڻ ڪي ٻڌائي ٿو:

”اڄ آسمان ڪڪرن سان پرجي آيو آهي. اهي ڪڪر تنهنجي گهر مٿان به ته هوندا ۽ تو انهن کي ڇيءَ پري ڏٺو هوندو.“

”مان بيمار ٿي پيس تون پڇڻ به ڪونه آئين! موت ۽ حيات جي جنگ ۾ ڦاٿل هئس ۽ اڄ به آهيان. تون پوءِ به به پير پري مون وٽ نه آئين.“

نسيم جي هنن ڪهاڻين مان ڪجهه مختلف رسالن, جهڙوڪ: ”روح رهاڻ“, ”مهراڻ“, ”نئون نياپو“, ”سنڌ رنگ“, ”مظلوم“, ”ناري پبليڪيشن“, ”عبرت مئگزين“ ۽ ”برسات“ ۾ ڇپجي چڪيون آهن. نسيم جون ڪهاڻيون ترقي پسند سوچ جون عڪاس به آهن, جيئن: ”ڳوڙهن جي ريکا“, ”ڪنهن کي خاموش ڪندين؟“.... ته انهن ۾ نئين ڪهاڻيءَ جي جهلڪ به ملي ٿي, جيئن: ”وڪريل سوچون“, ”اُجرو من“, ”آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه.....“

اهو مون اڳ ۾ به ڪٿي لکيو آهي ته ڪهاڻي, ڪهاڻيڪار کي ٿي چڙي؟ يا ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ کي! سو نسيم ڪهاڻيءَ کي چڙيو آهي يا ڪهاڻيءَ نسيم کي! ان جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ سنڌي ڪهاڻيءَ جي حوالي سان ان سوال جو جواب ضرور لهڻ گهرجي. ڪهاڻيءَ جي صنف, جيڪا سنڌي ادب ۾ نثر جي هڪ مقبول صنف آهي, اُها به زوال پذير ٿِي رهي آهي. جيئن شاعريءَ ۾, مختلف شاعرن جي تخليقن جي ڪري هڪ رنگا رنگي هوندي آهي, بلڪل ائين ڪهاڻيءَ ۾ به, مختلف ڪهاڻيڪارن جي تخليق جي ڪري هڪ رنگارنگي هوندي آهي ۽ ان ۾ نسيم جي ڪهاڻيءَ جو به هڪ رنگ شامل آهي. اهي مختلف رسالن مان هٿ ڪري ڇاپڻ جو انتظام ڪيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب مسٽر دين محمد ڪلهوڙي جي جاکوڙ ۽ محنتن جو ثمر آهي.

**امداد حسيني**

ڄام شورو سنڌ

16_فيبروري 2008ع

# اُپر چنڊ پس پرين

(ڪھاڻيون)

# اُپر چنڊ پس پرين

گهڻا سال اڳ هوءَ منهنجي حياتيءَ ۾ آئي. اسان ٻئي هڪٻئي سان فقط هڪ ڀيرو ملياسين، سو بہ رات جي پهر ۾. مان اسٽيج تي سنڌو ڳالهائي سگهندو هوس ۽ هو بہ سنڌو ڳائي سگهندي هئي. وڻندڙ صورت ۽ پروقار، دل جي بيحد سٻاجهي. مان پنهنجي لاءِ ڇا چوان؟ هن کي ڏاڍو وڻندو هوس، ان مان ظاهر آهي تہ بيحد پيارو هوس. خوبصورت تہ مان پاڻ کي نٿو چوان پر مردن ۾ جيڪا سونهن دلربائي هوندي آهي، اهو سڀڪجهہ مون منجهہ هو. تڏهن ئي تہ هوءَ مون کي ڏاڍو پائيندي هئي ۽ هزارن ميلن جي فاصلي هجڻ جي باوجود مون تائين سنڌس بہ چار خط هفتي کن ۾ پهچي ويندا هئا. مان مهيني ماسي کيس هيترن خطن پڄاڻا خط لکندو هوس پر سو بہ ڏاڍو احتياط ساڻ. مان مرد هئس، ان ڪري پنهنجي محبت ۾ ٿورو ٿورو سمجهو بہ هئس. ڪڏهن ڪڏهن ڇهہ ڇهہ مهينا بہ گذري ويندا هئا، جو هن وٽان ڪو بہ خط نہ ايندو هو. مان سمجهندو هوس شايد هن مون کي وساري ڇڏيو آهي پر ائين نہ هوندو هو. هن جا منڙا منڙا خط پيار جي مهڪ ساڻ کڻي ايندا هئا. تڏهن دل کي آٿت ايندي هئم، تہ نہ هن مون کي وساريو ناهي. هوءَ وساري مون کي سگهي بہ نٿي. گهٽ ۾ گهٽ منهنجو اندازو هن لاءِ اهو هو. مان بہ پرٽيل هوس ۽ هوءَ بہ. هن کي بہ نياڻيون هيون ۽ مون کي ڪوبہ ٻار نہ. مان ٻروچ هئس. هوءَ بيوهہ هئي. ان وقت هن جون نياڻيون ٻئي تمام ننڍڙيون هيون. هڪ سانوري گهرين اکين واري ۽ ٻي رنگ جي چٽي اڇي. هوءَ هنن جي ٻالڪپڻي جون ڳالهيون ڪندي هئي ۽ مان اهي شوق سان ٻڌندو هوس. لڳندو هوم ڄڻ اهي ٻئي منهنجون پنهنجون آهن. سال ۾ هڪ بہ ڀيرا اسان پاڻ ۾ ملندا بہ هئاسين. پهريون ڀيرو جڏهن مان هن وٽ ويس تڏهن هوءَ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي هئي، مان جڏهن هن سان ملڻ ويس تڏهن هن مون کي سڃاتو ڪونہ اسان هڪٻئي کي خط تہ سالن کان لکندا ايندا هئاسين پر ڏٺو رڳو هڪ ڀيرو هو. ٿِي سگهي ٿو مان ڪانئس وسري

نہ؟“ مون ڳهنئي وڃائڻ لاءِ ٻنڊ ڏبايو بيري کي ماني آڻڻ لاءِ چيو. مانيءَ سان گڏ ٿڌو پاڻي ھو پاڻ ٽيبل تي رکي ويو. ان وچ ۾ مان اندر وهنجڻ ويس ۽ جڏهن غسلخاني کان ٻاهر آيس تہ ڪمري جي هر وکريل شيءِ سليقي سان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پئي هئي.

”اڙي هي ڪمري کي ڪنهن سون ورنو ڪري ڇڏيو آهي...؟“

”تنهنجو ذهن ايترو وکريل آهي اقبال“.

”تو ڪيئن ڄاتو؟“

”تنهنجي ڪمري ۾ هر وکريل شيءِ ان جي گواهي ٿي ڏني.“

”ها ـ نيلي منهنجي جيون ۾ ڪنهن رنگ ناهن پريا.“

”مان جو ويٺي آهيان. تنهنجي جيون جي هر وکريل شيءِ کي ميڙي سيڙي ساهہ ۾ سانڍڻ لاءِ“ پر اهي لفظ بہ هن چيا ڪونہ ها. بعد ۾ خط ۾ لکي ڇڏيا هئائين ۽ ان وقت مون سندس روپ ريکائن منجهان محسوس ڪري ورتو هو.

”نيلي ـ تون هن ديس جي اصلوڪي سنڌي عورت لڳندي آهين. تنهنجي شڪل دراوڙي آهي نہ موهن جي دڙي جي ڪائي مورتي لڳندي آهين.“

”ايڏا چاڙهہ تہ نہ ڏي“

هوءَ مون کي ڪيڏو پيائيندي هئي پر هوءَ منهنجي حياتيءَ ۾ اچي نٿي سگهي. ڇاڪاڻ تہ مان پرڻيل هوس. هوءَ ڪيڏي نہ بدنصيب عورت هئي. هن جو پريمي ڪنهن ٻي عورت جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌل هو ۽ ان جي هن کي خبر نہ هئي. هوءَ مستيءَ ۾ جهومندي هئي جڏهن مون کي ڏسندي هئي.

”نيلي ـ توکي خبر آهي مان پرڻيل آهيان؟ نيلي تون ٻڌين ٿي نہ ـ مان پرڻيل آهيانءِ“

هوءَ ڪجھ وقت چپ رهي. هن جي ٻانهن کان پڪڙي ٿورو پلنگ کان هيٺ جُهڪائي ڏونڌاڙيندي چيومانس.

”مني تون ائين چپ چو ٿي وئي آهين.“ هن جي اکين منجهان بہ ڳوڙها ڳڙيا ۽ ڳلن تي وهي هليا. هن وڏيڪ ڪجھ بہ نہ ڳالهايو. ”نيلي اها شادي منهنجي مرضيءَ جي ٿيل ڪانهي، منهنجي سؤٽ آهي ۽ ننڍي لاءِ مڱ بہ مائٽن مجبور

ڪيوءِ شادي ڪري ڇڏيم. بس عيد تي ڳوٺ ويندو آهيان ۽ چانهه جو ڪوپ پِي ايندو آهيان. امان ڪاوڙيل آهي ته توکي گهر جو ذرو به خيال ڪونهي؟“
”ڪڏهن شادي ڪيئي....؟“
”سال ڏيڍ کن گذريو آهي.“ هوءَ وري ٽهڪ ۾ پئجي وئي.
”ڇا پئي سوچين؟“
”ڪجهه نه.“
”پوءِ ائين چپ چو ٿي وئي آهين؟“
”سالن کان خط پيار سان ڀريل خط ته هيءُ شخص مون کي لکندو رهيو آهي ۽ شادي سؤٽ سان ڪري ڇڏيائين واهه ڙي ڀروچ تنهنجو پيار؟“ مون ۾ ڪهڙي گهڻتائي هئي، سونهن جي، يا پيار جي، يا سوچن جي يا مان تنهنجي اها سار سنڀال نه ڪيان ها.“ هن وڏيڪ به نه ڳالهايو. ”مون کي هن منجهان اولاد به ڪونهي.“
”سوبه ٿي ويندو ئي- ڳڻتي ڇو ٿو ڪرين.“ ڳوڙها هن جي اکين منجهان وري ڳڙيا ۽ ڳلن تي وهي هليا.
”ڏيڍ به سال گذريا آهن، اڃا ته ڪونه ٿو ٿئي ٻار- مون ليڊي ڊاڪٽر کان چيڪ به ڪرايو اٿمانس. انهيءَ جو چوڻ آهي ته هينئر هن ۾ ٻار ڄڻڻ جي ڪابه Capacity ڪانهي ۽ نه ڪا اڳتي ئي ڪا اميد آهي.“
گهڙي پل رکي مون وري ڳالهايو:
”امان چوندي آهي- پٽ ٻي شادي ڪر- نه ته تنهنجو نالو نشان مٽجي ويندو.“ ۽ مان امان کي چوندو آهيان:
”امان ڪهڙو ٿو فرق پوي مان اڳ ڪڏهن آباد آهيان جو هينئر پنهنجي بربادي‎ءَ جو ڏک ٿيندم ۽ ان ۾ پيلا هن غريب جو ڪهڙو ڏوهه؟“
”چوين ته سچ ٿو.“
”نيلي- هينئر مان به- واٽي تي بيٺل آهيان. هڪ زال آهي، سا به پياري اٿم ۽ تون آهين. منهنجي اندر ۾ جنگ هلي رهي آهي، توکي به ڇڏي نٿو سگهان ۽ پنهنجو به نٿو ڪري سگهان ۽ هڪ ٽين عورت به آهي، اها منهنجي سيڪريٽري

آهي. هوءَ منهنجو به ڏاڍو خيال رکندي آهي ۽ جڏهن تنهنجا خط اچڻ بند ٿي ويندا آهن، تڏهن ڏوراپي پري ٽوڪ ڪندي آهي، چوندي آهي:

*"کیوں - کیا بات ہے بڑی مدت سے اب وہ نیلے گلابی رنگ کے لفافے آنا بند ہو گئے ہیں؟ کیوں کسی نے بھلادیا کیا؟"*

"پوءِ - تون ڪهڙو جواب ڏيندو آهين؟"

"مان - پيلا ڪهڙو جواب ڏيانس، ڪلي ماٺ ٿي ويندو آهيان. مون کي ڪهڙي خبر ته تون اچانڪ خط لکڻ بند ڪري ڇو ڇڏيندي آهين؟"

"ڪڏهن ڪڏهن احساس ٿيندو اٿم ته جڻ مان تنهنجي زبردستي گلي پيو، اهو احساس مون کي روڪيندو آهي خط لکڻ کان. نه ته منهنجي دل چوندي آهي توکي روز هڪ خط لکان. هڪ ته ڇا پر الائي ڪيترا خط ڏينهن ۾ لکانءِ."

"توکي - اهو احساس ڇو ٿيندو آهي....؟"

"ان ڪري جو تون بين عورتن جون ڳالهيون ڏاڍي چاهه منجهان ڪندو آهين."

"نه - نيلي ائين ڪونهي. مان مرد آهيان ۽ تون مون کان هزارين ميل پري، بس وقت ڪٽيءَ جي ڳالهه آهي. ڪڏهن ڪڏهن چانهه جو ڪوپ پيي ويندو آهيان. زال به ته ڳوٺ ٿي رهي نه."

"پوءِ ان کي پاڻ سان گڏ ڇو ڪونه ٿو رهائين؟"

"ان کي گڏ رهائڻ تي دل نٿي چئي. ڪهڙيون ڳالهيون ڪندس ان سان؟ رڳو ميلاپ ٿي ته سڀ ڪجهه ناهي نه."

"هوءَ توسان پيار به ته ڪندي آهي؟"

"اقبال - پائيندي آهيان جڻ تنهنجو منهنجو جنم جنم جو ناتو آهي، جيڪو ڪڏهن ٽٽڻو ناهي. تون به پيلي جڳ رُلي ڏس ۽ مان به پر وري وري اسان هڪٻئي کي پنتي مڙي نهاريندا سين. مون کي لڳندو آهي، ته تون راڻي جو بيو جنم آهين ۽ مان....."

"تون - نيلي مومل جو بيو جنم آهين."

"پريت ڪجي ته پنهنجن سان، نيلي ڏاربن سان ڪهڙو سڳ سياڪو....؟ هوڻءَ ته هوءَ سني آهي پر ڏاري آهي. پيلا هن سان ڪهڙا ڏک سک ونڊي سگهبا. نه

هوءَ لطيف کي سمجهي سگهي، نہ پنهنجي قوم جي پيڙائن ۾ پوڳنائن کي ۽ مان شعور رکندڙ انسانن جي Misrics کي محسوس ڪندڙ ۽ انهن لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي پوري پوري سگهہ ۾ چاهنا رکندڙ تو منجهہ اهو سڀ ڪجهہ آهي جيڪو مون کي گهرجي متي، پر توکي بہ پنهنجو ڪرڻ جو سوچان ٿو تہ ڏکيو وڃان. مان هن کي ايڏو ڏک ڪيئن ڏئي سگهندس؟“

”پوءِ نہ ڏينس نہ ڏک ڇو ٿو ڏينس؟“

”نہ متي۔ مان هن سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪندس؟“

”هوءَ۔ تو سان پيار بہ تہ ڪندي آهي نہ.“

”ها۔ ڪندي آهي، پر پوءِ بہ الائي ڇو اجايل اجايل رڻ ۾ پيو ڀٽڪان.“

”نيلي۔ توکي ڏک ناهي ٿيندو جڏهن ٻين عورتن سان ماٽيل پيار جون تو سان ڳالهيون ڪندو آهيان....؟“

”ٿيندو آهي۔“

”پوءِ، تون مون کي ڇڏي ڇو ڪونہ ٿي ڏين؟“

”نہ۔ سچڻ پيار ۾ شرط ناهن ٿيندا ۽ هونءَ بہ دل هوندي آهي تہ تون حياتيءَ جي هر پل ۾ امرت ماٽين پر پوءِ بہ مون کي سارين. هر عورت ۾ مون کي ڳولهين ۽ سدائين اجايل رهين. اها اڄ تنهنجي تڏهن متبي جڏهن مون سان سنجوڳ ڪرين. پيار ونڊين ۽ مون سان نہ تنندڙ ڳالهيون ڪندو رهين. تنهنجي اها اڄ تڏهن متبي جڏهن مون سان حياتي جا پل گهارين۔ منهنجو پيار توکي ڌرتيءَ جي ڪشش جيان مون سان هر پل ۾ هر هنڌ جڪڙيندو رهي.“

”مان پلا هاڻي هلان ٿي ڳوٺ. وقت گذري ويو آهي. پويان هو مون کي ڏاڍو ياد ڪنديون هونديون.“

”توکي ڇڏڻ تي دل تہ نٿي چئي پر تون چا ائين ئي هلي ويندين؟“ جڏهن هوءَ اٿي بيٺي تہ مان هن جي سامهون بيهندي هن جي جيلهہ ۾ هٿ وجهندي هن کي پاڻ ڏي سوريم. ”بس متي ائين ئي هلي ويندينءَ؟ بنا ڪجهہ ڏيڻ ونڻ جي. بنا پريت ونڊڻ جي....؟“

”ڏس اقبال، تنگ ڇو ٿو ڪرين؟“ هن منهنجي ڪلهن تي پنهنجا ٻئي هٿ رکندي چيو.

”نہ مني- مان توکي ائين نہ وڃڻ ڏيندس.“ مون هن کي وڏيڪ پاڻ سان لائيندي چيو.

”ڏس نہ- تون هاڻي مون کي تنگ ٿو ڪرين.“ هن ٻانهن جو ڪراس ناهيندي پنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ وٿيڇو وڃائيندي چيو.

”مان ٿو توکي تنگ ڪريان يا تون مون کي تنگ ڪرين؟“

”مان- مان ڀلا توکي ڪيئن ٿي تنگ ڪريان....؟“

هن ڪجهہ ڪجهہ واتڙي ٿيندي چيو.

”ائين ڪنهن کي سڪايل ڇڏي وڃڻ. تنگ ڪرڻ ئي تہ آهي. هيڏي روپ هوندي، هيڏي امرت ڀريل چپن هوندي، هنن نيڻ ڪٽورن هوندي اڃايل رهجي وڃان ۽ پوءِ بہ ٿي چوين تہ مان ٿو توکي تنگ ڪريان؟“ مون مرڪندي هن جي چپن جي امرت پيئندي چيو.

”ڏس اقبال توُن اڃا بہ وڌيڪ تنگ ڪرڻ لڳو آهين. مون کي هاڻي وڃڻ ڏي نہ تہ تنهنجون تقاضائون اڃا بہ وڌنديون وينديون.“

”چڱو مني هن ڀيري تہ وڃڻ ٿو ڏيان....“ تنهن کان پوءِ مون هن جي چيلهہ ۾ وڌل هٿ ڍلا ڪري ڇڏيا.

”توکي ائين ڇڏڻ تي دل تہ نٿي چئي پر تنهنجن ٻارڙين جي ڪري توکي ڇڏيان ٿو.“ ۽ پوءِ مان هن سان گڏجي هيٺ آيس. چوڻ لڳي: ”مون کي اڪيلي گهر ويندي ڊپ ٿو لڳي، تون بہ هل نہ مون سان گڏجي.“

”چڱو هل تہ ڀلا گڏجي هلون.“

”مون رڪشا واري کي هٿ ڏنو ۽ اسين ٻئي شهر کان ڏهہ ٻارنهن ميل پري سندس گهر تائين آياسين. رستي ۾ درياءَ پئي وهيو. وڻ ٽڻ پڪڙيل هئا.

”گڏجي سفر ڪرڻ ۾ ڪيترو نہ سک ملي ٿو. ڪاش ائين جيون جي راهن تي بہ جيڪر گڏ هلي سگهون ها؟“

”ها- مني پر جي اڄ ايڪسيڊنٽ ٿي پيو تہ ڏاڍو وڏو اسڪينڊل ٿيندو.“ اهو ٻڌي هن جو منهن لهي ويو. سندس چپن تان مرڪ غائب ٿي وئي. جيڪو مان ان وقت محسوس ڪري نہ سگهيس. ڀانيان ٿو انهيءَ جملي هن کي ڏاڍو ڏک ڏنو هوندو.

”اسين ٻئي سڄي قوم منجهه ڄاتل سڃاتل آهيون، تہ ماڻهو الائي تہ ڪيتريون ڳالهيون ڪندا؟“

”تو ڪي ڪهڙي سڌ ڇريا، تہ تنهنجي ان جملي منهنجن ڪومل ڪومل پاونائن کي ڪيئن ڳڙڪائي ورتو هو. ان ڪان تہ گمنام هجون ها، گهٽ ۾ گهٽ ڪليءَ دل سان پريت تہ ڪري سگهون ها.“

Let me live unknown and unseen, let me die..... Let me die. So sweet death will never come again.

مان هن کي گهر اچڻ لاءِ بہ ڪانہ چئي سگهي هيس، ان لاءِ تہ مان پاڻ پرائي گهر ۾ رهيل هيس. موٽي اچي مون ڪمري ۾ ڪيترو رنو هو. ان جي ڪهڙي سڌ....؟ ۽ تنهنجي واپس ويندڙ رڪشا کي ڏسندي رهيس، جيسين اها اکين منجهان غائب نہ ٿي ۽ بعد ۾ اڌامندڙ لٽ ۾ نهاريندي رهيس ۽ بعد ۾ آءُ رنس، ڏاڍي رنس.

مان لکندو بہ هيس ۽ هڪڙي رسالي جو ايڊيٽر پڻ هيس. مون کي هند توڙي سنڌ جي سمورن سٺن ليکڪن جو سهڪار حاصل هو ۽ دنيا جي ٻين ٻولين منجهان سٺيون سٺيون ڪويتائون ۽ رچنائون مان ترجمو ڪري پنهنجي رسالي کي سونهن بخشي هئي. دوست چوندا هئا:

اڙي يار تون سچو انسان آهين نہ. ان ڪري جنهن بہ شيءِ کي ڇهندو آهين، تہ اها سون ٿي پوندي آهي.

گهنگهور گهٽائون آسمان تي پکڙجي ويون هيون. ورشا ٽيڻ واري هئي. اڄ ڪو ڏاڍو ياد اچي رهيو هو پر منهنجو پرين هزارين ميل پري مون کان بي خبر ڪيئن گهاريندو هوندو؟“ مان ڪيس ياد بہ هوندس يا نہ؟ وچڙئي تہ هن کي سال گذري چڪا آهن. ان عرصي ۾ هو مون کي ڪٿي وساري تہ نہ ويٺو هوندو. آڪاش منڊل مٿان جڏهن سوين رنگ وکرندا آهن. گهنگهور گهٽائون وسڻ لڳنديون هيون، تڏهن هر شيءِ ڏوبي اچي اجري ٿي پوندي هئي، ائين هن جي ياد منهنجي من ۾ نکري ايندي هئي ۽ وڄ جيان وراڪا ڏئي ور ور ڪري مون مٿان ڪرندي هئي. پل پر لاءِ روشني ڏئي گهرين اونداهين ۾ گم ڪري ويندي هئي. آها هو مون کي ڪيڏو ياد ايندو آهي. آڪاش ۾ جڏهن ڪروڙين ديپ ٻري اٿندا هئا، تہ تون

اڇي من ۾ سمائجي ويندين هئين. تو مون کي هميشه پاڻ کان پري رکيو. توکي ڪجهه ياد آهي. مون توکي چيو هو ته مان توسان گڏ ڪم ڪرڻ چاهيان ٿي. چاهي پاڻ وٽ نوڪرياڻي ڪري ته بيهارين ۽ ڪجهه ياد اٿئي تو ڪهڙو جواب ڏنو هو. مان ٿي توکي ياد ڏياريان، تو چيو هو ته:

”تون هتي ڪٿي نوڪري ڪجانءِ مان توکي ڪهڙي نوڪري ڏيندس....؟“ تون جي چاهين ها، ته مان توکان ايڏو پري هلي نه وڃان ها مون کي پاڻ کان ڪيترو پري ڪري ڇڏيو اٿئي....؟؟

گهنگهور گهٽائون وري آسمان ۾ مڙي آيون هيون. گهٽائون هيون يا ڪنهن جي يادن جا پاڇولا جيڪي مون مٿان انڌڪار ۾ ڇانورو ڪري بيٺا هئا. منهنجون اکيون انهن کي اڳ وسڻ لڳيون هيون.

نيلي، جيڪا رولاڪ هئي، تنهن توکي سالن جا سال هينئين ۾ ساهه جيان سنڀاليو هو. تون ڇا ڄاڻين ڇري پيار منجهان.

هو هزارن ميلن تان ڪهي ايندو هو. منهنجي پريت هن کي ڇڪي وٺي ايندي هئي يا هو ايترو پيار ڪرڻ جي پاڻ منجهه سگهه رکندو هو. مون کي ڌرتي سڏيندو هو ۽ ہروچ ته ڌرتيءَ تي ساهه ڇڏيندا آهن. هو چوندو هو:

”نيلي- تون سيني جي پيار منجهان ويساهه وڃائي ويٺي آهين؟ مردن جو پيار ايڏو ڪچو ناهي ٿيندو جيترو تون ان کي سمجهي ويٺي آهين. ۽ ها نيلي اهو بڌ ته پيار ۾ شرط ناهن ٿيندا. نيلي ۽ گنگا.... گنگا ۽ نيلي، ٻنهي ۾ ورڇيل منهنجو ساهه آهي. ڪيڏانهن وڃن هي ساهن جون هلڪيون تندون جيڪي ڪنهن کي سالن کان سارينديون پوءِ به نه ٽٽيون هيون. نه ڏکڻ هاري نيلي، ذري ذري تي رسي پوڻ واري نيلي، مون کان ڪڏهن به ڪانه رُني هئي. چوندي هئي ته:

”اقبال تون منهنجو مسيحا آهين. تنهنجو پيار مرهم آهي، جيڪا زخمن کي ناريندي آهي. گهايل من کي ٺڏاڻ بخشيندي آهي.“ مان به کيس کلي چوندو هوس ته:

”مٺي ايڏا ته چاڙهه نه ڏي“

مان هر سال هن وٽ ويندو هوس ۽ هن کي پنهنجي آفيس منجهان وٺي اسين ٻئي گڏجي هوٽل ۾ ايندا هئاسين. گڏجي ماني کائيندا هئاسين، ڳالهيون

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪندا هئاسين ۽ گڏجي سمهندا هئاسين. مان هن کي پيار ڪندو هوس. ڏاڍو پيار ڪندو هوس ۽ پيار ماٺيندي ماٺيندي هوءَ چوندي هئي بس هاڻي ٿڪجي پئي آهيان دل تي ڪجي ٿئي، اهڙو پيار نہ ڪندو ڪر.“

”بس ايتري ۾ ٿڪجي پئي آهين؟ مان تہ اجا ڪونہ ٿڪو آهين؟ پلا زور ڏيانءِ؟“ مان هن جي ساٿين ٽنگن کي زور ڏيڻ لڳس. ”نيلي، مون تہ ائين ڪڏهن پنهنجي زال کي بہ زور ناهن ڏنا.“

”پوءِ نہ ڏي، مان تي توکي زور ڏيان.“

”نہ مان ناهيان ٿڪو.“ مان هن کي پير ۾ ليٽائي وري پيار ڪرڻ لڳس. سچو هن مٿان چانئجي ويس، هن کي پاڻ سان جڪڙي الائي ڪيترو پيار ڪيومانس ۽ پوءِ اسين ٻئي اٿي ويناسين. هڪٻئي جي پير ۾. ٻنهي جو ٽنگون پلنگ کان هيٺ لڙڪيل ۽ نگاهون سامهون.

”هي چوڙيون تہ ميڙي وٺ. هينئر منهنجو دوست اچڻ وارو آهي؟“

”لڪي لڪي پيار ڪرڻ ٿو چاهين، ڪڏهن اسڪينڊل کان ٿو ڊڄين، ڪڏهن زال کان ۽ ڪڏهن دوستن کان. ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهين؟ ۽ ڪهڙي قسم جي آهي تنهنجي پريت؟ جيڪا وک وک تي ڊڄي ۽ ڊيڄاري ٿي.“ هن اهو سڀ ڪجهہ چيو ڪونہ پر سندس ڏوراپن ڀريل اکين منجهان مون اهو سڀ ڪجهہ سمجهي ورتو.

”مون توکي چيو هو نہ. تہ اڄ توکي وڃڻ ٿو ڏيانءِ ڇڏڻ تي دل نہ ٿي چئي پر پوءِ ٻئي ڀيري....“

”تہ چئبو اڄ اهي تو ڪسرون ڪڍيون.“

”توکي خبر آهي جڏهن مون کي ٿورڙو بہ غصو هوندو آهي نہ. تہ مان گهر جا الاهي سارا ٿانوَ ٽڪر ٽڪر پورا ڪندو آهيان.“

”منهنجي گهر بہ اچي ڪڏهن ٿانوَ پڃ تہ ميڙي ميڙي ٿڪجي پوان. پوءِ بہ پڇندو وڃ. مون تي بہ تہ ڪڏهن ڪاوڙ ڪر نہ....“ ۽ وري مرڪي چوڻ لڳي: ”ايڏو ڪروڌي آهين. ڪٿي راڻي جو جوڙ مناٿي تہ ڪونہ آيو آهين...؟“

”مون کي ڪهڙي خبر تہ اها ڪاوڙ سچ پچ راڻي جيان عمر ڀرجي هوندي مينڌري جيان وري بہ موٽ ڪائيندي ۽ مون کي بہ آخرڪار هڪ چتا سجائڻي

پونديءَ مومل تہ پل پر ۾ جلي رک ٿي وئي ۽ مون واري چتا جڳن جا جڳ هلندي جيستائين ساهہ جو تندون سرير ۾ آهن. خير توکي ڪهڙو ڏوراپو ڏيان، قسمت ئي اهڙي ڪي ڪي ماڻهو ڪوجهي صورت ڪٿي پيدا ٿيندا آهن. مور جي عادتن مثل، ڪوئل جيان نپٽ نياڳا.“

هاڻي هيءَ هن کي ڪهڙو روڳ ڏئي هليو ويو جيڪو وجي ٿو ناسور بڻجندو هيءَ ڪهڙو محشر برپا ٿيو جنهن منهنجيءَ هن دل کي رتو رت ڪري ڇڏيو ۽ اسين پنجن سالن کان وٺي هڪٻئي کي ڏسي بہ ڪونہ سگهياسين.

”نيلي، مان جو توکي بليڪ ميل ڪريان، تہ پوءِ؟“ مان هن سان چرچي ڪرڻ جي موڊ ۾ هيس.

”هونءَ تہ ڪنهن جي ڪمزورين کي بليڪ ميل ڪرڻ انتهائي ڪريل ۽ ذليل حرڪت آهي پر جي تون مون کي بليڪ ميل بہ ڪٿي ڪيو تہ بہ مان دل ۾ ڪانہ ڪنديس. تون پيارو آهي نہ. تنهن ڪري توتان منهنجو خون بہ معاف آهي.“

”سچ“

”مان توکي پنهنجي ڪويتا ٻڌايان؟“

”ٻڌاءِ“

”دل سان ٻڌندينءَ.“

”چو ڪونہ؟“ اسين ان وقت پٽ سان رکيل ڪرسين تي ويٺل هئاسين.

”چڱو پريان هوءَ ڊائري مان ڪٿي اچان....؟“

”ڪويتا توکي ٻڌائڻي آهي ۽ ڊائري مان ڪٿي اچان..؟“

”چڱو ڪٿي وٺ مشڪري ڇڏ.“

”ڪٿي ٿي اچان وڙهين ڇو ٿو؟“

مان هن کي ڪويتا ٻڌائي بس ڪئي تہ چوڻ لڳي:

”تمام پياري، ڏاڍي سٺي ڪويتا رچي اٿئي.“

”بس ائين ئي دل رکڻ لاءِ ٿي تعريف ڪرين نيلي؟“

”نہ تنهنجو قسم، سچ پچ بہ دل کي ڏاڍي وڻي آهي.“

”ڪوڙي مان تنهنجو دوست آهيان نہ.“

”آهين، پر اهڙا لفظ چوچوندو آهين....“

”مٺي اهو لفظ ته نيٺ سنڌي لفظ آهي ۽ ڏاڍو پيارو لفظ ۽ منشا سان پرپور....“

”ها آهي ته سهي....“

اسان کي وچڙئي پنج سال گذري چڪا هئا. مان سوچيو هو ته هن سان شادي ڪندس ۽ پهرين رات ڏاڍي مار ڏيندومانس. سَنڌُ سَنڌُ ڪُٽي ساٽو ڪري رتو رت ڪري اڌ مئل ڪري ڇڏيندومانس، هن مون کي ڏاڍو ستايو هو. پوئنري جهڙي طبعيت هئي هن جي.

ته هي سوچيو هوم ته شاديءَ جي پهرين رات ته مان ڪانئس وسڪي گهرندس وسڪي ايتري ته پيئندس جو پيئندي پيئندي ساهه ڏيان. سڄي رات وسڪي پيئندي پيئندي ساهه ڏيندس.

مون به هن کي جيڏو پيار ڪيو هو اوڏو ستايو به ته هومانس نه جيتوڻيڪ ان ۾ گهٽي پاڳي ڏوهه نيلي جو هو. پر پوءِ مون کي به سوچڻ ڪپندو هو ته يارن سان ڪي ليڪا ڪبا آهن ڇا؟ معاف ڪري ڇڏيانس ها. هر ڏوهه کي معاف ڪري ڇڏيانس ها. پيار ۾ شرط نه ٿيندا آهن، ان معيار تي ته پورو لهان ها. عورتون ته هزارين ملي وينديون. جڳن ڪان پوءِ مان هڪ مرد جي ان قول تي ته پورو لهان ها. جڏهن ته مان عورت جي آزادي جو وڏو حامي هوس. ڇڏيو مون هن کي هو— هن ته ڪونه ڇڏيو هو. مان چو روايتي غيرتمند مرد وارو ناٽڪ رچايو. سڀ ڏوهه گناهه معاف ڪري وچي ڪيس سيني سان لايان ها. مان مرد هئس. منهنجي زنجير وڏيڪ ويڪري دائري ۾ مون کي چرڻ پرڻ جي آزادي ڏني هئي. هن مون کي وساريو ته نه هوندو! اها ته مون کي پڪ آهي. ۽ وقت ڪتي وارن کي ڪهڙي اهميت آهي؟ مان ته هن جو مڙس هوس، ور هوس، مون کي هن جي ننڍين ننڍين غلطين کي معاف ڪري ڇڏڻ کپندو هو نه ڪي عام روايتي مردن جيان وير ونڻ کپندو هوءِ. هوءَ ڏنل ڏنل هئي هراسيل هئي ته هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ جڪڙي ڪيس هر خوف کان آزاد ڪرڻ کپندو هوم.

مان ڪهڙي قسم جو ماڻهو هوس. مان ڪهڙي قسم جو يار هوس ۽ ڪهڙي قسم جو مڙس، بس رڳو روايتي مرد هوس، نيڪ آهي هوءَ رولاڪ هئي ته زنجيرن

۾ جڪڙي گهر ۾ اڇلايانس ها پوءِ سموريون ڪسرون ڪڍانس ها. مون هن کي ڏرتي سڏيو هو ۽ ڌرتي تہ ماءُ سمان هوندي آهي. پوءِ بہ مان هن کي ايڏو ذليل ڪيو. ڪيس ڪجهہ ڏئي نٿي سگهيس تہ ڏکويانس تہ نہ ها. هن جي دل تہ ڏسو جو پوءِ بہ مون کي وساري ڪانہ سگهي هئي. هوءَ مون کي ڪٿي ڳولهي ها؟ هوءَ عورت هئي مان ٿي بہ پير پري ونس وڃان ها. هوءَ تہ انڌيرن ۾ گم ٿيل هئي. مان ٿي سندس هٿ پڪڙي شيتل چندرما جي ڪرڻن هيٺان آڻيانس ها. پيار ۾ ليڪا ناهن ٿيندا. ان کي هڪ وار تہ سچ ثابت ڪريان ها. هڪ وار وڃي تہ ڏسان ها هن وٽ.

هن کي سهاري جي ضرورت هئي جيئن ڪنهن زخميل انسان زخمن کان چُور ٿيل انسان کي سهاري جي ضرورت هوندي آهي. ائين هن کي بہ منهنجي پيار ۽ آڌار جي ضرورت هئي ۽ موٽ ۾ مون هن کي وڏيڪ ڇهڪ ڏنا ۽ ڌياريا. مان ڪهڙي قسم جو دوست هئس هن جو؟ هن جڏهن مون سان ناتو جوڙيو هو تڏهن مان فقط تي سؤ ربيا پگهار ڪٺندو هوس. پوءِ مون هن کي سائي شڪار جو طعنو ڇو ڌياريو هو. جي قوم منجهہ مان سچاتل هئس تہ هوءَ بہ سچاتل هئي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ عورت هجڻ ناتي هن جي سچاڻپ کي ڪا بہ اهميت نہ هئي ۽ مرد هجڻ جي ناتي منهنجي سچاڻپ کي بي پناهہ قوت. سهاري جي ضرورت تہ هر انسان کي هوندي آهي خاص ڪري پنڪيل انسان ۽ معاشري ۾ ڌڪاريل انسان کي تہ وڏيڪ هوندي آهي. پوءِ اهي طعنا مون هن کي ڇو ڌياريا، ايڏو ڪوڙو هوس مان؟ پنهنجي پيار سان تہ مان ڪوڙو نہ هوس. پر مون کي هن تي ڏاڍيون ڪاوڙيون هيون. اصل اڦٽ ماري ڇڏڻ جهڙيون. پوءِ ڪٽي ماري ڇڏيانس ها ۽ جيل هليو وڃان ها. آخر تہ مان مرد هئس. جيل کان ڊنس ڇو ٿي؟ پنهنجي پيار کي ڌرتي سڏي پوءِ ائين ڪروڙين انسانن هٿان ذليل ڪرڻ جو مون کي ڪهڙو ٿي حق رسيو. هوءَ بہ تہ آخر حياتي گهارڻ جو حق رکي سگهي ٿي. اهو حق هن کي ڇو ڦرڻ چاهيو ۽ ڦريو بہ اهڙي طريقي سان جو هو وڃي اونداهي غار ۾ ڪري ۽ انڌيرا هن جو مقدر بڻجي هن کي چئني طرفن کان وڪوڙي ويا. هن کي ائين اڇلڻ جو حق مون کي ڪنهن ڏنو...؟ ڪنهن ڏنو....؟؟ دل گواهي ڏني، هن جي پيار... ها نيليءَ جي پيار، جنهن ايڏو پيار ڏنو هو جو نٿو وساري سگهان. هن سان ماڻيل سنجوڳ جون گهڙيون ۽ ڏنل پيار، پيار سان مهڪندڙ خط بہ رُسي ويل نيلي ڪڏهن تہ موٽ ڪاءُ. توکي ڏاڍو

ساھہ ساري ٿو. اندر منجھان آواز آيو نيلي توکان رنل ڪانهي. هوءَ اڄ بہ توکي ايڏو پيار ڪري ٿي جيترو ڏهہ سال اڳ ڪندي هئي.

”ها تہ ڪوڙو نہ ٿي! پيار ۾ شرط نہ ٿيندا آهن. مون کي بہ تہ اهو ئي ڏسڻو آهي تہ پيار ۾ سچ بہ شرط ڪونہ ٿيندا آهن. پلا جي مان ڪڏهن تنهنجي سامهون درياءَ ۾ ڪِري پوان تہ مون کي بچائڻ لاءِ ايندين لهرن جي لوڏن ۾.“

”نہ مني، توسان ڪهڙو ڪوڙ ڳالهايان مون کي زندگي مني آهي.“

”مون کي بہ وڏيڪ.“

”ها، پارڻ سان پيار اٿم تڏهن ئي تہ توسان بہ اٿم پوءِ حياتيءَ جو ڏيئو تولاءِ ڪونہ اجهائيندس.“

”سچ ٿو چوين.“

”ها مني توسان ننڍا ننڍا ڪوڙ تہ ڳالهائي ٿو سگهان پر ايڏو وڏو ڪوڙ ڪيئن ڳالهايان...؟“

”تو پارڻ کي بہ بورو ڪونهي سمجهيو پوءِ پلا مون کي ڪيئن سمجهي سگهندين؟ مان ٿي توکي ٻڌايان تہ جيڪڏهن ائين ٿئي تہ تون پنهنجي حياتيءَ جي پرواهہ ڪونہ ڪندين، اها مون کي پڪ آهي.“

”ايڏو پروسو اٿئي پنهنجي پيار تي، ايڏو گهمنڊ اٿئي منهنجي پيار تي.“

”اٿم _ تڏهن ئي تہ اها هام هڻان ٿي.“

”اجايا دل کي وبني ڪوڙا آٿت ڏين.“

”چڱو اهو تہ وقت ٻڌائيندو تہ ڪنهن جي ڳالهہ وڏيڪ سچي آهي.“

”پر جي توکي منهنجي رت جي ضرورت پئي تہ آڪاش منڊل مٿان ڪاري گهٽا پٽجي سڄي ڌرتيءَ مٿان رت جي ورڪا ڪندس. جو هي سڄو جڳ رت ۾ ڳاڙهو ٿي ويندو“ اهي لفظ هن مون کي چيا ڪونہ پر مون هن جي سانت منجهان سمجهي ورتا.

”ڇ پوءِ بہ چوين ٿو تہ تنهنجو مون سان پيار آهي. جنهن سان پريت ٿي ويندي آهي نہ تہ پوءِ پريت ڪندڙ جو وجي رڳو سرير بچندو آهي باقي پراڻ پکيئڙي جيان پرڙا ڪري اڏامي ويندا آهن ۽ ڪنهن جي سرير ۾ گهڙي ان جي

رت ۾ سمائجي ويندا آهن. جتي اهو ماڻهو اتي اهي پراڻ هوندا آهن. آتما پٽڪندي رهندي آهي هوائن منجهه. گهٽائن منجهه.

"چانڊوڪيءَ جي ڪرڻن ۾ ڪارين ڪارين اماس راتين جي انڌڪار منجهه. سمنڊ جي هر ڦڙي ۾ هر لهر منجهه سورج جي ڪرڻن منجهه سڄي ڪائنات رولڙي ۾ اچي ويندي آهي. جڏهن ڪنهن جو روح راتين ۾ ڪنهن سان گڏ پٽڪندو آهي. اڙي چريا توکي ڪهڙي خبر ته پريت ڇا کي چئبو آهي. توهان مردن وٽ ته رڳو تارازي هوندي آهي. عورت جي سونهن. وفا. نيڪيءَ بدي هڪ پڙ منجهه ۽ ٻئي پڙ ۾ هوندا آهن. پرک جا وٽ. ڪاٽي هوندا آهن اوهان وٽ عورت سان پيار؟ اوهان کي پيار هوندو آهي، هن جي پاڪدامنيءَ سان. ٻين لفظن ۾ عورت جي منافقيءَ سان."

"تون جو رولاڪ آهين. عياش آهين تڏهن ٿي هر عورت لاءِ اها راءِ ڏين."

"رڳو مان ئي ڇو پر پيارا جي ٿورو گهرو سوچيندين ته توکي هر انسان اندر منجهه ننگو لڳندو. مان به آخر هن ڌرتيءَ تي ڄائي آهيان. هن ڌرتيءَ جا ماڻهو مون کان لڪل ته ڪونهن نه. ٻنهنجي اوگهڙ کي لڪائڻ لاءِ منهنجو هڪڙو وڳو تو روڙي لاٿو ته آهي پر اهو هڪڙو وڳو ٻيلا ڪروڙين انسانن جي اندر ۾ وينل ننگي انسان جي اگهاڙپ لاءِ پورو ته ڪونه ايندو نه؟"

ڏور کان ويٺي منهنجي سنگسار ٿيڻ جو تماشو ڏٺئي پر به پير پري مون تائين رسي نه سگهئين. آخر به ته مرد آهين؟ تون جي منهنجي جاءِ تي بيٺل هجين ها ته مان هن سنسار جا سڀ بندڻ ٽوڙي تو سان گڏ بيهي پٿر کاوان ها. ڪارين گهٽائن جيڪا رت جي ورشا ٻئي ڪئي. ان ۾ مان به تو سان گڏ بيهي رهان ها. اها ته ڌرتي ماتا آهي جيڪا ڪروڙن انسانن جي پيرن هيٺان هوندي به ان اپائيندي آهي ۽ انسانن جي بک اڄ ڪي مٽائيندي آهي ۽ تن ڍڪيندي آهي پر خود اگهاڙي هوندي آهي.

اڄ منهنجي اکين ڪيترو نه رنو هو. ڄڻ ساوڻ جون ڪاريون گهٽائون منهنجي روپ رڪائڻ کي جڏهن جل ٿل ڪري ڇڏئيون تڏهن منهنجي آتما پرڙا ڪري اڏامي وئي. رڳو سرير بچيو. جنهن کي ڪتي به سک نٿي مليو.

هيڪلاين منهنجي سربر کي آهستي آهستي ڳڙڪايو پئي. روح ۾ راڙو مچائيندڙ يادن جي جڪڙ وڃي ٿي مضبوط ٿيندي.

ماڻهن جي ڇيي جڏهن باهہ جون ڇرون ٻڏجي منهنجي سربر کي ڀسم ٿي ڪيو تڏهن تون بہ پريان بيهي گلن اڇلڻ ۾ مگن هئين. ماڻهن جي ڇيڻ جي ڇرن ايترو نہ ايذايو جيترو تنهنجي اڇلايل گلن گهاءَ ڏنا. ٻاروچل اجا بہ مون کي ٿو ڏوراپا ڏين؟"

تون جڏهن ٻين عورتن ۽ زال جون ڳالهيون ڏاڍي اڪير منجهان ڪندو هئين تڏهن مان ان ڪڙاڻ کي بہ امرت سمجهي اندر ۾ اوتي ويندي هئس ۽ ٿڌو مٺڙو منڙو شيتل گنگا جو جل سرڪ سرڪ ڪري اندر ۾ لاهيندي ويس.... ۽ تو.... جڏهن تنهنجي پرک جو وارو آيو تہ مون کي اڪيلو ڪري ماريو ۽ مارايو.

نيليءَ جي پيار گناهن ۾ پناهہ ونڻ ڏي تون پلي وڃي شرافت جي نقلي نيڪيدارن کي خوش ڪر.... نيليءَ کان نيليءَ جا گناهہ تہ نہ کس.... جيڪي نيليءَ جي هستيءَ جو حصو بڻجي چڪا آهن. تون وڃي راڄن کان پنهنجي بي رحميءَ جو داد وٺ. نيلي انڌي ٿي پئي آهي، تہ هن کي پنهنجي انڌي هجڻ تي ناز آهي. اڪين وارن ۾ اها ساڄهہ ڪاٿي رهي آهي جو پنهنجن کي سڃاڻي سگهن.

اسان ڪرسين تي پير ۾ ويهي ڏاڍيون ڳالهيون ڪندا هئاسين. ڳالهيون ڪري ٿڪبا هئاسين. تہ وڃي پلنگ تي ليٽي پيار ڪندا هئاسين ۽ جڏهن پيار منجهان وقتي طور ڍاپجي ويندا هئاسين تہ پوءِ پير ۾ ليٽي سرہاڻن ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳندا هئاسين.

شام جا جڏهن چار وڳا. تہ هوءَ منهنجي پير منجهان اٿي ۽ آئيني ۾ ڏسڻ لڳي. مان سندس پوپان وڃي ڪلهن تي ٻانهون رکي بيٺس جو اسان ٻنهي جو عڪس آئيني ۾ گڏ گڏ ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هوءَ مون منجهہ نهاري شرارت منجهان مرڪڻ لڳي.

"پاڻ ڪَي ڇو ٿو ڏسين؟"

"پاڻ کي پنهنجي اڪين سان نہ تنهنجن اڪين ۾ ذهن سان ٿي ڏسان...؟"

"منهنجي ذهن سان؟ اهو وري ڪيئن ۽ ڇو؟"

”ڏسان ٿي مان ڪي ڪيترو وٽندو هوندين؟“ هن ڦٽي ڏيندي لڳاتار اکين منجهه شرارت ڀريندي ترڇن نظرن سان ڏسندي چيو. پوءِ هن لپسٽڪ لڳائي ۽ اکين ۾ ڪجل ڀريو. مان ڪيس سورنهن سينگار ڪندي ڏسندو رهيس.

”هاڻي ته من لڳي وئين؟“

”ڏاڍي نيٽ ڳوٺاڻي سنڌي ڳالهائيندو آهين.“

”پوءِ سنڌي به آهيان ۽ ڳوٺاڻو به۔ تون به هنن ڪپڙن ۾ نيٽ سنڌي ڳوٺاڻي عورت ٿي لڳين.“

”پوءِ مان به ته تو وانگر سنڌي ڳوٺاڻي عورت آهيان نه.“ هوءَ وري نظرن ۾ شرارت ڀريندي مرڪڻ لڳي.

”مون کي هرڪائين ٿي نظرن سان، ته پوءِ ڪونه ڇڏيندوسانءِ. پلي پوبان تنهنجون ڏيئون رُئن. ڪڏهن وني ته اڄ انهن کي ڏسان ته سهي تنهنجي Creation.“ مان هن کي پيار ڪندي چيو.

”جڏهن مان پنهنجو گهر ٺاهيو تڏهن اچي ڏسجان.“

”هتي ڪونه وني ايندين؟“

”هتي مان ٿي الائي ڪيئن ساهه سڪائي پوءِ پهچندي آهيان.“

”ڪنهن جو ڊپ لڳندو اٿئي.“

”پنهنجن ڏوراپن ڀريل اکين کان. ڪنهن تو جهڙي ماڻهوءَ کان.“

”ڪير آهي اهو...؟“

”آهي ڪوئي۔ ان کي ڏسندي آهيان ته تون ياد اچي ويندو آهين.“

مان هميشه جيان هن کي هيٺ ڇڏڻ هليس. هوءَ جڏهن رڪشا ۾ ويهي وڃڻ لڳي، ته پوءِ ڪجھ وقت تائين هوءَ مُڙي نهاريندي رهي. ان سانجهيءَ جو وقت هو مان پنهنجي دوست وٽ هليو ويس. هن جي يادن کي ساهه ۾ سانڍي پنتي موٽي وڃان ها ته وڏيڪ ياد اچي ها.

”توکان ته چند گهڙين لاءِ آيل عورتون به ناهن وسرنديون ته پوءِ اسان ته حياتيءَ جو ڪجھ وقت گڏجي گهاريو هو. پوءِ رڳو اڌ ڪلاڪ جو دان به ڪونه ڏئي سگهيس هيڏي ساري جيون مان....؟“

هڪ پيري هوءَ جڏهن مون وٽ آئي تہ مان کيس چيو تہ ”ٻين سان تہ ڪونہ گهمندي آهين نہ.“

”نہ۔ اتي ئي آهين جتي اوهان ڇڏيون. اڪيون عبداللطيف ڇئي ماڳ نہ مٽائين.“

”الاءِ مٽان هندستاني گيت وانگر.“

*اس دل کے ٹکڑے ہزار ہوئے کوئی یہاں گرا کوئی وہاں گرا!*

پوءِ بہ دل جي هر ٽڪر منجهان تنهنجي خون جي مهڪ ايندي تہ اج نيليءَ ڪنهن کي قتل ڪيو آهي ۽ منهنجي ئي دل جا ٽڪرا منهنجا ويري بڻجي مون تي ئي ور ور ڪري وار ڪندا.... ۽ ٿيو بہ ائين ئي رولاڪ نيلي نہ رڳو پاڻ کي مٽايو پر منهنجي هستيءَ کي بہ مٽائيندي وئي ۽ پنهنجي پويان پنڌ پيچرا بہ لٽيون وئي. ڪٿي ڳولهيان ها هن رولاڪ نيليءَ کي.

هڪ ڏينهن جڏهن مان هن جي شهر آيس. تہ هوءَ مون سان ملڻ آئي. مان هوٽل ۾ ڪونہ هيس. تہ هوءَ منهنجي پويان دوست وٽ آئي. اتي مان ۽ ڪجهہ پيا يار وينا هئاسين. اسان ڪجهہ وقت ويهي. پوءِ وري واپس هوٽل آياسين. ڳالهين ڪندي هوءَ چوڻ لڳي: ”هڪ ڏينهن مان رڌڻي ۾ بيني ماني پچائي. تہ ريڊئي تان آواز آيو جيڪو ڪجهہ ڪجهہ سڃاتل پئي لڳم.“

”پوءِ۔ تو آواز ڪونہ سڃاتو؟“

”پانيان ٿي تنهنجو آواز هو. ريڊئي تان خبرون پئي پڙهيئي. نالو اڳ ۾ ئي News Reader ٻڌائي چڪو هو. ان وقت ڪجهہ گوڙ هو ۽ ننڍڙي سنڌيا رني پئي. تنهنڪري نالو تہ ٻڌي نہ سگهيس. باقي خبرون سڀ ٻڌم. خبرن کان وڌيڪ تنهنجي آواز ٻڌڻ ۾ مگن هيس. پانيان ٿي تہ تنهنجو آواز هو.“

”مان ئي تہ هيس.“ مان هن تي ڪاوڙ ڪندي چيو. ”مان توکي ياد بہ هجان تہ آواز سڃاڻي سگهين ها.“

”سڃاتم تڏهن تہ توکي چوان ٿي. تہ تون ئي هئين نہ؟“

”ها۔ مان هيس.“

”ڪاوڙجي ويو آهين نہ؟“ هوءَ منهنجي اڳيان ٿورو جُهڪي بيٺي. ”پري ٿيءَ ۽ ائين ڇو بيٺي آهين؟ سڌي ٿي بيهہ.“ اها منهنجي ٻهرين ڪاوڙهئي هن مٿان.

بي ڪاوڙ مون کي هن تي تڏهن آئي جڏهن ڪافي عرصي کان پوءِ هن خط لکيو ۽ سو به مختصر. بس ٽي چار سٽون ته هيون ۽ مخاطب ٿيڻ جو انداز اهڙو جڻ ڪنهن ڊائري کي خط لکيو هجائين. مان به موٽ ۾ ايترو مختصر ۽ رُکو جواب ڏنو مانس. جڏهن اسان وري هڪ پيرو ملياسين ته پاڪر پائيندي چوڻ لڳي: "اهڙو رُکو ۽ مختصر خط تو ڇو لکيو هو...؟"

"تو به ڏاڍو منڙو خط لکيو هو نه؟ هيترن مهينن پڄاڻا خط لکيئي سو به اوبرن جيان. تڏهن مون کي توتي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي."

"مون ته ڊپ وچان توکي ائين خط لکيو هو ڇاڪاڻ ته سمجهيم پئي ته تون مون کي وساري ڇڏيو هوندين."

"توکي مون کان ڊپ ڇو لڳندو آهي. مان ڪو توکي ڪُهي ڇڏيندس ڇا؟"

"موت کان ڪير ٿو ڊڄي؟ مرڻو ته هر ماڻهو کي آهي نه؟ ۽ جي تون مارين ته ڏاڍو چڱو- دل خوش ڪري ڇڏيندين."

"پوءِ باقي ڪهڙو ڊپ اٿئي؟"

"تون متان مون کي وساري نه ڇڏين. اهو ڊپ لڳندو اٿم."

"اِڙي- ڇري توکي ڪٿي وساري سگهندس. مون کان ته اهي عورتون به ناهن وسرنديون جيڪي وقت ڪٽڻ لاءِ گهرائيندو آهيان. تون ته منهنجي پنهنجي آهين نه...." جهٽ رکي چيائين.

"تنهنجين ڪهاڻين ۾ ايتري ڪڙاڻ ڇو هوندي آهي؟"

"ڪهاڻي تن جذبن منجهان جڙندي آهي, هڪ تجربو ٻيو مشاهدو ۽ ٽيون Imagination. پوءِ جيڪي ڪجهه مون هن ڌرتيءَ تي ڏٺو ۽ ڀڏو آهي؟ اهو ئي منهنجن ڪهاڻين ۾ به هوندو آهي ۽ ڪي ڪي جملا بس ائين ڪهاڻيءَ کي سونهن بخشڻ لاءِ لکندي آهيان, جيئن پڙهندڙ بور نه ٿين."

پوءِ اسين ڊار ٽي وياسين هن سان ملئي ڏينهن گذري ويا پر سندس ياد ائين تازي آهي جڻ ڪي ٿورڙا پل گذريا آهن.

□

# ڳوڙهن جي ريکا

ادا وينئي کٽ تي ماني کاڌي، سندس نيرن ۾ چانورن جي پليٽ هئي، ٻه گرم گرم اقراتا ۽ تريل پينديون، ٻه انب. جي وٽي ۾ پڳل هئا. زرد زرد انبن مٿان برف جا ٽڪر پيل هئا ۽ هڪ پليٽ ۾ تريل مڇي به پئي هئي. ادا ٿرماس مان پاڻي اوتڻ لڳو. ڏهن ٻارهن سالن جي ننڍڙي انور وينئي ادا مٿان جهلي هلائي. جهلي هلائيندي انور سجوئي پئي لڏيو ڇو ته جهلي سندس وٽ کان گهڻي ڳوري هئي. گهر ۾ چپ لڳي پئي هئي. رکي رکي نم منجهان کانوَ جي کان... کان ٿي آئي ۽ گهٽو پري کان سونٽيءَ جي سنڪي جو آواز ٿي آيو.

پرسان واري ٽيبل تي ادا جا ڪتاب رکيا هئا، جيڪي تقريباً سيئي فلسفي جا هئا ۽ دنيا جي وڏن وڏن مفڪرن جا لکيل هئا. مٿان ئي مٿان خليل جبران جو ڪتاب ”خدا ۽ ديوتا“ رکيل هو.

مون وينئي نم هيٺان ”مشين ۽ مزدور“ پڙهيو. نم جي تارين ۽ پنن سان ٽڪرائجي ٿوري ٿوري اُس به ٿي آئي ۽ هوا جي لڳڻ ڪري تاريون لڏن پيون. ته ان سان گڏ اُس جا پاڇولا به هيڏي هوڏي ڦري رهيا هئا.

”زبيده، ڇا وينئي پڙهين؟“ ادا جهرڪين جي نئين آيل ولر ڪي ڏسندي چيو.

”مشين ۽ مزدور“. مون فخر منجهان ادا کي ڏسندي چيو. فخر سان انهيءَ ڪري جو اهو ڏاڍو خشڪ هو ۽ خشڪ ڪتاب ڇوڪريون گهٽ ئي پڙهنديون آهن.

”اهو ڇا جي لاءِ ٿي پڙهين؟ انهيءَ ۾ ته نلهي بيوقوفي لکيل آهي.“

”توهان جو ڪتاب پڙهيل آهي ڇا؟“ مون کي تعجب لڳو ڇو ته ڪتاب ۾ ته ڪائي بيوقوفيءَ جي ڳالهه ڪانه لکيل هئي. ڪتاب ۾ صنعتي انقلاب بابت لکيل هو ته پهريون ڪيئن نه مشين کي ۽ انهن جي اوزارن کي شيطاني ڪم سمجهيو ويندو هو. پلا هن تاريخي ڪتاب ۾ ڪهڙي بيوقوفي ٿِي ٿِي سگهي؟

”نہ نہ مان ٿو اهڙا چرپائپ جا ڪتاب پڙهان، جن ۾ ڪائي ناليج ڪانهي. رڳو پيٽ جي پوڄا هوندي آهي، ڪميونسٽن جي. هيڏي وڏي حسين ڪائنات ۾ رڳو ماني ئي ٿي نظر اچين ڪميونسٽن کي.“

”بکئي جي لاءِ ماني تہ سڀ ڪجھ ٿيندي آهي. ڪنهن بک جي ماريل انسان کي فلاسافيءَ جا ڪتاب ڇا ڏيندا. قدرت جا حسين نظارا ڇا وندرائيندا، جن جو سڄو وقت ماني حاصل ڪرڻ ۾ ٿو گذري، سا بہ اڌ پوري ۽ سادي، ڪڏهن تہ اها بہ نہ.“

”پر تون اهي ڇاجي لاءِ ٿي پڙهين. تون جبران کي پڙھ. شيڪسپيئر ۽ نٽشي کي پڙھ، جن ۾ ڪلا آهي، بيوٽي آهي ۽ اهو ڀيڄ ڇا نہ آهي انهن ڪتابن ۾.“ ادا ٽيبل تي رکيل ڪتابن کي داد ڀرين نظرن سان ڏسندي چيو.

مون در مان سائڻ کي ايندو ڏٺو ۽ منهنجو سڄو ڌيان اوڏانهن هليو ويو. سندس هنج ۾ نبل ۽ ميرو ٻار هو جنهن جي ميرن ڳلن تي مکيون ڀڻ ڀڻ ڪنديون ٿي آيون. سائڻ جي پنيان ئي سندس ننڍڙي ڌيءَ ڊوڙندي آئي. جنهن کي پراڻو چولو پيل هو ۽ ننگون اگهاڙيون هيس. ماءُ جي چوڏاري ٽنگن کي پڪڙي ڦرڻ لڳي.

سائڻ ڌيءَ کي ڌڪ هڻي چيو ”ائي ڇڏ تہ سهين، مئي.“

”وڏيرا پگهار ڏي، ٻن مهينن کان ڪانہ ملي آهي، ٻچڙا بک ٿا مرن، راتو ڪر لنگهڻ تي آهن.“

”هينئر تہ وڃ، پوءِ ملندئي، اڃا چيئرمن جي آفيس مان ڪانہ آئي آهي.“

”وڏيرا ائين نہ ڪر، پنج رپيا ئي ڏي، ٻچڙا بک ٿا مرن.“

”ٻڌئي نہ! هينئر ڪونہ آهن، وڃ هلي.“ ادا ڪاوڙ ۾ لال ٿيندي چيو.

”اَئي رن ٻڌئي نہ وڏيرو پائنئين تہ ڪوڙ ٿو ڳالهائي. رنون اوهان تہ جڏهن تڏهن بکيون آهيو اوهان جو تہ پيٽ ئي نٽو ڀرجي. مانيءَ مٿان ڇو ويٺي آهين، نظر هٽنديئن ڇا؟ پوءِ اچي ڳالهائجانس.“ پڦيءَ ٽانوَ ملينديءَ رڙ ڪئي.

”جيجي توکي ڇا هي، بک تہ اسان ٿا مرون.“ سائڻ چپن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪندي اچي منهنجي پرسان ويٺي. سندس اکيون جهڪيل هيون ۽ پنهنجي پير جي

آگوني سان مٿيءَ کي کوٽڻ لڳي، سندس اکين مان بہ ڳوڙها ڳڙي ڏرتيءَ تي اچي پيا.

”سائڻ روئين ٿي! ويھ بيٺي ڇو آهين؟“

”نہ ادي، ڪٿي ٿي روئان.“ سائڻ منهن ڦيري رئي جي پلوَ سان ڳوڙها اگهڻ لڳي ۽ وري ڇپن تي زوري مرڪ آڻي چوڻ لڳي: ”ادي اوهين خوش تہ آهيو نہ.“

سائڻ پنهنجي ڳالھ کي ڇڏي وري چيو: ”ادي ڪو ٻاروٽو ساروٽو مانيءَ پور پيل آهي. هجي تہ هن کي ڏيان.“ پنهنجي ڌيءُ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، جيڪا ادا کي ڪائيندي ڏسي ماني گُهري رهي هئي.

مون اٿي وڃي ڪٻٽ ۾ ڏٺو پيو تہ ڪجھ ڪونہ هو ميري دٻڪيءَ ۾ چانورن جي مانيءَ جو سڪل ٽڪر پيو هو جيڪو بہ سجو ڪِولن سان ڪارو لڳو پيو هو. مون جيئن دٻڪي کنئي، سپ ڪِولِيون مانيءَ کي ڇڏي منهنجي ٻانهن تي چڙهي آيون. ماني پٽ سان چنڊي وڃي سائڻ کي ڏنم ۽ ڪِولِين کي هٿ سان چنڊڻ لڳس. جيڪي ان وچ ۾ منهنجو ماس ئي پٽي ويون هيون. سائڻ جي هٿ ۾ ماني ڏسندي ئي ڏيڻس سٽ ڏئي ڦري ورتي ۽ ڊوڙي وڃي پري ڪائڻ لڳي. گهڙي هڪ پير تي ٿي بيٺي تہ گهڙي ٻئي تي. مانيءَ کي پنهنجي هٿن ۾ ڏسي خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپي.

”ڇوري، مانيءَ پور پاءُ کي بہ ڏي“ سائڻ ڌيءُ کي چيو. پر هوءَ ڪٿي ٿي ٻڌي. هن کي تہ ماني ملي هئي، ڄڻ خدا مليو هو. سائڻ پٽ کي ويهاري ڌيءُ ڏانهن وئي. پر تيسين هوءَ ڊوڙي وڃي صندل تي بيٺي. ماٽس هڪ طرف کان اچي تہ هوءَ صندل جي ٻئي طرف پڄي وڃي بيٺي ۽ ماءُ کي شرير ترڇين نظرن سان ڏسي وٺي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳي. کلڻ سان سندس ڪارڙن معصوم ڳلن تي ننڍڙو ڇُڳھ ٺپي پيو ٿي.

”آئي ڇوري ڪِرنديءَ. ڏائڻ. پاءُ کي بہ ڏي نہ مانيءَ پور. ڏس هو ليئڙي پيو.“

”هل، هل، سو ڏيانس؟ مان ڪانوان ڪي هن کي ڏيان. ٽُڪل تہ آهي.“

”ڏس، ڏاهي ٿيءَ. پلا مون کي ڏي، امڙ آهيانءِ..... مون کي بہ ڪونہ ڏيندينءَ.“ سائڻ پنهنجي چيلھ تي هٿ رکندي چيو.

”نہ نہ سو ڏيان، تون ولي (وري) هن کي ڏين“. ننيڙي ڇوڪريءَ ٻئي هٿ پنتي ڪندي چيو: ”وئي، ڪانءَ کني ويو.“

”ڏس ادي، ڪيڏي سياڻي آهي، لڪائي چوي ٿي تہ ڪانءُ کڻي ويو.“

ڏيڏس، پاڻ مانيءَ کي آزاد ڏسي، وري جُهمر هڻڻ لڳي. مانيءَ جو ٽڪر هڪ هٿ ۾ جهلي ۽ ٻيو وات ۾ وجهي، هٿن ۽ پيرن کي ناچ جي انداز سان ٺاهي آ..... آ..... هو ڪري ڳائڻ ۽ نچڻ لڳي.

ادا بہ ماني کائي بس ڪئي هئي، سو بہ اچي نم هيٺان سائڻ جي ڏيءَ کي ڏسڻ لڳو: ”ڏس زبيده، اٿس ڪا پرواهہ بک جي، ڪيتري نہ خوش پئي لڳي. آهي اسان کي ايتري سچي خوشي حاصل!“ ادا سيٽي وڄائيندي چيو ۽ چپن ۾ گاني جي ڌن گنگنائڻ لڳو. هيڪر آيم تہ چوانس تہ انهن بکايل پورهيتن کي ننڍپڻ ۽ جبران جو فسلفو ڇا خوشي ڏيندو پر پوءِ ماٺ ڪٽي ڪيم.

سائڻ جي ڏيءُ اسان سيني کي پاڻ ڏانهن ڏسندو ڏسي نچڻ ڇڏي ٻيهي رهي ۽ پنهنجا ٻئي هٿ منهن تي رکي، وٺين مان ماءُ کي ڏسڻ لڳي ۽ اوچتو ٽپ ڏئي صندل تان هيٺ لهي آئي ۽ اچي ڀاءُ جي پرسان بيٺي، جيڪو اڃا تائين مٽيءَ تي سٽل هو ۽ سڏڪا پئي ڀريائين. ”ها..... وٺ ماني.....؟ وٺ نہ ماني..... ائي سورا وٺ نہ.....؟ ائي الا وٺ نہ..... سورا ونين نٿو.“ هن ڀاءُ کي ٻانهن کان اُٿاريندي چيو ۽ ماني کڻي ڀاءُ جي جهوليءَ ۾ وڌائين، هو تيئن زور زور سان روئڻ لڳو. ننيڙي ڇوڪريءَ ڀاءُ جو مٿو پنهنجي گوڏن تي رکي، ٿڦڪي ڏيڻ لڳي، جنهن تي ڳلن تي هاڻي ڳوڙهن جي سڪل لڪير باقي وڃي رهي هئي.

(’روح رهاڻ‘ جولاءِ 1968ع ۾ ڇپيل)

□

# احساس جا ڇَڪَ

سوچ ڪيڏي نہ عذاب ڏيندڙ شيءِ آهي ـ هر روز سج اڀري ايندو آهي، وٽي نہ وٽي ڏينهن پر سورج ديوتا پنهنجا ڪرڻا هر شيءِ مٿان ڦهلائيندو آهي ـ سندس ڪرڻن جي ڇهاءَ تي ڪيتريون مکڙيون ٽڙي گل بہ ٿينديون آهن ـ سورج جا ڪرڻا جڏهن پنل پنل پنن ۾ پنکڙين تي پوندا آهن ۽ ڌرتيءَ تي ڪرندا آهن، تہ انهن جي نمي پاڻ ۾ جذب ڪري وٺندا آهن ـ ائين جيئن نو ورني ڪنوار سندر سپنن کي جڏهن اهي ئي ڪرڻا سمنڊ جي مٿان ڪرندا آهن، تہ جڻ سوين ڪروڙين تارا آسمان ۾ ٽمڪندا آهن، جهل مل ڪندڙ ديپ لهرن جي مٿان وکري ويندا آهن جڻ سمنڊ، سمنڊ نہ هجي. وشال گگن هجي، جڻ رڻ پٽ جي رڃ هجي ـ سمنڊ جي گهرائي ۾ ڇا هي سورج ديوتا جوان سان ڇا؟

پاتال ۾ کهڙا منڊ منڊيل آهن تن سان ڪرڻن جو ڇا؟ هو تہ سوجهرو ڦهلائيندا آهن ـ من ۾ پيلي ڪکر ڪارونيار هجن ـ سورج اڀرندو ۽ ڏينهن ڪندو اندر ۾ پيلي ڪاري اماس جي رات واري انڌڪار هجي، تنهن سان سورج جو ڇا؟ منهنجي من ۾ جڏهن ڪاري بات اونده هجي نہ تہ تون نہ اڀرندو ڪر سج ـ سچ ٿو چوان اصل ڪونہ وڻندو آهين، ڪرڻن کي ڪنهن بي هنڌ وکيريندو ڪر ـ تُنهنجي اڀرڻ سان مون کي هرويرو ماني ڪاٽي پوندي آهي. اجايو گڏهن جيان وهندو آهيان ـ تن کي سينگارڻو پوندو آهي، پوءِ پيلي دل نہ مڃي ـ پر سج جا ڪرڻا پاڻ سان گڏ حڪم نامو کڻي ايندا آهن تہ زندگيءَ جي نار ۾ اٽي وهو اکين تي کوپا چاڙهي ان گول دائري اندر صبح کان شام تائين چڪر ڪاٽيو ـ مون کي نہ وڻندو آهين. سج ڪڏهن تہ پاڻ سان گڏ اونده بہ کڻي ايندو ڪر جيئن هن دنيا ۾ ٿيندڙ پاپ کي اکيون نہ پسن ـ ظالم جا ڏهڪاءَ ۽ ڏيا جهڪا جهڪا نظر اچن.

ڏس پرين مون کي تنهنجو هڪ ڪرو هميشه ساڳيو روپ نہ وڻندو آهي. منافق لڳندو آهين. ڇا هن ديس جون ڳالهيون توکان ڳجهيون آهن ـ يا انسانيت جي منهن تي مليل ڪارنهن توکان لڪل آهي.....؟

پوءِ ڇو روز اپري ايندو آهين؟

توکان ته چنڊ سٺو آهي ڪڏهن پاڻ سان ڪاريون اونداهيون اماس جون راتيون کڻي ايندو آهي ته ڪڏهن چوڏهين جي چانڊاڻ ته ڪڏهن ڪارين راتين ۾ تارن جي جهرمٽ ۾ ڪنڌ نمائي جهڪو جهڪو بيٺو هوندو آهي. ان بيوهه عورت جيان جنهن جي حياتيءَ مٿان سدائين ڪڪرن جو ڪارونڀار هوندو آهي. ڏس نه هو پاڻ سان گڏ اوڙنيهه جي اونداهي به آڻيندو آهي ته چوڏهين جي چانڊاڻ به چنڊ مون کي يتيم ٻار لڳندو آهي. بيوهه عورت لڳندو آهي ڪڏهن پريءَ ۾ ته ڪڏهن پاڪر ۾ـ اهو ته سمنڊ آهي جو جڏهن انسانن جا ڪارانيل بدن منجهس ڊوبي اجرا ٿيندا آهن ته اِها ڪارنهن ڪڪرن جي صورت ۾ تو مٿان اڇليندو آهي. تڏهن ڪڪرن سان گڏ تون به روئي ڏيندو آهين ـ انسان ڪيڏو دک من سانڍي ٿا هلن، هونءَ جيڪر ان جي خبر نه پوي تون صدين کان ساڳيو آهين ـ توکان ڪاٻه ڳالهه ڳجهي ڪانهي ـ ڌرتيءَ تي ٿيندڙ رتوڇاڻ انسانن جي اندر ۾ پلجندڙ پاپ، انسانيت جي منهن تي مليل ڪارنهن، تون پنهنجن ڪرڻن ۾ جذب ڪري وٺندو آهي، جڏهن ڪرڻن جي ڌرتيءَ مٿان ورڪا ڪندو آهين ته جيئن تتل واري تي برسات جون بوندون جذب ٿينديون آهن. تيئن تنهنجي ڪرڻن ۾ ڌرتيءَ جا پاپ، پوءِ به تون ڪيترو نه روشن آهين ـ تو منجهه ڪيڏي شڪتي آهي.

ماڻڪ اتان روز لنگهندو هو. ان رستي تي هڪ فقيرياڻي وينل هئي ـ اڳيان ٻار ٻيل، پرسان وهندڙ گندي نالي جو پاڻي ـ پرسان ئي گند جو ڍير ـ ان جي پير ۾ وينل مائي، مائيءَ جي اڳيان وينل ٻار، ٻار جون ٻئي ٽنگون سڪل، ٻئي ٻانهون ڪاني جهڙيون ـ هڏن جو ڍانچو ٿيل ٻار.... ميرو گدلو ٻار ـ ٻار جون ٻئي ٽنگون سڪل ـ ٻئي ٻانهون مڙيل ـ ان ٻار پنهنجي سڪل ڪانين جهڙي ٻانهن وارو هٿ ڌري گهٽ سڄو ئي وات ۾ وڌل ـ ماڻڪ جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي ـ هڪ پل لاءِ هن جي اکين اڳيان اوندهه انڌوڪار ڇانئجي وئي. هو هڪ پل لاءِ اتي ئي بيهي رهيو. اڌ وهيءَ جي ماءُ اجرڪ ۾ ويڙهيل ڪپڙا ليڙون ٿيل، ماڻڪ کي لڳو ـ هوءَ ماءُ ناهي، ماءُ جي مقدس رشتي تي پليت ٽڪو.

ڇا هيءَ عورت هن ٻار جي ماءُ آهي؟ نه نه ـ ائين هجي ها ته هيءَ عورت پنهنجي ٻار کي ناليءَ جو ڪيڙو ٿيڻ نه ڏئي ها ـ سندس اکين اڳيان گند جي ڍير ۾

ستل آهي- گند جي ڍپ ۾ تتل ڌرتيءَ تي هن جي ماءُ ممتا کي ابڙڪا نٿا اچن؟ هيءَ ممتا جو ڪهڙو روپ آهي........؟

سوچون هيون جي ماڻڪ کي جهڙن جيان اچي چُهنڊيون- ماڻڪ کيسي ۾ هٿ وڌو ڪجهه پيسن ڪيڍڻ لاءِ- پر ڪجهه سوچي هن خالي هٿ ٻاهر ڪڍيو.

”مائي ڇا هن معصوم کي تو ڪمائي جو ذريعو سمجهيو آهي.....؟ جوان کي ائين ڇيڇلائي مارڻ سان به توکي سيسراٽ نٿو اپري- ائين عذاب ڏئي مارڻ کان ته چگو اٿئي هڪ وار وجي سنڌوءَ جي لڙانيل پاڻيءَ ۾ اڇليس“.

”اڙي- نه ڙي ابا اَمڙ ائين ڪبو آهي- جيترا ڏينهن اٿس گذاري وينو- مان پنهنجن هٿن سان ڪيئن ماريانس“.

هو وري سڏو تي بيٺو:

”الائي هن غريب جا عذاب جا ڏينهن ڪڏهن کٽندا؟“ سورن هاڻي حياتي اڻ کٽ هوندي آهي يا ان جا پل به صدين جي برابر هوندا آهن. هن جيئنامڙي جي اوسر ان تتل واريءَ ۾ ٿيٽي آهي- گند جو ڍير ۽ پرسان وهندڙ ناليءَ جو پاڻي هن جا تول آهن ۽ مکيون خوراڪ“.

آهه ماڻڪ جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا هن جي دل ۾ آيو ته وڏي مائي جون اکيون ڪڍي، جن جي اکين سان هوءَ اِهو ڪراهت جهڙو منظر ڏسي سگهي ٿي- پنهنجي لال کي ائين ڪيڙي جيان چُرندو ڏسي گهي ٿي - ڇا مذهب جي آفيم اسان کي ايڏي اگهور ننڊ ڏني آهي- عورت ته رحم ۽ نيڪيءَ جو Symbol آهي- سندس ڪک مان سونهن جنم ورتو آهي ته سونهري سنگن جيان مکڙيون ۽ گل نڙندا آهن.

سونهن.... ..... سندرتا جي ديوي ڇا ايڏي به ڪنور ٿي سگهي ٿي، اِهو ته هن سوچيو به نه هو.

مجان ٿو معاشرو انسان جي ڪردار کي ناهڻ ۽ بگاڙڻ ۾ اهم رول ادا ڪندو آهي. ڪمزور ۽ نبل ماءُ جي ڪک مان اهڙا ڪيڙا ئي جنم وٺندا آهن.

”هون- امر ائين ڪيو آهي- تون آهين هن جي عذاب جو ڪارڻ. تون تون هن جي ارمانن جي قاتل- سکن جي خوني آهين- چنگيز ۽ هلاڪوءَ تي اجا تائين پٽي ڦتڪار وسي- پر تون ان کان وڌيڪ ڪنور ۽ بيرحم آهين. هٽلر پنهنجي

طبقي ۽ قوم سان تہ سچو هو پر تون تہ پنهنجي رت سان بہ سچي ناهين- پر تون رڳو پاڻ سان سچي آهين. دنيا جو ڪو قانون ٺهيل ڪونهي جو تنهنجي ڳچيءَ ۾ سرڪڻ ڦاهي اٽڪائي- تون ماءُ آهين- توکي رستن تي انساني نسلن کي ائين چيچلائي مارڻ جو حق آهي. ان پاپ لاءِ ڪو قانون ڪونهي ڇو تہ تون ماءُ آهين- پيغمبرن... اوليائن....... صوفين سنتن ۽ سنياسين کي جنم ڏيڻ واري- ليڊرن ۽ فيلسوفن کي جنم ڏيڻ واري- رهزنن ۽ قاتلن کي جنم ڏيڻ واري ۽ نہ ڄارن کي جنم ڏيڻ واري بہ تون ئي آهين- انهن سوچن ماڻڪ کي درد ڏنو هو ۽ ان درد ماڻڪ جي اکين کي لڙڪ ڏنا هئا- پر اِهي ڳوڙها هن ڪڏهن پٽ تي ڪرڻ نہ ڏنا هئا- هن کي خبر هئي تہ دنيا ۾ هر هنڌ انڌير لاءِ سزا آهي ۽ دنيا ۾ هر مسئلي جو ڪو نہ ڪو حل آهي- مسئلا جيڪي هن معاشري کي ڦٽن جيان ڇهتيل هجن جن جو ڪو انت ڪونهي جن جو سلسلو اڻ کٽ آهي.

هي جيل..... هي ڪال ڪوٺڙيون. ڦاسي گهاٽ انهن ڦاسي گهاٽن ۾ بي گناهن جا لٽڪيل لاش- هي انڌن، ٻوڙن، گونگن جو جهان- جتي انڌير کي چرچو ۽ ظلم کي مردانگي ٿو سمجهيو وڃي- جت ڏکن جي حياتيءَ کي قدرت طرفان مليل ورثو ٿو سمجهيو وڃي. سماج جي نيڪيدارن ۽ انياءُ سان اٽڪڻ جو ڪنهن ۾ حوصلو ڪونهي. ماڻڪ وٽ سوچون هيون جن جو ڪو ڪاٿو ئي نہ هو. سوچون هيون جو آنڌيءَ جيان سندس دماغ جي تهہ خانن ۾ رستل انسان کي ڪوٺي چڙهيو هو- هو آفيمي حياتي گهارڻ جو عادي بڻجڻ نہ پئي چاهيو- ماڻڪ وٽ فولاد جيان مضبوط سوچون هيون- سوچڻ جي آنڌي جڏهن هن جي بند دريچن کي سٽاڪ ڪري کولينديي هئي، تڏهن هو ان منجهان ٻاهريون ڏيک ڏسندو هو. رت هاڻيون ڪهاڙيون ۽ بندوقون ڏسندو هو- مٿا ڦاٿل لاشن جا ڍير ۽ چرندڙ لاشن جا ڍير هو ڦاسي گهاٽن ۾ بي گناهن جا لٽڪيل ڏسندو هو. وک وک تي موت ۽ انياءُ سان اٽڪڻ وارا گڏيا هئا فولادي ۽ رڪ جيان مضبوط انسان.

شاگردن ۾ جيئن چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ وير چڙهندي آهي، نيڪ ان طرح سان جڏهن بہ ڌرتيءَ تي ريڙهيون پائيندڙ انسانن کي ڏٺو- تڏهن هن جي من ۾ انقلاب لاءِ اڌما جاڳندا هئا- سوچن جو اڻ کٽ سلسلو ذهن ۾ آنڌيءَ جيان گهڙي ايندو هو.

ماڻڪ جي هيٺان تتل ذرتي هئي ۽ مٿان اونهاري جو ساڙيندڙ سج هو. سج جيان اُلا ڇڏيندڙ ذهن ۾ باهه جا پنبيت هئا. ماڻڪ جو جسم سڄو پگهر ۾ ٻڏل هو. ان مهل هن جي ڪنن تي نعرن جو پڙلاءُ پيو.....

”جنگ اسان جي جاري آهي جاري رهندي“.

جيئن پوءِ تيئن آواز ڇتا ۽ ويجها ٿيندا ٿي ويا. ماڻڪ به پنهنجي احساس کي چپ ڏئي اڳتي وڌيو ۽ تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو ان ميڙ ۾ ملي ويو. ائين ٿي جيئن گهري سمنڊ جي بي انت پاڻيءَ ۾ ڪا ندي اچي گڏجي ملي ته هڪ ٿي وڃي.

□

# پيگل ڪبوتر

سياري جي سرد هوائن وري گهُلڻ شروع ڪيو هو. اِهي سرد هوائون جن پاڻ سان گڏ پرينءَ جون يادون ته آنديون ٿي، پر ڪيس ڪڏهن به ساڻ نه آندائون. ڇو ايندڙيون آهيو. سرد هوائون. جڏهن منهنجو پريمي ساڻ نه هوندو اٿو...؟ آه! اِهي سرد هوائون هينئين کي ڳارينڌڙ هوائون. دل جي زخمن تان ڪرنڊون لاهي زخم تازا ڪنديون وينديون آهن.

سياري جون سرد هوائون...
هينئين کي ڳاريندڙ هوائون...
هردي ۾ گهڙي ويندڙ هوائون...

لونءَ لونءَ کي ڪانداريندڙ هوائون. هر پل گهلي يادن کي مون وٽ سٽي ڪاڏي گم ٿي وينديون آهيو....

هوءَ منهنجي جيون ۾ هوا جي جهوٽي جيئن آئي، منهنجي لڱن کي پنهنجي مهڪ ڏئي، ساهن کي سوداءُ ڏئي هلي به وئي. پوءِ مون هن کي چرين جيان هر هنڌ ڳوليو پر هوءَ مون کي ڪٿي به نه ملي، نردئي ساهن کي سوداءُ ڏيئي پنهنجا سمورا پنڌ ۽ پيچرا پنهنجي پويان لٽيون وئي هئي. رهجي وئي هئي من ۾ ياد. هوءَ منهنجي ئي، جنم جنم ۾ مون سان گڏ رلندي رهي آهي — مان ڪيس وساري نه ٿي سگهيس — مان هن جي باري ۾ ايڏو Possessive ڇو هيس....؟ شايد هن سان ايڏو ئي گهرو سبنڌ هيم. نه ته هيترن سالن کان پوءِ به هوءَ مون کان وسري ڇو ڪونه ٿين؟ آهه ڪٿي ائين گس ويندي نظر به اچي ويندي هئي ته جڻ ڪنهن من ۾ تکي ڪٽيندڙ ڏار لاهي ڇڏي هجي — نيڻ پِڇي پوندا هئا. هوءَ مون کان رنل جو هئي — مون کان نفرت جو هيس. مان پانيان ته ڪيس هوائون به نه ڇهن ۽ هوءَ ائين رلندي وتندي هئي ڄڻ نڌڻڪي هجي — ڄڻ ڪو سندس پنهنجو نه هجي — هوءَ ائين ڇو هئي....؟

هوءَ ۽ مان ٻئي هڪ ئي اداري ۾ ڪم ڪندا هئاسين. ڪم جي نوعيت ساڳي هئي، ڪڏهن ڪڏهن ائين رستي ويندي هوءَ مون کي ڏسڻ ۾ ايندي هئي —

هوءَ هن آفيس ۾ نئين هئي ۽ مان يارنهن سالن کان اتي ڪم ڪري رهيو هوس. هوا ڪثر پنڌ ويندي هئي. لڳندو هو تہ هوءَ وڻن سان، هوائن سان ۽ آڪاش سان ڳالهيون ڪندي ويندي هجي. مان هن کي سڃاڻندو هوس پر هوءَ نہ هوءَ نئين جو هئي.

هڪ ڏينهن هوءَ اڪيلي وئي پئي، مان هن جي پر ۾ گاڏي بيهاري ۽ گاڏيءَ کان ٻاهر نڪري آيس. گاڏيءَ کي ٽيڪ ڏئي بيهندي چيومانس:

”هلو تہ مان ٿوا اوهان کي ڇڏي اچان“....

”نہ... اوهان جي مهرباني، هو پريان منهنجو گهر اڇهو ٿوري ئي پنڌ تي آهي. مان پاڻ ئي هلي وينديس“....

مون هن سان ضد ڪيو:

”نہ... اوهان هتي ترسو پويان جاءِ ڪانهي، سامان رکيل آهي، سامان گهر ڇڏي اچان تہ پوءِ اوهان کي وري ٿو اچي کڻان. ڏسو نہ اُس تمام تيز آهي اوهان پنڌ نہ وڃجو“....

”اس تہ هميشہ تيز هوندي آهي. رڳو اڄ تہ ڪانهي...؟“

هن سان گڏ هن جي دوست هئي. هوءَ اتي بيهي رهي. ان وقت اُس ڪافي تيز هئي. هن جو گهر تمام ويجهو هو. مان سامان رکي جلدي موٽي آيس.

”مون کي ڏپ هو تہ اوهان هليا ويندا“.

”اوهان اجايو تڪليف ڪئي ۽ هونءَ بہ اسين جيتري دير تيز اُس ۾ بيٺا هئاسين ايتري وقت ۾ گهر بہ پهچي وڃون ها. اڇهو هو پريان ٿوري پنڌ تي تہ آهي“.

وري بہ هوءَ مون کي رستي ۾ ملي. مان کيس گهر وٺي آيس. هوءَ چپ چپ ويٺي رهي. نيڻن ۾ گهرا گهرا گهاءَ لڪائي، هوءَ مون ۾ نهاريندي رهي، سندس سمنڊ جيان ڪنهريون اکيون — هردي ۾ پيهي ويندڙ اکيون — نيڻن جا ڪٽورا پنل پنل — وياڪل وياڪل نيڻن سان هوءَ مون منجهہ نهاريندي رهي.

”مِني ائين نہ نهار“....

”تنهنجو مون سان پيار آهي....؟“

”آهي تہ سهي“....

”نہ مِني... پيار پيار ڪجهہ ڪونهي....

"You need me and I need you."

"چڱو..... مان هلان ٿي"...

"اينترو جلد..... اجا هاڻي تہ آئي آهين ۽ هينئر وري وڃين پئي".

"تو ڳالهہ ئي اهڙي ڪئي آهي".

"مان سچ ٿو چوان"...

"چوندو هوندين — تو پنهنجي دل جو هوڪو ڏنو آهي ۽ رهيو سوال ضرورت پوري ڪرڻ جو سو تہ ڪو بہ ڪري سگهي ٿو".

"تون چري آهين ڇا.....؟"

"شايد هجان بہ"....

"گهڻو ڏيان ۽"....

"ڏئي ڇڏ"....

"تنهنجو ساهہ ڪيڏان.....؟"

"ڪيڏي ڇڏ"....

"پوءِ مري جي وڃين.....؟"

هوءَ مرڪي ماٺ ٿي وئي.

"جواب ڏي"...

"پوءِ تون منهنجي قبر تي تہ ايندين نہ....؟"

"ها ايندس تہ سهي.... پر جي نہ اچان تہ پوءِ.....؟"

"پوءِ..... پوءِ منهنجا ڀاڳ ڪٿن".

"توکي مان سچ پچ ٿو ايڏو وڻان.....؟"

"پيار تو سان آهي تہ سهي"....

"تون ڪير آهين.....؟"

"مان؟ انسان"....

"سو تہ ڏسڻ ۾ بہ اچين پئي".

"توکي مان ڏاڍو ٿو وڻان.....؟ هان نسيم؟؟"

"مان تو سان شادي ڪونہ ڪندس".

"نہ ڪر"....

”پوءِ توکي ڏک ڪونہ ٿيندو....؟“

”نہ“....

”ڇو تنھنجو مون سان پيار ڪونھي....؟“

”آهي“.....

”پوءِ توکي ڏک ڪونہ ٿيو....؟“

”آهي تڏهن ئي تہ ڪونہ ٿيو زور جي ميندي گهڻو وقت جتاءُ ڪانہ ڪندي هي دلين جون ڳالهيون آهن، جنهن کي تون نہ سمجهي سگهندين“.

”ٻڌو اٿم تون ڇمن ۽ انبن جا ڳاڙها پن ڪائيندي آهين“....

”ڪائيندي آهيان.....؟“

”ٻڪري آهين ڇا....؟“

”شايد هجان“....

”توکي خبر آهي، ماڻهو پريٽ توکي ڏاڍيون گاريون ڏيندا آهن“.

”ماڻهو مون کي منهن تي بہ گاريون ڏيندا آهن“.

”تون Corrupt آهين“....

”ڪيئن.... ؟“ گهڙي رکي هن وري ڳالهايو.

”تون مون کان وڌيڪ Corrupt آهين، مون گهٽ ۾ گهٽ مڙس کي گهر ۾ رهائي توسان پريت جو ناٽڪ ناهي رچايو ڇئن ڏينهن ۾ ڪنهن جي پيار سان Betry ڪرڻ Corruption ناهي تڏهن ڇاهي...؟“

”مان توسان مني ناٽڪ ٿو رچايان....؟“

”اهو تہ تون پاڻ کان پڇ“.

”مان توسان مذاق ٿو ڪيان، تون ڇا ڪڏهن چرچوبہ نہ سمجهي سگهندينءَ....؟“

”نہ .... مون حياتيءَ جي پهرين پلن کان وٺي اڄ تائين رڳو اندر ۾ ڪڙاڻ اوتي آهي، شايد ان ڪري ئي چرچو سمجهي نہ سگهندي آهيان“....

”توکي مون سان پيار ڪونھي....؟“

”اِهو تون هر هر ڇو ٿو پڇين....؟“

”ٻڌاءِ توکي مون سان پيار ڪونھي“.

”ڪونهي تہ پلا ڪونهي....؟“

”اڄ منهنجي زال ايندي پڳل چوڙيون ڏسندي، مون سان جهيڙو ڪندي، تون منهنجو گهر تي ڦٽائين“....

”اڳتي ڪونہ ڦِٽائيندِيس“.

هوءَ ائين چئي اتي ويٺي ۽ وڃڻ لڳي. مون ڏنو هن جي اکڙين ۾ پاڻي ڀريو آيو هو. هن سان گڏ مان بہ اتي ويٺس. هن جي رستي ۾ بيهندي هن جي ٻانهن ۾ جهليندي چيم: ”مان توکي ائين وڃڻ نہ ڏيندس“.

”تون ڪير ٿيندو آهين مون کي روڪڻ وارو.. پري ٿي مون کي وڃڻ ڏي“.

”نہ مني، مان توکي ائين وڃڻ نہ ڏيندس“.

”مون کي وڃڻ ڏي، ڏس نہ تنهنجي زال ايندي پڳل چوڙيون ڏسندي، توسان جهيڙو ڪندي، هر ويرو پنهنجو گهر چو ٿو ڦِٽائين...؟“

”مني ڏس مارين‌دو ماڻ“

”اها حجت پنهنجي زال تي هلائجانءِ، مان ڏس نہ پلا تنهنجي ڪير لڳان...؟ ڪجهہ بہ تہ نہ“.

”نہ مني مان توکي چيڙايان پيو تون جي چوين تنهنجي تصوير ٽيبل تي لڳايان“.

هوءَ ٿڏو ساهہ پري ويهي رهي.

”ڪِنا...! هنن ڪپڙن ۾ تون بروهي ٿو لڳين“.

”نہ مني مون کي بروهي نہ سڏيندي ڪر“.

”چو بروهي تہ ڏاڍي سني قوم آهي. وڻندڙ ۽ خلوص ڀريا — ڏاڍي خوبصورت قوم آهي — ۽ مون تہ توکي ائين پيار وچان چيو هو“.

”تون ائين چو آهين...؟“

”ڪيئن آهيان....؟“

”تون چري آهين چا....؟“

”الائي، توکي لڳان ٿي تہ هونديس“.

”توکي جنم جنم جي ڦيري ۾ وبساهہ آهي....؟“

”نہ مٺي، منهنجي Scientific سوچ آهي. مان ڏاڍو Practical ماڻهو آهيان“.

”پلي هج.... مون ڪھڙي unrealistic ڳالھ ڪئي“.

”توکي جنم جنم جي ڦيري ۾ يقين آهي...؟“

”مان توکي هڪ ڳالھ ٿي ٻڌايان. گهڻا سال اڳ مان جڏهن مشڪل سان اٺن نون سالن جي هيس تہ هڪ ڏينهن پنهنجي ڏاڏاڻي گهر ۾ چئين بجي ڌاري اڱڻ ۾ ويٺي هيس، ڏاڏيءَ کي مُئي شايد سال بہ مشڪل گذريو هو، هوءَ ذات جي مري بروچ هئي، ۽ ڏاڍي خوبصورت ۽ ڏيا پري عورت هئي. مون سان هن جو پيار بہ گهڻو هوندو هو. مرڻ وقت رڳو گهر ۾ مان ۽ پڦي هئاسين. ۽ بس پيو سڄو گهر خالي هو. مرڻ گهڙي خبر اٿئي تہ هن ڇا چيو هو؟“

”ڇا چيو هو...؟“

”چيائين تہ مون کي ڪوئي هندستاني پراڻو گيت ٻڌارايو. نهيوان ڳالھ کي ڇڏ. مان اڱڻ ۾ چئين بجي ڌاري ويٺي هيس. پڦي اندر هئي اڱڻ ڪافي وڏو هو مان اڪيلي ئي هيس. ان وقت اها مٿل ڏاڏي اڱڻ منجھ آئي ۽ مون منجھ نهاريندي نهاريندي هوريان هوريان پنهنجي ڪمري ڏي وڃڻ لڳي .مان نڊي هيس ان ڪري حيرت سان گڏوگڏ ڊنس بہ ڏاڍي هراسيل هراسيل ويٺي رهيس، جڏهن پڦي ڪمري منجهان موٽي آئي، تڏهن مون کيس چنبڙندي چيو.

”پڦي...پڦي، مون هينئر ڏاڏي ڏٺي آهي، اجها هن ڪمري ۾ وئي آهي“.

”چري توکي وهم ٿيو هوندو هن کي مُئي تہ سال کن گذري چڪو آهي، اِها پلا هت ڪيئن ٿي ٿي سگهي...؟“

پر پوءِ ڪجھ سوچيندي هن هٿ ٻني باري ۽ مون سان گڏ ان ڪمري ۾ هلي. پر پوءِ ڏاڏي کي اسان ڏاڍو ڳولهيو پر هوءَ ڪانہ لڌي. پڦيءَ کي پڪ هئي تہ ان قسم جو ڪوڙ آءُ ڪونہ ڳالهائيندي آهيان“.

”چري.. نفسيات ۾ ان کي نظر جو دوکو (Illusion) سڏبو آهي. جيئن واريا سن برپٽن ۽ روڊن تي سڄ جي ڪرڻن جي ڪري پاڻيءَ يا سمنڊ جو گمان ٿيندو آهي“.

"اِهو تہ مان بہ سمجهان ٿي، B.A تائين نفسيات منهنجو بہ Subject رهيو آهي، اهڙين ڳالهين ۾ مون کي بہ يقين ڪونهي، پر مان اهو پنهنجي ننڍڙي عمر جي ايڏي وڏي سچ کي اڄ ڏينهن تائين ريتي ناهيان سگهي ۽ وري بہ شام جا چار لڳا هئا. اونهاري جي موسم هئي ۽ مان بہ ساڳي جڳهہ تي وبني هيس ۽ پڦي بہ اڳئين پيري وانگر ڪمري ۾ اندر ويل هئي. ڏاڏي وري بہ آئي ۽ مون کي هن پيري چوڻ لڳي:

'نسيم پٽ! مان تہ تو وٽ ايندي هيس نہ، تون ڏجين بہ ٿي ۽ ماڻهن کي بہ ٿي ٻڌائين، ان ڪري اڄ کان پوءِ مان وري تو وٽ ڪانہ ايندس،' ۽ وري هوءَ ان ساڳي ڪمري ۾ هلي وئي — پڦي جڏهن ڪمري منجهان موٽي تہ مان ڊوڙي وڃي پڦيءَ کي چنبڙيس، هراسيل هراسيل ساهہ سان چيومانس تہ: پڦي، اڄ وري مون ڏاڏيءَ کي ڏٺو آهي، اڄ تہ هن مون سان ڳالهايو بہ آهي".

پڦيءَ کي پڪ هئي تہ مان اهڙو ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندي آهيان، انڪري هن وري بتي ٻاري ۽ ان ڪمري ۾ ڏاڏيءَ کي اسان ٻئي گڏجي ڳولهڻ لڳيونسين، پر هوءَ ڪانہ لڌي.

"چري اِهي سڀ تنهنجا وهم آهن، ٻيو ڪجهہ بہ نہ".

"مني... تون وڃين ڪاڏي ٿي...؟ تو تہ چيو هو تہ توکي ڪوئي گهر ڪونهي".

"گهر تہ برابر ڪونهي پر ان چوواٽي، تي جنهن کي دنيا هاسٽل سڏيندي آهي".

"پوءِ مني نہ وڃ، اتي رهي پئي نہ".

"مان هت ڪيئن رهان، هي گهر تہ ڪن ٻين انسانن جي امانت آهي ۽ سڀاڻي ان جي وارثياڻي بہ اچي پئي".

"مني... مان ڏاڍو خراب آهيان نہ"....

"ها"....

"پوءِ تون مون کي ڇڏي ڇو ڪونہ ٿي ڏين...؟"

"منهنجي پسند ئي اهڙي آهي"...

"پوءِ تنهنجي پسند اهڙي ڇو آهي"....

"الائي مون کي ڪهڙي خبر....؟"

”هي ڊگريون ڇو پاتيون اٿئي....؟ توکي هندستاني گيت وڻندا آهن. تون ايتري ڪوڏ ڪوڏ ڇو هوندي آهين....؟“

”مان پاڻيندي آهيان تہ مان اڳئين جُڳ جي آهيان ۽ ڪنهن جي ڳولها ۾ ٻيو جنم ورتو اٿم. مون ڪان منهنجو پريمي وڃائجي ويو آهي ۽ مان ٻيو جنم ان کي ڳولهيندي وڃائيندي پس“.

”حياتي ائين بيڪار وڃائڻ لاءِ تہ ناهي ملي...؟“

”مون کي ملي آهي ۽ مان ان کي ڪيئن بيڪار چوان، جڏهن تہ ڪنهن کي ڳولهڻو اٿم“.

”ڪير آهي اهو....؟“

”آهي ڪوئي مهانگو ماڻهو. هون.... مهانگوئي تہ ٿيو نہ جو مون وٽ نٿو اچي“.

”توهن کي ستايو هوندو“.

”نہ.... هن مون کي ستايو آهي“.

”پوءِ تون هن کي ڇڏي ڇو ڪونہ ٿي ڏين...؟“

”مون وٽ تارازي ڪونهي، جنهن جي پُڙ ۾ وٽ وجهندي وڃان“.

”تون مون سان Romance ڪرڻ ٿي چاهين“.

”نہ“...

”مون سان شادي ڪري گهر وسائڻ ٿي چاهين...؟“

”نہ“...

”تہ پوءِ باقي ڇا ٿي چاهين...؟“

”الائي، مان پنهنجن جذبن کي ڪو نالو ڏيڻ نٿي چاهيان“.

”مان تنهنجي هيتري بي عزتي ڪندو آهيان، توکي ڏک ڪونهي ٿيندو؟“

”ٿيندو آهي.... ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي.“ هن جي اکڙين ۾ ڳوڙها پر جي آيا.

”تون روئين ٿي مني“....

منهنجي انهن لفظن تي هوءَ وڌيڪ اوڇنگارون ڏئي روئي پئي.

”تون رسٽي گُڏي آهين ڇا. جو ذري ذري تي روئي ٿي پوين؟ ڇاجي لاءِ ٿي منهنجو ايڏو رعب سهين...؟“

”بس سهان ٿي.... سهڻو ٿو پوي، ڇا ڪيان مجبوري آهي“.

”ڪهڙي مجبوري اٿئي؟“

”تون وٽين جو ٿو“.

مون پنهنجي البم ۾ لڳل تصويرون ڏيکاريون. هن هڪ هڪ ڪري سڀ تصويرون ڏٺيون. گهرين ۽ مٺين نظرن سان هوءَ هڪ هڪ تصوير ڏسندي وئي. جڏهن هن هڪ تصوير کنئي مون هن کي روڪيو ۽ تصوير کٽي لڪائي.

”اها تصوير لڪائين ڇو ٿو؟“

”نه مني اِها تصوير نه ڏس. تون مون کي خراب سمجهندينءَ“...

”نه... مان خراب ته ڪنهن کي به ڪونه سمجهندي آهيان پر توکي ته سمجهي ئي نٿي سگهان“.

”ڇو..؟ مون سان اها رعايت ڇو....؟“

”بس دل چئي ٿي توسان رڳو رعايت ئي رعايت ڪيان. تون سدائين ڪسر ۾ هجين“.

گهڙي رکي هوءَ تصوير ۾ نهارڻ لڳي.

”وڏو حرامي آهين“

”مان وڃان ٿو“...

”مون کي به پاڻ سان گڏ وني هل ني“.

”ڪاڏي وني هلان ڇري توکي“.

”جاڏي تون وڃين ٿو“.

”مان جي جهنم ۾ وڃان ته پوءِ....؟“

”مان به اتي هلنديس توسان گڏ“.

”اتي هلندينءَ“...

”ها.... هلنديس. پر جي وٺي هلين ته“....

”تون ڇري ته ڪانه ٿي آهين نه“...

”شايد هجان به“....

“She should my reflection”

”مان به ٿينديس“....

هن جا اهي لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا ۽ گهرين گهٽائن جيان اکيون وسڻ لڳيون.

چڏي بن واسي ٿيو انسانن جي من ۾ کوٽ پريل هئي. جيڪا منافقي هئي. سا کيس راس نہ آئي. ڪاش مان انهيءَ جڳ ۾ پيدا ٿيان ها. ڪاش مان انهن ڏينهن ۾ جنم وٺان ها. ها هيءَ دور مون کي راس نٿو اچي“.

”مني... امان چوندي آهي تہ منهنجي سيني ۾ دل ڪانهي پٿر آهي...“

”۽ منهنجي وري سڄي جسم ۾ پٿر پريل آهي“.

”سچ مني...“

”ها....“

”توکي... ڪاوڙ چو نہ ٿي اچي مون تي...؟“

”چو اچي...؟“

”مان توکي ستايان ٿو....“

”تون ڏاڍو ڪـيـر آهين“...

”سو تہ آهيان“.

”مان ڀانيان تہ توکي هوائون بہ نہ ڇُهن ۽ تون آهين جو وتين رنن جي پويان ڊوڙندو“.

”اڙي چري مان ڪو ويل آهيان ڇا...؟ مان تنجيل مکيل عورتن کي ٽڪ بہ نہ هڻان....“

”ڪوڙ چو ٿو ڳالهائين؟“

”نہ مني مون کي هينئر رڳو ڪنهن جو پريم کپي، تون ڏئي سگهندينءَ.... اهو سيڪجهہ؟“

”چو ڪونہ... تون گهري تہ ڏس“.

”ڪوڙ چو ٿو ڳالهائين... ٻڌاءِ نہ؟؟“ هن منهنجي ٻانهن کي مضبوط جهليندي چيو.

”تون ئي چئہ مني هينئر مون وٽ ڪير آهي؟“

”مان آهيان ۽... زال اٿئي، اڃا گهڻيون عورتون هجن تو وٽ“.

”زال تنهنجي ئي ڪري رسي ڳوٺ هلي وئي ۽ تون پنهنجي گهر. تون ئي چئہ تہ مان تہ اڪيلوئي آهيان نہ....

“I am very strong man.”

”سو تہ ڏسڻ ۾ بہ اچين پيو“.

”مٺي منهنجي حياتيءَ ۾ پيار تہ ڪونهي، پوءِ ڇا هوءَ مون کي....؟“

”ڪاروباري ماڻهو ٿو ڏسجين، توکي پياري بہ ڪانهي پوءِ بہ هوءَ توسان گڏ آهي، ڪيتريون شامون مون اوهان کي گڏجي گهمندي ڏٺو آهي. گڏ رهو ٿا. هنن جي هٿن جي ناهيل ماني کائين، هوءَ تنهنجي سار سنڀال لهي ٿي، هوءَ تنهنجي زال سڏجي ٿي، گڏ هڪ روم ۾ رهو ٿا، پيو پيار ڪنهن کي چئبو آهي...؟“

”هوءَ سيڪجهہ پاڻ ئي ڪندي آهي، مٺي مان هن کي...“ هن ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڏني.

”ڏس نہ سڃڻ ائين نہ چئہ تنهنجي خاموشي هن کي Encourage ٿي ڪري، هوءَ تنهنجي زال آهي ۽ اهو حق هن کي سماج کان مليل آهي، اهو حق تون هن کان ڦرڻ نٿو چاهين، جو هن توسان ڪئين سال ڏک سک جا گهاريا آهن“.

”مٺي وقت ۽ حالتن منهنجي زال کي مون مٿان مڙهيو ضرور آهي، پر ان ۾ بہ هن جو ڏوهہ آهي ۽ نہ منهنجو پر گڏ رهڻ جي سزا اسان ٻئي ڀيا ڀوڳيون. مان نٿو چاهيان تہ هن کي ڇڏڻ جو الزام پاڻ مٿان کڻان“.

هوءَ اها ڳالهہ ٻڌي ڪجهہ وقت ماٺ ۾ رهي. مان هن منجهہ نهاريندو رهيس.

”مٺي اهڙين نگاهن سان نہ نهار -- تون چپ ڇو ٿي وئين....؟“

”ڪجهہ نہ...“ سوچان ٿي ڪهڙو جڳ آهي جتي سچ جو ڪو بہ قدر ڪونهي. هي ماڻهو پنهنجي زال کي ڇڏڻ تہ چاهي ٿو پر ڇڏڻ جو الزام پاڻ تي کڻڻ نٿو چاهي، انهيءَ عورت کي ڇڏڻ جو الزام پاڻ تي کڻڻ نٿو چاهي، جنهن عورت هن سان گڏجي گهاريو آهي. ياريهن سال ڏک ۾ هن جو ساٿ ڏنو آهي. ان عورت کي هي ماڻهو ڇڏڻ تہ چاهي ٿو پر ڇڏڻ جو الزام پاڻ تي کڻڻ نٿو چاهي. هن لاءِ گهر ۾ اهڙيون حالتون پيدا ڪندو جو هوءَ مجبور ٿي پاڻ گهر ڇڏي هلي وڃي.

”تون ڳالهائين ڇو ڪونہ ٿي مٺي“.

”بس ائين ئي“....

”نہ تون ڪجهہ سوچين ضرور ٿي — ٻڌاءِ ڇا ٿي سوچين....؟“

”اهي منهنجون پنهنجون سوچون آهن. تون ٻڌي ڇا ڪندين....؟“

”اهي ئي تہ ٻڌڻ چاهيان ٿو....؟“

”رهڻ ڏي سڄڻ، ٻڌنديس تہ ڌڪ ٿي پوندئي“.

”ڪجھ تہ ڳالهاءِ... اهين ماٺ ۾ ڇو آهين...؟ مني... مون ۾ ڇا هي...؟“

”تو ۾ اهو سڀ ڪجھ آهي، جنهن لاءِ ڪا بہ عورت هن جڳ جو تياڳ ڪري جوڳياڻي بڻجي نگر نگر وستي وستي ڀٽڪي سگهي ٿي — ديوداس جهڙا رولاڪ بڻجي پاڻ مٽائي سگهي ٿي. هستيءَ کي ڀلائي سنياسي بڻجي سگهي ٿي تون ايڏو خوبصورت آهين“.

”اهين تہ مون ڪونہ چيو“.

”اهو توکي مان ٿي ٻڌايان. سونهن جي ڪشش وقتي هوندي آهي ۽ پريم هڪ دائمي شڪتي آهي، جنهن کان پاڻ آجو ڪرائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي“.

”منهنجو پُٽ بيمار آهي“.

”پوءِ .... مان ڇا ڪريان...؟ هن جي پر گهور لهڻ واري تہ اڳ ۾ ئي موجود آهي“.

”هوءَ مون کان رنل آهي نہ... انڪري پٽ کي بہ نہ ڏسندي آهي“.

”پوءِ مون وٽ ڇڏي وڃينس“.

”هو... توکان ڏاڍي نفرت ڪندو آهي. تو هن کان هن جي پيءَ جو پيار کسيو آهي نہ....“

”هن کان پيءَ جو پيار مان نہ اوهان جي گڏيل حالتن کسيو ۽ ٻي ڳالھ تہ هن مون کان منهنجو پريمي ڦريو آهي. ڪجھ بہ سهي انهن سڀني مسئلن جو حل مان ڪيئن ڳولهيان؟ چؤطرف اونداهين ۾ گهيريل آهيان. ڪڏهن انهن انڌيرن جي لاءِ بہ سوچيو اٿئي جن ۾ مان وڪوڙيل آهيان. تون پاڻ کي ڪنهن جي بنڌڻن ۾ مضبوط جڪڙيل ٿو پائين. تنهنجي لاءِ بهتر اهو آهي تہ تون مون کي هميشه لاءِ وساري ڇڏ. تون هينئر جنگ جي ميدان ۾ بيٺل آهين. گذريل گهڙيون گهاريل هڪ عورت سان ۽ ان منجهان پٽ پيدا ڪيل. اهي ٻئي ايڏا مضبوط رشتا آهن، جن کي وسارڻ تنهنجي وس ۾ ڪونهي، ضمير جي چڪناڻ کان بچڻ جو بہ تو وٽ هڪ ئي طريقو آهي تہ تون مون کي هميشه لاءِ وساري ڇڏ. مان تنهنجي حياتيءَ مان نڪري وينديس. نہ هن جڳ جو ڪجھ بگڙندو ۽ نہ توکي ئي ڪجھ ڀوڳڻو پوندو. باقي تون هن عورت کي پنهنجي حياتيءَ مان ڪڍندين تہ تني پوندين. پڇي پور ٿي ويندين.

تو وٽ سڀڪجهه هوندي بہ تون اڪيلي اڪيلي رهندين. رڃ ۾ ڀٽڪندو رهندين. ۽ مان نٿي چاهيان تہ ڪو تنهنجو روح رولڙي ۾ هجي“.

”توکي جو ڇڏي ڏيان تہ توکي ڏک ڪونہ ٿيندو....؟“

”منهنجي ڳڻتي ڇو ٿو ڪرين پيارا... مان تنهنجي ڪير لڳان...؟ ۽ ٻي ڳالهہ...؟ ٻي ڳالهہ تہ منهنجي دل سمنڊ جيان گهري ۽ آڪاش جي وسعتن جيان وشال. هردي ۾ تولاءِ گهڻو ڪجهہ آهي.... حياتيءَ جي ڪنهن موڙ تي تون مون وٽ آئين تہ مان توکي سيني سان لڳائي ساهہ جيان سنڀاليندس. موٽ ۾ مون کي توکان ڪجهہ بہ ناهي وٺڻو. تون ٿي ڇڏ مون کي توکان ڇا ٿي وٺڻو....؟“

”مني... ائين ڇو ٿي چئين... تون شادي ڪانہ ڪندينءَ...؟“

”نہ“...

”ڇو....؟“

”اهو توکي ڇو ٻڌايان. نٿو سمجهين تہ رهڻ ڏي سڄڻ“.

”پوءِ بہ مني ڪجهہ تہ ٻڌاءِ اهو ڪير....؟“

”آهي ڪوئي مهانگو ماڻهو“.

”ڪير آهي اهو..“

”جيم نہ جنهن سان ڪرڻي اٿم اهو تہ ليکي ئي نٿو. باقي اجائي جڪ مارڻ مون کان نٿو پڄي Protection جي عيوض ڪسب ڪرڻ تي دل نٿي مڃي“.

”ڪير آهي اهو مني“...

”جيم نہ تہ آهي ڪوئي بيحد مهانگو ماڻهو“.

”مان شادي تہ ضرور ڪندس“.

”پوءِ ڪري ونجانءِ ڪنهن سهڻي ڇوڪريءَ سان. سلڇڻي ڇوڪريءَ سان. مان تہ ڏاڍي پاپڻ آهيان. ان عورت تي تہ تنهنجي زال تمجهڻ ڪانہ وڄهندي نہ...؟“

”نہ....مان شادي تہ ضرور ڪندس، پر سورنهن سالن کان پوءِ....“

”اهو تنهنجو مسئلو آهي سڄڻ. اڄ ڪرين يا سورنهن سال رکي. ان عورت تي، تہ تنهنجي زال تمجهڻ ڪانہ مڃائيندي نہ....؟“

”نہ....“

”منهنجي سيني ۾ دل ڪانهي....“

"اها بہ عادت تہ ڪا چڱي ڪانهي..."

"تون هر ماڻهوءَ تي اعتبار جو ڪري ويهندي آهين...؟"

"الائي... مان سوچيندي آهيان تہ پلا مون سان ڪنهن جو وير هوندو؟ مون سان پلا ڪوئي ناٽڪ ڇو رچائيندو...؟ ان عادت جي ڪري مون ڏاڍو پوڳيو آهي".

"تون ڪهاڻيون نہ لکندي ڪر..."

" ڪهاڻيون لکنديس تہ سهي پوءِ ڪٿي ڇپائينديس ڪانہ.. بس نہ".

"تون مون وٽ وري آئينءَ ڪانہ...؟"

"مان اچان ها پر"...

"اها پر تنهنجي جملي مان ڪيئن نڪرندي ۽ ڪڏهن...؟"

"مان بہ اچان ها پر... پر... پر... پر"...

"پر ڇئہ مني... ڇا پئي چوڻ چاهيئي...؟"

"ڪجهہ بہ نہ"...

"ڪجهہ بہ نہ... نہ تو چوڻ ضرور پئي چاهيو".

"چوڻ تہ چاهيم پئي پر نٿو سمجهين تہ رهڻ ڏي— آخر بار تہ ناهين نہ...؟"

"مان تو وٽ پلا As a lecturer تي اچان...؟"

"ڇو...؟ As beloved نٿو اچي سگهين ڇا...؟"

"نہ ماڻهو ڇا چوندا...؟"

"ماڻهن کان ڏاڍو ڊنل آهين...؟"

"ها مني... آخر تہ جڳ ۾ هلڻو آهي نہ...؟"

"جڳ ۾ تہ هر ڪنهن کي هلڻو هوندو آهي.. رڳو توکي نہ چڱو جهڙي بہ حيثيت سان اچين پر اچ تہ سهي نہ..."

"تون شاديءَ جون سڏون ڇو ٿو ڪرين...؟" جڏهن تہ تون پنهنجي زال کان ڏاڍو ڊنل آهين ۽ توکي پٽ بہ ڏاڍو پيارو آهي".

"انهيءَ ڪري جو اها شادي دوکي سان ڪرايل آهي. ان ۾ منهنجي مرضي شامل ڪانهي. مني تون مون کي بہ ڏس ۽ هن کي بہ... مان هن کان وڌيڪ خوبصورت آهيان. پڙهيل آهيان. مون جهڙي ماڻهوءَ جو هن کي Protection مليل

آهي، ڇا اهو هن لاءِ گهٽ آهي. ۽ مون منجهان هوءَ پٽ ڇٽي سگهي آهي. اهو ڇا هن لاءِ خوش نصيبيءَ جو باعث ڪونهي“.

”منهنجي Department وارا چوندا آهن ته تنهنجي نسيم نالي تي ساعت آهي“.

”گهڻا سال اڳ هڪ ڇوڪري منهنجي حياتيءَ ۾ آئي هئي. هن جو به نالو نسيم هو.

I was half made behind her. I was about to marry her.”

”پر .... پوءِ“

”پر پوءِ... منهنجي هڪ ويجهي دوست مون کي ڏاڍو سمجهايو. هو مون کي ڏاڍو پيارو آهي. ٻارنهن سالن جي پراڻي دوستي آهي نه. ان مون کي ڏاڍو سمجهايو“.

”ان توکي ڇو جهليو هوءَ ڏاڍي سٺي به هئي، پڙهيل به هئي ۽ توسان پيار به هئس“.

”هوءَ... ڌاري قوم منجهان هئي نه“.

”پوءِ ڇا ٿي پيو...؟ هوءَ انسان ته هئي ۽ توسان Sincere به. مان سمجهان ٿي اهو گهڻو ڪجهه آهي ڪنهن به عورت ۽ مرد کي ويجهي آڻڻ لاءِ“.

گهڙي رکي هن وري ڳالهايو:

”پر نه... تنهنجي دوست صحيح ڪيو هو. اسان جي قوم اڳ ۾ ئي پٺتي پيل آهي. جيڪڏهن اسان جا پڙهيل، دانشور ۽ ذهين ماڻهو ڌارين قومن منجهان شاديون ڪرڻ لڳا ته پوءِ— هيءَ قوم فنا ٿي ويندي“.

”ائين ڇو ڪونه ٿي چوين ته پوءِ توکي ملي نه سگهان ها....“

”ماڻهن جون دليون آهن يا ڪال ڪوٺڙيون، جنتي رڳو مجرم ئي قتا ڪيا ويندا آهن“.

”ڪهڙا ماڻهو...؟“

”تون ..... پيو ڪير....؟ هن ڌرتيءَ جو سنڌي قوم تي احسان آهي، جنهن تو جهڙي پياري انسان کي جنم ڏنو آهي، تون هن ڌرتيءَ جي امانت آهين. تنهنجي دوست صحيح سوچيو هو“.

”مٺي ايڏا ته چاڙهه نه ڏي....“

”مان توکي غلط ڇو چونديس، مون کي توکان ڇاهي وٺڻو...؟“

”مني ائين ڇو ٿي چوين...؟“

”تون وري ڪڏهن ايندين؟“

”مني ڳالهائڻ تہ سک....“

”تہ پوءِ مون کي ڪيئن ڳالهائڻ کپي...؟“

”تون چئہ تہ پاڻ ٻئي ڪڏهن ملنداسين“.

”ايڏو منو ڳالهائڻ مون کي نٿو اچي، حياتيءَ ۾ ايڏي ڪڙاڻ ملي آهي جو منا ٻول ٻولڻ وسري ويا آهن“.

”مان ڀانيان تہ رڳو تون ئي تون هجين ۽ تون آهين جو سڄي جڳ کي ڪنو ڪيو اٿئي. ڪٿي بہ تون ڪونہ آهين. تون ٻڌين بہ ٿو يا نہ...؟“

”ٻڌان پيو مني... مان توکي پرکيان پيو... تنهنجي ۽ منهنجي پرک جو رڳو انداز مختلف آهي“.

”نہ... تون پليل آهين، مون توکي ڪڏهن بہ پرکڻ نہ چاهيو هو. مان ڀروسي جي آڌار تي هلان ٿي“.

”اها عادت چڱي تہ ڪانهي“...

”نہ هجي... پر ڇا ڪجي عادت جو ٿي“.

هن جو چوڻ هو تہ جڏهن ڪير ڪنهن کي پرکي ٿو تہ پيار Conditional ٿي ٿو وڃي.

هوءَ ڀروسي جي آڌار تي هلندي هئي ۽ ڇاڪاڻ تہ عورت هئي ۽ مان مرد هئس. هن کان وڌيڪ ذهين. هوءَ دنيا ۾ ڀروسي جي آڌار تي هلندي هئي ۽ وک وک تي ٺوڪر کائيندي هئي ۽ مان عقل جي آڌار تي. هن کي مون کان هميشه شڪايت هوندي هئي تہ: ”تنهنجو مون سان پيار ڪونهي پر تنهنجي ذهن ۾ رکيل پرک سان آهي“.

هڪ ڏينهن هوءَ ۽ مان ٻئي ڪمري ۾ موجود هئاسين. اسين ٻئي هڪ ٻئي جي ڀر ۾ ويٺا هئاسين. هوءَ حسب معمول ماٺ هئي.

”ماني کائيندينءَ...؟“

”نہ...“

”مُنِي مانِي تہ نٿي کائين. پلا هيءُ سلاد ئي کاءُ“.

”ها کاوان ٿي.“ هن هڪڙو گلاس پاڻيءَ جو اوتيو ۽ اهو پيئڻ لڳي.

”مُنِي توهڏو ڪونہ ڇا. ماني تہ ڪانہ ٿي کائين ٿورو پلا سلاد کاءُ نہ...“

هن هڪڙو ٽڪر کڻي کاڌو. ڪجھہ وقت رکي مون هن کي چيو: ”پيو بہ کڻ“.

هن ٽيبل تي هٿ سڌو ڪندي چيو:

”ها...!“

اسان جڏهن ماني کائي بس ڪئي تہ مان ڊرائينگ روم ۾ وڃڻ لڳس. هوءَ منهنجي پويان آئي.

”ڇو ايتري بہ جدائي سهي ڪانہ سگهينءَ ڇا....؟“

”نہ...“ اسين ٻئي فرج تائين آياسين. مون برف جي Tray ڪڍي ۽ شربت جو شيشو ڪڍيو. هن ٻئي شيون مون کان وٺي چيو:

”گھٽو ڪم ڪيئہ هاڻي اڳيان ٿي هل“.

”پر مشهور چوڻي آهي تہLadies First . تنهنڪري تون اڳيان ٿي هل“.

”اهو يورپ ۾. هينئر تون يورپ ڇڏي آيو آهين. سنڌ ۾ پيو رهين“.

هڪ ڏينهن اسين آفيس منجهان گڏجي موٽياسين. حسبِ عادت هوءَ اڪيلي ۽ پنڌ هئي ۽ مان گاڏيءَ ۾. مون وري هن لاءِ گاڏي بيهاري. هن کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو. هوءَ مون سان گڏجي گهر آئي.

آسمان تي گھرا گھرا ڪارا سرمئي رنگ جا ڪڪر وڪريل هئا ۽ هلڪي هلڪي ٿڌي هير پئي لڳي.

”مُنِي... اڄ توکي هيءَ ڪائنات. بدليل بدليل ٿي لڳي نہ...؟ توکي بہ ٿي لڳي يا رڳو مون کي ٿي لڳي؟“

”مون کي بہ ٿي لڳي، گگن منڊل تي جي رنگ وکريل آهن تن هردي جي هر جذبي کي جڻ پنهنجي رڱ ۾ رڱي ڇڏيو آهي“.

”مُنِي ائين ڇو آهي....؟“

”اڳ اسان رڳو جيئڻ جي سزا پئي ڀوڳي، هينئر اسان کي ان منجهان نرماڻ مليو آهي. اسان هينئر حياتي ماڻڻ چاهيون ٿا. جڳن جا جڳ جيئڻ چاهيون ٿا. مان پانيان ٿي تہ عورت ۽ مرد جو بس هڪ ئي تہ رشتو آهي جيڪو امر آهي. باقي رشتا

سڀ ڪوڙ آهن، اجايا آهن. هونءَ به جيڪڏهن ڏسجي ته باقي رشتن ناتن جنم ئي ان مان ورتو آهي ۽ عورت ۽ مرد جي امر پيار جا محتاج آهن. ٻڌاءِ آهن نه...؟ يا مان ڪوڙ ٿي چوان".

"نه مني... تون ڪوڙ ڪونه ٿي چوين".

اڄ آڪاش مٿان هلڪا سرمئي رنگ جا گهرا ڪڪر ڇانيل هئا ۽ اسان مٿان هلڪي هلڪي ڇانوَ به هئي.

"مني... مان هت ڪڏهن به موٽي نه اچان ها پر پٽ جي ڪري اچڻو پيو. مون کي پنهنجو پٽ ڏاڍو پيارو ٿو لڳي..."

"ڪيئن نه هوندو، آخر هو تنهنجو پٽ آهي، اولاد ته پکي پکڻ جيت جناور ۽ جانورن کي به مٺو هوندو آهي، پوءِ تون ته وري به انسان آهين. تنهنجو پٽ سان پيار هجڻ تنهنجي نيڪ طبعيت ۽ رحمدليءَ کي ٿو ظاهر ڪري اها ته ڏاڍي چڱي ڳالهه آهي پر هڪڙي ڳالهه چوانءِ دل چوندي آهي تنهنجو حال ماضي ۽ مستقبل سڀ منهنجا هجن. ڪير به ان ۾ ڀاڱي ڀائيوار نه هجي. پوءِ چاهي اهو تنهنجو پٽ ڇو نه هجي...!

تون ڪنهن کي به جيڪر پيار نه ڪرين، تُنهنجي ڀاڱي جو ۽ مان پنهنجي حصي جو. هن کي ايڏو ته پيار ڪنديس جو هو ڪڏهن به پيار جو سِڪايل نه رهندو. تون مٿان ائين سمجهين ته ڪو مون کي تنهنجي پٽ سان پيار ڪونهي. تنهنجي ان ماضيءَ جي سيڙپ تي، پنهنجا پراڻ به ڏئي سگهان ٿي. مان هام نٿي هڻان، مون کي هر اها شيءِ پياري آهي، جنهن سان تُنهنجو ٿورو به لڳ لاڳاپو آهي.

"حياتي اسان کي ڪروڙ ۾ وڃائڻ لاءِ ناهي ملي. حياتيءَ جي ڪڙاڻ اسان کي هر هنڌ ملي ٿي. پنهنجن کان پراون کان، پوءِ اسين ته گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي حياتيءَ جي چند گهڙين جو چورايل امرت ماڻيون. جي گهڙيون جيڪي ملن ٿيون سي ته ڪروڙ ۾ ضايع نه ڪريون ۽ تو وٽ رڳو ڪروڙ ئي ڪروڙ آهي. ائين ڇو آهي...؟"

"ڪيئن...؟"

"مرد شاديءَ کان پوءِ چاهه گهر ۾ گهٽو ۽ عورت ۾ گهٽ وڃڻ شروع ڪندو آهي، پوءِ هنن جي حياتيءَ ۾ اهو Charm نه رهندو آهي. اها Romantic Life ڪيڏانهن گم ٿي ويندي آهي...؟"

”عورت مرد جي جنسي ميلاپ کان پوءِ ڇو مرد عورت لاءِ پيار گهٽائي ڇڏيندو آهي....؟ جڏهن تہ اصل Romance شروع ئي شاديءَ کان پوءِ ٿو ٿئي جڏهن هو ڏک سک ۾ هڪ ٻئي جا پاڳي پائيوار ٿا ٿين. عورت گهر جي اندر بہ مرد کي گهڻو ڪجهہ ڏئي ٿي سگهي ۽ گهر جي اندر بہ اها سموري سونهن پيدا ڪري سگهي ٿي، جنهن جو ڳولهائو مرد هوندو آهي“.

”مني.... پيار ۾ شرط نہ ٿيندا آهن“.

”مون وري ڪٿي چيو تہ پيار ۾ شرط ٿيندا آهن. توسان گڏ گهاريل هڪڙو هفتو توکي سمجهڻ لاءِ ڪافي هو. جيئن ڪٽي منجهان خرار جي پرک ٿيندي آهي، تہ توسان گهاريل چند ڏينهن توکي سمجهڻ لاءِ ڪافي هئا. مون توکي سمجهيو آهي، پر تو مون کي اصل ناهي سمجهيو. حالانڪ مون کي سمجهڻ لاءِ پرکڻ لاءِ تو جر ٿر هڪ ڪيو آهي“ گهڙي رکي هن وري ڳالهايو:

”حالانڪ تون ڏاڍو Complicated ماڻهو آهن، مون کي تون Immature ٿو ڇوين. مون تنهنجي ڪهڙي ڳالهہ کي ناهي سمجهيو..؟ تنهنجي هر لفظ کي سوين معنائون هر هڪ عمل کي هزارين روپ. ماڻهو توکي پسيل ڪکڙ سڏيندا آهن“.

”ڇو.....؟“

”ساڙ کان... تون ڏاڍو خوبصورت آهين نہ انڪري خاص ڪري عورتون ساڙ وچان چونديون اٿئي“.

”۽ تون وري پڳل ڪکڙ....“

”۽ مان توکي وري خبر اٿئي ڇا چوندي آهيان -پڳل ڪبوتر. ڪبوتر سهڻو پکي هوندو آهي نہ“.

”۽ تون وري پڳل ڪبوتري آهين. تُنهنجي منهنجي قسمت هڪجهڙي آهي. ٻئي پڳل تتل ۽ حالتن جا شڪار ٿيل. ٻئي پوءِ بہ حالتن کان مات نہ کائڻ وارا رُڪ جيان مضبوط ٻئي هڪڙي ئي سال برباد ڪيا ويا آهيون. اسان جون طبعيتون بہ ڪيتريون نہ ملندڙ جلندڙ آهن. ها نہ مني؟“

”تون چپ ڇو هوندي آهين. ڪجهہ تہ ڳالهاءِ پوءِ گاريون ئي ڪٽي ڏي ائين ڇو آهي مني..؟ ٻڌاءِ نہ ائين ڇو آهي؟؟“

”اسين جنم جنم ۾ گڏ پئتڪنداسين رلنداسين“.

”مٺي اهي تصوراتي ۽ Un realistic ڳالهيون آهن“.

”نہ سڄڻ. پريت هن ڌرتيءَ جو وڏي ۾ وڏو سچ آهي. ان کان سواءِ هيءَ ڪائنات اڌوري آهي، باقي سڀ ڪوڙ آهي. توکي Telepathy ۾ يقين آهي“.

”نہ... مون توکي ٻڌايو تہ مان ڏاڍو Practical ماڻهو آهيان“.

”تہ پوءِ مان بہ تہ Practical ڳالهہ تي ڪريان نہ مون ڪڏهن تصوراتي ڳالهہ ڪئي. ڪنهن بہ پياري ۽ ويجهي انسان کي Imagination ذريعي پوءِ هو ڪٿي بہ هجي هن کي Communicate ڪري سگهجي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ منهنجو ذهن اينترو Powerful ضرور آهي، جو مان، جنهن انسان سان منهنجو گهرو لڳاءُ هجي. ناتو هجي، ان تائين پنهنجا جذبا اماڻي سگهان ٿي بشرطيڪ مون وٽ ان لاءِ سچائي هجي“.

”هون... توکي ڏاڍي مار ڪيڻ تي دل ٿي چوي“.

”تو... منهنجو ڪڏهن بہ قدر ناهي ڪيو“...

”نہ مٺي I am doing much for you within my capacity....“

”پر... مون تہ توکان ڪڏهن بہ ناهي گهريو. تو مون کي وساري ڇڏيو ۽ وري مون وٽ ڪڏهن بہ ڪونہ آئين. مون کي جيڪي ڪجهہ گهربو هو سو تہ تو ڪنهن بيءَ کي ڏنو. تنهنجي سچائي گهربي هئي، پيار گهربو هو سو تہ تو ڏنو ڪونہ. باقي مادي شين کي مان ڪيڏانهن ڪنديس...؟ ۽ جيڪڏهن مون جدوجهد ڪئي تہ اهي مان ڪنهن حد تائين پاڻ بہ حاصل ڪري سگهان ٿي“.

”مٺي... مان اچان ها پر...“

”مان هاسٽل ۾ رهيل هئس ۽ تون مهانگو ماڻهو ات ڪيئن اچين ها....؟“

”ها مٺي ٻاهر گهر وٺي رهيل هجين ها تہ مان تو وٽ ضرور اچان ها“.

”مان ڪٿي ٻہر جي وڻ هيٺان ويٺل هجان ها، تون جي پيار جي هام هڻين ٿو تہ توکي اتي بہ اچڻ کپي يا تہ ائين مڃ، تہ توکي رڳو تنهنجي مطلب جي عورت سان شادي ڪرڻي آهي، پوءِ اهو پيار جو ناٽڪ ڇو ٿو رچائين. مان اڪيلي آهيان نہ ٻاهر رهڻ جي Risk ڪيئن کڻان — ڇئن ڏينهن ۾ توتي اعتبار تہ ڪيم پر ان جو نتيجو بہ ڏٺم — خدا ڄاڻي اڄتي تنهنجو رويو ڪهڙو رهي ها؟“

اسين ٻڌا واپاري آهيون. اسين ٻٽو سودو ڪندا آهيون. لڪين عورتن ۾ پنهنجي مطلب جي عورت کي باز جيان جهٽي وٺندا آهيون — سپاجهي ۽ پاڻ متائيندڙ— اسان کي اهڙي عورت گهرجي جيڪا هڪ ئي وقت نوڪرياڻي، آيا، درزياڻي ۽ سيڪريٽري هجي. جيڪا اسان جي آفيس جو رهيل ڪم به ڪري ڏي. سهڻي هجي جو خوبصورت ٻار ڄڻي ڏي Social life ۾ اسان جي ڪوڙي آن ۽ شان شوڪت واري جذبي کي تسڪين ڏئي سگهي. اهڙي پڙهيل عورت گهرجي، جنهن کي اسين ذهني پيڙا ڏئي سگهون. هوءَ اهڙي عورت هئي پر پوءِ به مون هن کي ڇڏي ڏنو. ان لاءِ ته مون منجهه Male Schovinism تمام گهڻو هو. مون هن کي مِٽائڻ چاهيو. هن جي وجود، هن جي هستيءَ کي فنا ڪرڻ چاهيو ۽ هن مون مٿان سچ پچ ته پاڻ مِٽايو هو. پر پوءِ به مون هن کي وساري ڇڏيو انڪري جو مون هر سنڌي مرد جيان عورت جي صلاحيتن کي مڃڻ ناهي سکيو. اسان سنڌي مردن، ادبي ۽ سياسي قلابازيون کائي، هن کي پورو پورو ذليل ثابت ڪيو— هوءَ هر ذلت، مات ميٽ ۾ زهر جو پيالو سمجهي پي وئي، ۽ ڪڏهن به مون سان شڪايت نه ڪئي. مان انهن مردن منجهان هيم، جيڪي عورت کي ڇيچاڙڻ منجهان موج ماڻيندا آهن. هن جو چوڻ هو ته دل گهرئي انسان کان ڪجهه به نه لڪائجي، چاهي ڪيتري به ڪڙي ڳالهه هجي. ڪيتري به مبهم ڳالهه ڇو نه هجي. هن مون کان ڪجهه لڪائڻ چاهيو به نه هو. هن وٽ هر سوال جو جواب موجود هوندو هو پر پوءِ به مان هن کي شڪ جي نظرن سان ڏسندو هوس. هوءَ چوندي هئي ته ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌائڻ سان سندس من جي پرک پاڻ مرادو ٿي ويندي. جي ڇڏي ڏنائين ته سچ پچ سندس نينهن ساهه ۾ سانڍڻ جي قابل آهي. مان ڪهڙو ماڻهو هوس جو هن جو قدر ڪري نه سگهيس.

”مان تو منجهان هڪ پٽ ڄڻڻ چاهيان ٿي“.

”ان لاءِ جو توکي رڳو ڌيئون آهن....؟“

”نه... مون ائين ڪڏهن چيو ته اي ڪاش مون کي هڪ پٽ به هجي ها. تو منجهان پٽ ڄڻڻ ۽ پٽ جي خواهش هجڻ ۾ تمام گهڻو فرق آهي. مان تنهنجو نندڙو ڏسڻ چاهيان ٿي. هو به هوبهو تو جهڙو، ارڏو ۽ هنيلو هجي. توکي ماءُ جهڙو پيار ڏيڻ چاهيان ٿي“.

”مون کي ڏيڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي“.

مون فريم ۾ لڳل هڪ تصوير ڏيکاري، اها منهنجي پٽ جي هئي. هن اها تصوير ڏسي پنهنجي پوبان دريءَ منجهه رکي، مون اها تصوير جهٽ ڏيئي کنئي ۽ صاف ڪري ٽيبل تي لڳايم. مون هٿ وڌائي ريڊئي کي آن ڪيو. آل انڊيا تان گيت هلي رهيو هو:

رت آئے رت جائے سکھی رے
من کا میت نہ آئے رے رت آئے
سپے در شن کو جیارا ترسے
اکھین سے مسکاون برسے
رت آئے رت جائے سکھی رے.

”چا تي ڏسين مني، منهنجي زال جا ڪپڙا“.

”اهي اتي ڪونهن“.

”مني تون جي چوين ته مان تنهنجي تصوير ٽيبل تي لڳايان“.

”تو نه چيو منهنجو توسان پيار ڪونهي“.

”نه چري It is exhibited from your lovely eyes“ .....

“It was my interpretation”

“Your interpretation is always wrong about me”

”تون چري ته ڪانه ٿي آهين....؟“

”گهڻو ڏيان....؟“

”ائين ڇو ٿي چوين مني....؟“

”تو مون کي وساري ڇو ڇڏيو....؟“

”مون توکي ڪٽي وساريو آهي....؟“

”پوءِ توسان هوءَ گڏ ڇو رهي پئي آهي؟“

”هوءَ سيڪجهه پاڻ ٿي ڪندي آهي“.

”روئيندي ته هوءَ به آهي“.

”مان ڏاڍو خراب ماڻهو آهيان“ ۽ هوءَ مون منجهه نهاريندي هئي، گهرين گهرين اکين سان ۽ هميشه سانت ۾ رهندي هئي.

That's good
It's too bad

”منهنجون اکيون جهڙيون آهن نہ... پوربن اکين وارا ماڻهو ڏاڍا بي وفا هوندا اٿئي. مان سچ ٿو چوانءِ، مان ڏاڍو خراب ماڻهو آهيان، مون سان بي وفائي ڪيئي تہ تنهنجون اکيون ڪڍي ڇڏيندس. توکي ڪهي ڇڏيندس، مان سچ ٿو چوانءِ I am very difficult manمان ڏاڍو Practical ماڻهو آهيانءِ، مون تي جادو ۽ ٽوٽا بہ اثر ڪونہ ڪندا آهن“.

”تون ڪو وهمي ٿو ڏسجين، هن Scientific دور ۾ تعويذ ۽ جادو ٽيلا ڪيئن اثر ڪندا، ۽ اهي تہ اڳئين جڳ جون ڳالهيون آهن“.

”ڏسجانءِ متي تون مون کي ڇڏي ڏيندينءَ“.

”نہ مان توکي ڪڏهن بہ نہ ڇڏينديس. پر تون جي ڇڏي ڏين تہ پوءِ مان ڪنهن جون اکيون ڪڍان ۽ ڪنهن کي ڪهان....؟“

”جيستائين تو پيار ڪيو تيستائين مان بہ ڪندس ۽ پوءِ نہ....“

”۽ پوءِ بہ چوين ٿو تہ متي پيار ۾ شرط ناهن ٿيندا.... مون رڳو اهي لفظ ٻڌا آهن ۽ ان کي اصلي حياتيءَ ۾ ڏسڻ بہ چاهيان ٿي، مرد پنهنجي ٻولن ۽ قولن سان ڪيترو سچو آهي...؟“

“I was in search of love”

”پوءِ اهو توکي مليو....؟“

”نہ متي Sweaty, Honey مان توکي زوريءَ ڪٺي وجان ها، تہ پوءِ تون رڙيون تہ نہ ڪرين ها نہ...؟ يا ڪرين ها....؟“

”نہ.....“

”مان بہ سوچيان پيو تہ آخر تہ پڙهيل عورت آهي“.

”پر.... تنهنجي ان رويي سان منهن ڏيڻ جا ٻيا بہ طريقا آهن“.

”ڪهڙا....؟“

”توکي چو ٻڌايان....“

”تو رنو پٺي مون ڏاڍو مشڪل سان گاڏيءَ تي ڪنٽرول پٺي ڪيو. متي چپ ٿي وڃ نہ تہ Accident ٿي پوندو“.

I am expecting you, you are twenty four hours late

”مان سوچيندو هوس تہ هن جي اکين منجهان پيار تہ ڏسجي پيو پوءِ هيءَ چوي ڇو ڪونہ ٿي...؟“

”پلي سريندر هيءَ ڪري مان نہ ڪندس“.

”سچو ورتو پيو آهي“.

”ڪير...؟“

”ناٽڪ جي ڳالهہ ٿو ڪريان...“

”پوءِ پيا سچي ڪن....“

”مان سگريٽ پيئندو آهيان نہ انڪري منهنجي سيني ۾ سخت سور ٿيندو آهي“.

”پوءِ ڇڏي ڏي نہ... نہ پيئندو ڪر ني“.

”ڇڏي نٿو سگهان... ڪير روڪڻ وارو جو ڪونهي. سيني ۾ جي زخم آهن، انهن کي سگريٽ جي دونهن ۾ ڊنڊلو ٿو ڪرڻ چاهيان“.

”ءِ سگريٽ جو دونهون ان کي وڌيڪ گهرو ڪري ٿو“.

”مني... مان سگريٽ ڇڏڻ ٿو چاهيان“ هن اتي مون کان سگريٽ ڦري ڦٽو ڪيو.

”ان مان ڇا ٿيندو...؟ گهر جو ڍبا پريا پيا آهن“.

”اتي توکي روڪڻ واري ويٺي جو آهي“.

”توکي اڳ ۾ چيم نہ تہ مان هٿ رکو پنهنجي پٽ جي ڪري واپس آيو آهيان. ان مان تون اندازو لڳائي سگهين ٿي تہ مون کي پنهنجي زال سان ڪيتري محبت آهي؟ مون کي هن لاءِ عزت آهي، همدردي آهي پر ان کي پيار نٿو ڇڏي سگهجي“.

”تنهنجو ڏک مون کان سَنو نٿو ٿئي، ءِ مان تنهنجي ڪائي مدد نٿي ڪري سگهان. اها ڳالهہ مون کي وڌيڪ پيڙا ٿي ڏئي. ڏس نہ تون ئي ڇنہ مان تو وٽ هن جي هوندي ڪيئن اچان...؟“

”ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي ديوي“.

هوءَ مون کي پيار وچان ديوداس سڏيندي هئي پر مان هن کي پارو ڪونہ سڏيندو هوس.

”توپاڻ ٿي تہ چيو ھو تہ تون منھنجو گھر ٿي ڦٽائين. نہ مان ڪانہ اينديس“.

”نہ اچ....“

ھوءَ ان ڏينھن جڏھن وڃڻ لڳي تہ مون کي ور ور ڪري ياڪر پائڻ لڳي. ائين جيئن سمنڊ جون لھرون ڪناري کي. ”ٻڌاءِ پوءِ مان تو وٽ ڪيئن اچان ها؟ توکي ياد آھي توائين بہ چيو ھو تہ: جي ھاڻي ايندي تہ مان گاربون ڏيندي مانس. ۽ ھونءَ بہ تو مون کي الائي ڪيترا ڀيرا در تان ئي موٽائي ڇڏيو آھي. زال کي خوش ڪرڻ جا بيا بہ گھڻا طريقا آھن. ھرويرو مون کي ذليل ڪري توکي ڇا ٿو ملي...؟ توائين بہ چيو ھو پر الائي ڪيترا ڀيرا ڇئي ڇڪو آھين تہ You should not come here :

”ڏس ديوي ايڏي بي رحمي بہ چڱي ڪانھي.“ ھن جي نيڻن جا ڪتورا وري پرجي آيا ۽ ڳوڙھا ڳلن تي وھي ھليس.

”منھنجو نڪ توکان ڏکھو آھي“.

”نہ منھنجو ڏکھو آھي“.

”ڏسان پلا“ مان ھن کي ڪلائڻ لاءِ ٻيون ڳالھيون ڪرڻ لڳس.

“Take it easy my darling take it easy”

ھوءَ اھي لفظ ٻڌي وري اچي سڏڪن ۾ ڇٽڪي.

”مني... تون تہ ڪا ڏاڍي ستايل ٿي ڏسجين. مني ھيڏي تہ اچ.... ھيڏي تہ اچ.“ مون ڪيس چيو. ”ھاڻي ڏاڍي دير ٿي وئي اٿئي، ھل تہ توکي ڇڏي اچان....“

ھڪ ڏينھن ھوءَ مون وٽ ويٺي ھئي، مان حسب عادت کيس ستائڻ لڳس. اصل ۾ ھوءَ منھنجي چرچي کي ڪڏھن بہ سمجھي نہ سگھندي ھئي.

“Love is unlocked and it is very sacred.”

ھن جي اکين ۾ وري ڳوڙھا پرجي آيا، ۽ ڳلن تي وھي ھليا.

”تون تہ ڪا ڏاڍي جذباتي ٿي ڏسجين“.

مون ھن کي پنھنجي تصوير ڏني، ھن ان کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. مان اٺي بيٺس ۽ وڃڻ لڳس، ھوءَ منھنجي اڳيان ٿي بيٺي ۽ پيرن کي جھليندي چوڻ لڳي: ”سچڻ مون کي معاف ڪر“.

”ھاڻي اھو ناٽڪ نہ ڪر، رھڻ ڏي“.

“Makes no difference”

هوءَ وري اُتي بيٺي ۽ ڪلهن کان جهليندي هن منهنجي سيني تي پنهنجو منهن رکيو.

"Don't do that, there is nothing left behind us"

مان وري ويهي رهيس ۽ سگريٽ ڪڍي ڇڪڻ لڳس.

هن پنهنجي پرس مان Gold leaf جو پاڪيٽ ڪڍيو.

"تو به سگريٽ ڇڪڻ شروع ڪيا آهن ڇا...؟"

"ها...."

"ڪڏهن کان...؟"

"چار پنج سال گذري ويا آهن. گذريل ڇئن پنجن سالن کان ڇڪيندي ٿي اچان. گهٽو ڪري رات جو ڇڪيندي آهيان ۽ مون کي به سيني ۾ سخت سور پوندو آهي. پهريان تون چوندو هئين، مون کي يقين نه هو".

"هاڻي ته اچي ويو اٿئي نه...؟"

"ها... آه، ائين پائيندي آهيان جڻ ڪنهن سيني ۾ ڪنڊار هڻي ڪڍي".

"مان توکي در تان موٽائي ڇڏيان، تون پوءِ به ايندين؟؟"

"ها... پوءِ به ايندس".

"مئي مان تنهنجي ڪري پٽ ڇڏيندس، زال ڇڏيندس ۽ تون ڪجهه به نٿي وڃائين...؟"

"تنهنجو مطلب آهي موت ۾ مون کي به ڪجهه نه ڪجهه وڃائڻ کپي ۽ پوءِ به چوين ٿو ته مئي پيار ۾ شرط ناهن ٿيندا".

"آخر هي منهنجا پار ناهن نه..."

"هنن جو مون کان سواءِ دنيا ۾ ڪير به ڪونهي ۽ نياڻيون نه هجن ها ته شايد ڇڏي به ڏيان ها، پر اسان جو معاشرو هنن کي نه جيئڻ ڏيندو ۽ نه مرڻ. رلي وينديون، مون کان سواءِ".

"مئي، منهنجو آواز ڏاڍو سٺو هو سگريٽ ڇڪڻ ڪري خراب ٿي ويو آهي. مان وري ڳائڻ ٿو چاهيان."

"My dearest Nasim"

”بڪواس ڇو ڪندا آهيو...؟“

”ماڻهو چوندا آهن، تو وٽ ڪار آهي، پيسو آهي ۽ وڏي ڳالهه ته ڏاڍو خوبصورت به آهين، ڇوڪريون ڇو نٿو رکين“.

”بڪواس ڇو ڪندا آهيو It is not my problem. پوءِ مون کي به انهن عورتن منجهان سمجهندو هوندين“.

“Believe me Nasim, it was not my intention.”

”مان ڪواهڙو ويل آهيان ڇا...؟ Did I say, I did not say.”

“You mean I should speak on my behalf.”

”پيار ڪري سگهين ٿو...“

”تون پيار ڪري سگهين ٿو... مون کي اچي ٿو. پنهنجي پيار ۾ سچو راڄ ڪٿي ڪنو ڪيو اٿئي. جڏهن ته:

It is entirely personal matter
He does not exist for me
It is part of my life
You need me and I need you.”

”اڄ مان ڪيترو نه خوبصورت پيو لڳان. سچي جڳ ڏٺو. تو نه ڏٺو چڱو ڪنهن به نه ڏٺو“.

“I am very plane to you, I am very sincere to you”

”مني ڳالهائڻ ته سگهه... مان توکي Response نه ڏيان ته تون مون وٽ ڪيئن اچين...؟“

”توکي ياد آهي ته مون توکي پهرين ڏينهن چيو هو ته تون جي مون کي هينئر چڙيندين ته ايترو ڏک نه ٿيندو پر پوءِ چڙيندين ته ڏاڍو ڏک ٿيندو ۽ تو سچ پچ چڙيو. تڏهن جڏهن مان توسان ڏاڍي intimate ٿي هيس، ۽ مون توکي هٿ ٻڌا هئا ته ڇڏڻو اٿئي ته هينئر هليو وڃ.“

”تون ته هليو وئين پر پوءِ مون ڪيترو رنو هو. تو ته مون کي ڇڏي ڏنو ۽ وري پلي پلائي ياد به نه ڪيو هيئي. پوءِ پتڪڻ، منهنجا ڳهڻا ۽ رولڙا منهنجي سونهن بنجي ويا — پلا ڪنهن جي لاءِ پاڻ کي بچايان ها. ڪنهن جي لاءِ پاڻ کي سونهن پريو بڻايان ها...؟ پوءِ مون سوچيو هو ته هاڻي مان ڪڏهن به ڪنهن جي نه ٿينديس. دل پنجي پور ٿي پئي هئي — اندر تائين رسيل زخم ناسور بڻجي منهنجي هستيءَ کي

روڳي ٻٽائي ڇڏيو- منهنجي هستي آهستي آهستي مٽجڻ شروع ڪيو- منهنجي ڪا به سچائپ نه رهي. عورتن جو زيورن ۾ ڪيتري موهه هوندو آهي... نٿو ڄاڻين ان ڪي، پر پوءِ مون اهي به پائڻ ڇڏي ڏنا. جڻ پنهنجو پاڻ وسري ويو هيم. منهنجي اندر مان آواز ايندا هئا، مان پاڻ کي ڪنهن جي لاءِ سنواريان ها ڪنهن جي لاءِ...؟"

"مٺي... پنهنجي لاءِ..."

"پنهنجي لاءِ... پاڻ کي ته مان هر حال ۾ وڻيس ٿي جهڙي به هيس. جيئن به هيس".

"I was also in search of love
Did you get it?

"نه توکان پوءِ ته بس رلڻو هيم جيئن مرد شراب ۽ عورت ۾ ذڪ مِٽائڻ چاهيندا آهن تيئن مون به شروع ڪيو- اهو سڀ ذڪ هو توکان مليل گهرا زخم جيڪي مِٽجي نٿا مٽجن".

"I do not believe in conditional love, but I got only conditional love that's why. I repeat it"

"هڪ ڳالهه پڇانءِ...؟"

"پڇ...."

"تو مون کي خريد ته ناهي ڪيو نه...؟"

"نه...."

"ته پوءِ اها ڳالهه نه وسارجانءِ تون هر وقت اهو ئي سوچي رهيو آهين نه. ته تو وٽ ڪار آهي، بنگلو آهي، شايد ڪجهه ڏوڪڙ بئنڪ ۾ رکيل هجن، ۽ ٿي سگهي ٿو زمين به هجئي — تڏهن ٿو ايترو ڳالهائين — ۽ جي مون جيان هجين ها ته اهو سڀ ڪجهه مون کي ٻڌڻو نه پوي ها. پر .... هونءَ به تنهنجي منهنجي Status ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي- توکي تنهنجي وڏ ماڻهپ تي گهمنڊ آهي ۽ مون کي منهنجي سچائيءَ تي، جنهن کي تون محسوس نٿو ڪري سگهين. تون سوچي رهيو هوندين ته جيڪي ڪجهه تو وٽ آهي، ان لاءِ هر عورت واجهائيندي آهي- ائين نه...؟"

"ها...."

”خدا نہ ڪري... تہ پوءِ پلا ڪنگال تي ڏس ۾ پوءِ مون وٽ اچجانءِ. جيڪي ڪجهہ تو وٽ آهي اهو سڀ ڪجهہ تون پنهنجن کي ڏئي اچ. مان تہ آهيان پرائي۔ مون کي انهن شين جو ڪپ ڪونهي. منهنجا مائٽ بہ تہ ڪي پنن ڪونہ ٿا نہ..“

”تون مون سان سدائين وڙهندو ڇو آهين...؟“

”توکي پنهنجو سمجهي“.

”پنهنجن کي تہ پاڻ گهڻو پيار ڏجي، مانُ ڏجي“.

هڪ ڏينهن هوءَ مون وٽ آئي. آئي ڪافي سالن کان پوءِ هئي. سندس اکڙين ۾ ڳوڙها هئا ۽ جيڪي ڳلن تي تمندا ٿي ويا. چوڻ لڳي:

”مون سمجهيو هو تہ تون مون کي پنهنجي آفيس مان ڌڪا ڏئي ڪيندين.... ڏاڍو ڊپ پيو لڳيم۔ تون جي نہ روڪين تہ جيڪر مان تو وٽ روز اچان...“

”تون مون وٽ نہ ايندي ڪر ـ مون کي Disturb ٿي ڪرين“.

”توکي سڄو جڳ ڏسي ٿو پنهنجا ڏسن ٿا. پراوا ڏسن ٿا. دشمن ڏسن ٿا تڏهن تہ تون Distrub ڪونہ ٿو ٿين. توکي سڄو جڳ ڏسي باقي مون ڏوهہ ڪيو...؟“

”تون اينترو روئندي ڇو آهين...؟“

”اهو تون ٿو پڇين...؟“

”تون چپ ڇو ٿي وئي آهين...؟“

”جڏهن ڪجهہ ڳالهائڻ جي اجازت نہ هجي تڏهن سانت ئي بهتر آهي“.

”ڇا ٿي سوچين...؟“

”ڳالهائڻ لاءِ تہ گهڻو ڪجهہ اٿم“.

”نہ ڪجهہ تہ ضرور سوچين پئي....؟“

”ٻڌي ڇا ڪندين...؟“

”نہ تون ڪجهہ تہ ڳالهاءِ ڳالهاءِ مني“.

”ڳالهائيندس تہ ذڪ ٿي پوندئي“.

”وري ڪو نئون ذڪ مليو اٿئي ڇا...؟“

”ذڪ منهنجي رت ۾ ائين سمائجي ويا آهن جيئن.... جيئن...؟“

”جيئڻ جيئڻ... ڇا پئي چوڻ چاهين؟“

”ڪجهه به نه....“

”تون ڳالهه شروع ڪري چپ ٿي وينديءَ آهين. مون کان ڊڄندي آهين ڇا...؟“

”ها....“

”ڇو...؟ مان ڪو توکي ڪجهه ڇڏيندس ڇا...؟“

”ڪجهه ڇڏيندين ته ڪونه پر ڪاوڙ ته ڪندين نه ۽ تنهنجو ڏک تنهنجي ڪاوڙ مون کان سٺي نه ويندي آهي ديوتا“.

”ديوتا...“

”هون... اسان جيون جي ڪهڙي موڙ تي مليا آهيون. جڏهن ننهي جي نس نس ۾ بي رحمي سمائجي وئي آهي. ديوتا هيءُ تنهنجو ڪهڙو پيار هو جيڪو چار ڏينهن به نه هليو؟ اسان جڏهن به ٻن گهڙين کي گهارڻ چاهيو ته وڌيڪ پياسين. ائين ته شايد دشمن به نه ڪندا هجن. ڪٿي اڳلي جنم ۾ متان هجون به ڪٿي- ديوتا تون حياتيءَ ۾ وري مون وٽ ڪڏهن به ڪونه ايندين...؟“ ۽ ائين هن ڪيترا پيرا خط لکيو هو. اڄ هن وري به پنهنجي ديوتا کي خط لکڻ چاهيو هو- پر ڳوڙهن جي رم جهم اکرن کي ڊاهيندي وئي- ۽ هوءَ چپ چاپ ڳوڙهن جي ورڪا ڪندي رهي- ديوتا ڀلا اينترو ته ٻڌاءِ جيترو مان توکي ٿي ساريان اينترو ڪڏهن تو ساريو هوندو؟ نه نه ديوتا ڀلا مون وٽ ڇا هي...؟“

نيڻن ۾ رهندڙ ديوتا ڪڏهن ته انهن ڳوڙهن کي اگهڻ به سڪ جن کي ڏاڄ ۾ ڏئي رمندو رهيو آهين. قسمت ائين ڀار جيان مون سان ڪيتو ڪندي جڏهن مون ڪنهن کي به دائمي طرح پنهنجو بنائڻ چاهيو — روئڻ اڄ جي ويو. اسان جو ليک ته تقدير واري ڪري به ڇڏيو. ڪهڙو ٿو فرق پوي جو اسين ٻئي جسماني طرح گڏ ناهيون. سچو جڳ تر ٿلي ۾ اڃي ويندو جي مان تنهنجي نه ٿي سگهيس.

ديوتا مان ڄاڻان ٿي ته تون ڇو رنل آهين..؟

ڪوئي ڪيئن ڄاڻندو ته ديوتا مون کان هميشه لاءِ ڇو رسي ويو. ڪير هئا منهنجي اڻ ڪٿ پيار جا ويري؟ هن ڌرتيءَ تي شايد ڪڏهن ايڏو وڏو ناٽڪ رچيو ويو هجي. جنهن کي تون نه سمجهي سگهئين؟ تون ڏاڍو ڪروڌي آهين ديوتا- پوءِ به

ڪيڏو نہ پيارو— تون پنهنجي مٿان ڪيترا بہ ڪٽي بي رحميءَ جا خول چاڙهين، پر مون ڪان اهو منڙو منڙو نرمل نرمل- چندرما جي ڪرڻن جيان ڪومل ڪومل انسان ڪي لڪائي ناهين سگهيو ديوتا- مان ڄاڻان ٿي تون بيحد ڪروڌي ۽ هوڏي انسان آهين. تون مون وٽ ڪڏهن بہ ڪونہ ايندين- پر پوءِ بہ هڪ آس آهي انڌيرن ۾ گم ٿيل منهنجي هستيءَ مٿان چندرما جي ڪرڻن جي ورڪا هميشه ڪندو رهندين- تنهنجي يادن جي ورڪا ۾ هميشه مان پچندي رهنديس.

مون کان وڌيڪ خوشنصيب هوائون آهن، جيڪي توکي روز ڇُهن ٿيون- مون کان وڌيڪ خوشنصيب تہ اهي ڏارين جون نهارون آهن، جيڪي توکي روز ڏسي سگهن ٿيون. ڪاش اها چئن ڏينهن جي پنهنجائپ مون کي ملي نہ ها. مان انهن ڏارين منجهان هجان ها- هاڻي تہ خوش آهين نہ ديوتا..؟ تو مون کي وسارڻ پئي چاهيو نہ... تنهنجو قسم تہ مان ان معاملي ۾ تنهنجي ڏاڍي مدد ڪئي، ٻڌين ٿو نہ ديوتا تون؟ مون کان نفرت ڪري سگهين ان لاءِ مون پاڻ توکي سوين بهانا ڳولهي ڏنا.

مون کي پنهنجي جيون مان تڙي... هاڻي تہ تون خوش آهين نہ....؟؟

ديوتا تون ٻڌي ٿو نہ... توکي مون سان گهاريل هڪ بہ گهڙي ياد نٿي اچي نہ... تڏهن ئي تہ تو ايترو پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو پر ديوتا پوءِ بہ مون کان تہ ڪجهہ بہ ناهي وسريو. تو وٽان مليل ڏک... پيار... نفرتون... رنجشون... ذلتون سڀ هينئين ۾ سمائجي ويون آهن- ها سچ ديوتا جيون جو حصو بڻجي چڪيون آهن.

هن ڪڙي حياتيءَ لاءِ اهي يادون امرت بڻجي مون کي ٻلوان بڻائي ڇڏينديون آهن. تو ماڻهن جو سهارو ورتو ۽ مون دل جو. تون جتي هئين، مان تنهنجي پاڇي سمان پويان پويان هيس- اصل ۾ ديوتا تون پنهنجي پويان پنڌ ۾ پيچرا لتي ويو آهين- جنهن بہ واٽ تان هلي تو تائين رسڻ چاهيان ٿي، پل کن ۾ اها راهہ ڪنبن سان ڀرجي ٿي وڃي. اڳيان انڌڪار ئي انڌڪار آهي ۽ ٽڙندي ٽاٻڙندي مان پنهنجو پاڻ کي ئي اڄ تائين رتوڇاڻ ڪندي رهي آهيان. گهرا گهاءَ مون کي رسيا آهن- تو تہ ڪجهہ بہ ناهي وڃايو- هر پل ۽ هر وک تي ڪارين گهٽائن رت جي ورشا مون تي ٿي ڪئي- جڳن جا جڳ گذري ويا آهن، پر اڄ ڏينهن تائين پريت ڪندڙن کي رڳو ڏک ڏولاوا مليا آهن-

سجڻ هڪ وار تون مون وٽ اچي تہ ڏس منهنجون اکيون روئي تنهنجي آجيان ڪنديون- چپ مرڪي آجيان ڪندا - منهنجي هستيءَ جو ذرو ذرو توکي پنهنجي رت ۾ سمائڻ لاءِ تڙپي اٿندو- خوشي ۽ ڏک جا مليل سليل جذبا ڪٿي منهنجي موت جو سبب نہ بڻجي پون- ٻڌاءِ پوءِ بہ تون مون وٽ نہ ايندين...؟ ڪٿي ملي سگهندو توکي ايڏو پيار! مان پيي سچ ٿي چوان تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن منهنجي خون ۾ ٻاڻ ڪي رڱيل ڏسي تون بہ جڳن جا جڳ روئيندين. سچ تہ ڪڏهن بہ سک سان رهي نہ سگهندين.

گيتن جو سنسار، چندرما جي ڪرڻن جي ورڪا، سرمئي رنگ جي ڪڪرن جي ررشا هجي يا ڪارين اماس راتين ۾ تارن جي جهرمر - هر شيءِ ديوتا! ڪائنات جو ذرو ذرو تنهنجي ياد ڏياريندو آهي- پر تون نہ هوندين بس رڳو تنهنجون ياد هونديون آهن. ڪڏهن رئارينديون آهن ڪڏهن ڪلائينديون آهن ۽ ڪڏهن راتين جون راتيون اوجاڳا ڪرائينديون آهن. مان مان نہ رهي آهيان. وڪريل سوچون- ڪڏهن بہ سک ناهي ڏنو. هونءَ تہ جيئڻ جا گهڻا بهانا آهن مون وٽ. گيتن جو سنسار آهي پورو- ٻڌڻ ۽ ڳائڻ منهنجي اجهاٽل حياتيءَ کي جيئارڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڏئي سگهن ٿا ديوتا - پر اهي بہ مون کان ڦريا ويا آهن- گيت ئي تہ منهنجي ڪڙي جيون لاءِ امرت آهن.

❐

# آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه....!

اڄ ڳوٺ ۾ زندگيءَ جا اهڃاڻ ڪجهه وڌيڪ ٿي نظر آيا. خاص ڪري مردن ۽ ٻارن ۾. عورتن جي معمول ۾ ڪو خاص فرق نه آيو هو. ساڳيون ئي ميريون، پگهريل ۽ ڪم ۾ رڌل، رڙبين ۽ واڪن ۾ پوريون. باقي مردن کي نوان ويس وڳا پهريل هئا. اڇيون پڳون ڪلف لڳل. ٻار به اڇا اجرا هئا. صبح کان ڪنهن چاتل خوشيءَ جو انتظار ٿي رهيو هو. اها ڪهڙي خوشي هئي، جنهن هارين نارين جي چهرن کي ٻهڪايو هو ۽ وڏيرن کي وڌيڪ ڦونڊ ۾ وڌو هو؟ عيد به ڪانه هئي. نه ڪا شادي هئي. پوءِ ڪهڙي خوشيءَ ۾ سڄو ڳوٺ جهوميو پئي. ضرورت کان زياده گهٽ ۽ ٻوسٽ هئي. ٻاڦني جي نون ڪپڙن وڌيڪ گرمي ڏئي ڳوناٺن کي پگهر ۾ ٻوڙي ڇڏيو هو. وڻ ٽڻ خاموش هئا. اڳين کان وڌيڪ جهڪيل ۽ ماٺ ۾. آڪاش ۾ سرٽين جا لامارا وڌيڪ تيز ڪتن به وڌيڪ پئي پؤنڪيو ۽ ڪانون جي ڪان ڪان به زور تي هئي، اهي اهڃاڻ ڇا جا آهن؟ تنهن جي سڌ پدما کي چڱيءَ طرح هئي. اڄ "مروان موت ملوڪان شڪار" جي هفتي جو پهريون ڏينهن هو.

اڄ رڇ ۽ ڪتن جو ميل هو

سياٽي سوئر ۽ ڪتن جو ميل.

پرينهن ڏاندن جي گوءِ.

اڙينهن ڪڪڙن جو.

۽ هي سڄو هفتو:

"مروان موت ملوڪان شڪار" وارن جو هو ۽ آخر ۾ وڏيري جي اوطاق تي ڪچري نچڻي هئي، اهو نه هر سال ٿيندو آهي. ڳوٺ جي روايت آهي ۽ سنڌي قوم جو ننئول پريو ناتڪ هر ڳوٺ ۽ واهڻ ۾ رچندو آهي، خاص ڪري جت وڏيرن جو تعداد سرس هجي، اتي بزدلن. چاپلوسن ۽ ڪُتن جو تعداد ڳچ هوندو آهي. صدين جي غلامي ۽ وڏيرن جي ڏاڍ جون ٻاهيون اسان گگدام جانورن مان. زالن مان ۽ ٻارن مان ڪيندا آهيون. ڏاڍن جي ڏاڍ. ظلم ۽ پيڙجڻ کي لنوائڻ لاءِ ۽ وڪ وڪ تي

پنهنجي بي عزت وجود جي تصور ۽ ان جي ذلت ڀريئي ذڪ کي متاثر لاءِ سنڌي ماڻهو هر واهڻ هر ڳوٺ ۾ اهو ننڍو ڀريو ناٽڪ رچائيندا آهن! جنهن کي:

”مروان موت ملوڪان شڪار“ چئبو آهي، اڄ اهو ئي هفتو ملهائجي رهيو هو. تنهنڪري غريب هارين کان سندن غربت وسري وئي هئي. بک وچان ٻارڙن جو روئڻ بند ٿي ويو هو. اکين ۾ حسرتن جا انبوهه ڪٽي هلندڙ مائرن کان ڪجهه ڏينهن لاءِ رڙيون ۽ واڪا ڪرڻ وسري ويا هئا. ٻارن منجهان ٻاڪر ڪٿو ڪجهه جهڪو ٿيو هو ڇو ته عورتن مٿان موچڙن جا زيپٽ ڪجهه جهڪا ٿيا هئا ۽ لنبون ۽ گهوٻاٽا ائين ئي پٽ تي پيا هئا. وسريل هئا مردن کان. اڄ ڪلهه هو ڏکڻ شهپرن کي تيل هڻي تاءُ ڏئي هلڻ ۾ مگن هئا. ڇو ته اڄ:

”مروان موت ملوڪان شڪار“ جو هفتو ملهائجي رهيو هو. پلا اهڙي هفتي ۾ ڪنهن کي ٿا ٻچا ياد پون. هي سڄو هفتو وڏيري جي اوطاق تي پٽ جون ديڳيون جو رڌجڻيون هيون. ڪانگڙي چانورن جون ۽ پاڏي جي گوشت جون — رڇن، ڪتن، ڪڪڙن ۽ ڏاندن جي ميل کان پوءِ پيٽ جو ميل هو جنهن ۾ ڳوناٽا پت جي پاترن تي ائين تننڊا هئا، جيئن بکايل شينهن ڪنهن جانور تي.

هر سال پولائي فقير ايندا آهن، جيڪي ذات جا ڪهيري آهن. ڪهيري فقيرن جون عورتون گهڻو ڪري شريف ۽ خودار. جوان عورتون پاڻ نه پنڌيون آهن. پر هنن جا مرد رڇ نچائن پولڙا نچائن يا ڪي اڌڙوٽ عمر جا مرد ۽ عورتون پنن. مرد به گهڻو ڪري شريف ۽ خودار. حسين ۽ قداور، ڳالهائڻ جا مٺا. ننڍڙا ٻار به سونهن ۽ معصوميت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ، حياتيءَ سان ڀرپور جيئڻ جا ارمان منجهن گهڻا. سونهن به منجهن سرس ته ڏيا به منجهن گهڻي. هو هميشه ڳوٺ ۾ سياري جو ايندا هئا. سرڪاري باغ ۾ اچي تنبو کوڙيندا هئا. وڻن جي جهرمٽ ۾ تنبن جو جهرمٽ. هر ٻئي وڻ سان رڇ يا پولڙا ٻڌل هين. پولڙا جهٽڪ ماڻهو جيان شرارتي هڪ ٻئي جون جُوئون ڪيڻ ۾ رڌل پر اچانڪ لوهه پائي اچي ٻارن جي ميڙ منجهان هڪ کي رانپوتا هٽندا ۽ ٻار چرڪي رڙيون ڪري پڇي ويندا. پولڙا وري وڃي جُوئون ڪيڻ لڳندا.

ٻار وري ويجهو اچڻ لڳن ۽ پولڙن ڏي لائي ۽ پڳڙا اڇلڻ لڳن. پولڙا بظاهر جُوئون ڪڍڻ ۾ مشغول پر پڳڙا ۽ لائيءَ کي ڏرتيءَ تي ڪِرڻ کان اڳ ئي جهٽي وٺندا.

ٻئي وڻ جي ٿڙ سان رڇ ليٽيل هو بي خبر ۽ مني ننڊ ۾. هيءُ ٽيون وڻ هو جنهن سان رڇ زنجيرن سان ٻڌل هو. رڇ جي زنجير جي دائري اندر اچ وڃ لڳي پئي هئي. لڳو تي ڪا اندر ۾ اڻ تڻ هئس. رکي رکي پيڪي تي ڏنائين ۽ وات منجهان گج پئي وهيس. رڇ ڏاڍو صحتمند ۽ جوان هو اجا جوڀن جون ٻہ ٽي بهارون مس گذاريون هئائين. ٿلهو متارو ۽ خار باز. اکين ۾ ڪاوڙ ۽ آنا. جڻ ڪا ٻہ ڳالهہ نہ وڻندي هجيس. ۽ هيءُ چوٿون وڻ هو ان وڻ سان ٻہ رڇ ٻڌل هوا سندس حالت ڏسي پدما کي چڪر اچڻ لڳا. متو ڦرڻ لڳو ۽ دل ڪچي ٿيڻ لڳي. هو ٽڪ ۽ زخمن کان چور ٿيل ساٿو ٿيو وڻ کي ٽيڪ ڏئي ليٽيل هو سندس اکين منجهان ڳوڙها ٿي تميا.

اجا ڪالهہ ٽيهريءَ جي تہ ڳالهہ آهي جو ميدان جي وچ ۾ ڪل ۾ رسو ٻڌي پوري رسي جو پيو پاسو رڇ سان ٻڌو ويو هو چوطرف ماڻهن جا ميڙاڪا هئا. جڏهن وڏيري جا ڪتا رڇ تي چڙيا ويا هئا. مکڻ, گوشت ۽ کير تي پليل شڪاري ڪتا ۽ ٻئي طرف هو رڇ ڪهيري فقيرن جو. هو بہ پنهي سني هن لاءِ سني خوراڪ مهيا ڪندا هئا. پاڻ بک مري بہ رڇ کي ڏيندا هئا. ڪڏهن عورتن کان رڇ جي پر گهور وسري ويندي هئي, تڏهن مڙسن جي مار کائڻي پوندي هئن, چو تہ هر سال رڇ ڪتن جو ميل ٿيندو هو ۽ ميل کٽڻ جي صورت ۾ هو تي چار هزار رپيا ڪمائي وٺندا هئا.

ها تہ مون ڳالهہ ٿي ڪئي تہ رڇ ٻڌل هو ۽ شڪاري ڪتن جون رسيون ڪليل هيون. رڇ کي چوڌاري وڪوڙي ويا. سندن واڇن مان رت پئي تميو.

ماڻهن خوشيءَ مان رڙيون پئي ڪيون ۽ رڇ بي وسيءَ جو شڪار هو ڇو تہ هو زنجيرن ۾ قابو هو ۽ وات مان گجي پئي وهيس. هن جي چوطرف پکڙيل ڪتن منجهان جيڪو سندس آري ۾ ٿي آيو ان کي پاڪر ۾ پيري اهڙو زور سان ٿي پيڪوڙيو جو ڪتي کي ستن پيڙهين کان ڪاڏل مکڻ, کير ۽ گوشت ياد ٿي ڏياري چڙيو ۽ پوءِ زور سان اڇل ڏيئي ڦيري پائي پوبان ايندڙ ڪتن جي حملي کي ٿي روڪيو اهو چيلهہ پڳل ڪتو ڳپل وقت تائين ڪوئنڪات ڪندو ٿي رهيو جيسين اڇي مالڪ کيس ڪٽي نہ ٿي ويو. آسمان ۾ سرٽين لامارا پئي ڏنا ۽ هيٺ ڌرتيءَ تي

ماڻهن منجهه هوڪرا هئا. پدما کي هميشه اها سوچ هوندي هئي تہ حياتيءَ جي هر ڪڙي لمحي کي، فحش گهڙين کي هوهڪ وار پاڻ ضرور ڏسي. پدما سنن انن سالن جي مس هئي، پر هن سوچيو هو تہ هوءَ وڏي ٿي پڙهندي ۽ هوءَ شڪل جي بہ موچاري هئي، ننيڙي ننيڙي ڪومل ڪومل. هوءَ پهرن جا پهر آئينو ڪٽي پنهنجي سهڻي سباجهي صورت ۾ نهاربندي رهندي هئي، اڪيون وڏيون ۽ گهريون هئس، ڳل پريل ۽ وار ڊگها گهاٽا. هوءَ ڳوناٽي ڇوڪري هئي. تنهنڪري وار ميںنديءَ سان ڳتيل هوندا هئس، ڪن ننيڙا، پريل چپ، جتان بہ لنگهندي هئي تہ ماڻهو کيس سڏي پيار ڪندا هئا. هوءَ هئي بہ ڏاڍي سباجهي ۽ چئيوان ”پدما“ ڳوٺ وارا کيس پيار منجهان سڏيندا هئا. هونءَ سندس نالو پيو هو. رچ ۽ ڪتن جو ناتڪ لڙبئي سچ پورو ٿيٽو هو. پر هوءَ وڏيڪ اتي ٻيهي نہ سگهي، هن جي دل ۾ اڀٽون پئي اٿيون ۽ مٿي ۾ ڦيري پئي آيس. هوءَ پيءُ واري ڪرسيءَ جي پويان بيٺي هئي، پٽس ڳوٺ جو زميندار هو پر هو رچ ۽ ڪتن جي ميل کي ڏسڻ جو شوقين نہ هو. بلڪ ان ڪان وئون وبندو هو وحشت ٿيندي هئس، پٽس ڏاڍو رحمدل هو. ڪڏهن ڪنهن تي هٿ نہ کڻندو هو اچوڪي ميل ۾ کيس زوريءَ وني آيا، بزدليءَ جا طعنا ڏئي، هو وينو تہ هو پر سندس من ۾ ڏاڍو ڪروڌ پريل هو. لڳس ٿي رچ ئي پاڻ هو ۽ سندس پوٽ ڪتن پئي پٽيا. هن جي من ۾ بہ اپڙڪا پئي ٿيا، هو اٿڻ تي ۽ ٿي چار ماڻهو کيس زوريءَ ويهاري ڇڏڻ تي. لاچار اهو بيهودو ناتڪ کيس پوروئي ڏسڻو پيو. پاسي ۾ ڪوٽ اندر سوئر هو ان جا مالڪ پولائي پاڻ نہ هئا، ڪو ٻاهريون ماڻهو هو اچ منجهند جو سوئر جو ميل هو. حياتيءَ ۾ هڪ وار انهن سيني شين کي ڏسڻ کپي، چاهي اهي ڪيڏيون بہ ڪڙيون ڇونہ هجن ۽ ڪيڏيون بہ فحش ڇونہ هجن. منجهند جو هوءَ اهڙي وڻ تي چڙهي ويٺي جو پاڻ وڻ جي ٽارين ۾ لامن ۾ لڪل هئي، ٻيا سڀ ڳوناٽا هيٺ ڪوٽ جي چوڌاري ٿي بيٺا هئا. گوڙ گهمسان ۽ هنبوچيون هيون. سوئر کي ميدان ۾ آندو ويو سوئر جو ڪنڌ سڌو هوندو آهي، انڪري ڪاٽ کيس نہ لڳندا آهن. انڪري سڌو سڌو هلندو آهي، پر انساني معاشري ۾ ريتون رسمون ماڻهن لاءِ ڪاتن سمان جيڏانهن بہ نهاري تہ رسمن جي ڪاتي نڪاءُ ڪنڌ ۾ لڳندس. سندس ئي جوڙيل ريتون ۽ سندس ئي ڳچي، پئي ڪنهن تي ميار بہ ناهي.

ٻئي ڏينهن تي ڏاندن جي ڳوٺ صبح ساڻ ٿي هئي. ڏاندن کي ڇڳيءَ طرح سينگاريو ويو هو جهلون پيل هُئن ۽ ميندي لڳائي وئي هُئن ۽ مالڪ هر هر ڪين پٺيءَ تي هٿ هڻي ٿي داد ڏنو ته لوهي ٻليون (ڪپيون) سندس ماس ۾ جڏهن هڻبيون ته هو ڪيترو تيز ڊوڙندا. ٿلها متارا صحتمند ڏاند جڏهن پڄندي پڄندي ساٿا ٿيندا ۽ سندن رانن کي ڪپين سان ڇچري رتو رت ڪيو ويندو تڏهن ماڻهن جا ڪيترا هوڪرا لڳندا ..... ان ڪان تئين ڏينهن تي ڪڪڙن جي ويڙهه هئي. موڙن سان ڪربلائي ڪڪڙ ۽ پشوري ڪڪڙن جي ويڙهه رکيل هئي. تکين نوڪدار ڪڙهين سان ڪڪڙ جن کي چاڻونءَ سان ڪرڙي وڏيڪ تکو ۽ نوڪدار ڪيو ويو هو.

سندن ڏاڍي چاڪري ڪئي وئي هئي، جيئن هو وڏيڪ وقت وڙهي سگهن ۽ هڪ ٻئي کي رتو رت ڪري سگهن. ميل جي دوران مالڪ ڪين پاڻيءَ جا ڦوهارا ڏئي وري تازو توانو ٿي ڪيو منهن رتو رت ٿيل هئن. چنبا رت سان پريل اکيون سوج ڪاڏل ۽ موڙن جا ٽڪر ٽڪر پٽيل ۽ اج ... ۽ اج.... ”مروان موت ملوڪان شڪار“ هنئنو ملهائڻ جو آخري ڏينهن هو. تنهنڪري وڏيري جي اوطاق تي ڪچري نچڻي هئي.

مايون سنجهي ئي ڪم ڪار لاهي. مسيون ۽ مساڳ هڻي، سرما ۽ تيل ڦليل ڪري ميِنديءَ جا ونا وارن ۾ وجهي ڳُهه ڳنا پائي چريل وڳا پهري وڏيري جي گهر اچي پهتيون هيون. شام سان ئي ڪوٺن تان عورتن جون سينگاريل منديون ڏسڻ ۾ پئي آيون ڳوٺ جا جوان ٻه شهپرن کي تيل مکي ڏاڍو ڏگر منجهان ڪلف لڳل ڪپڙا پهري گهٽين ۾ شڪارين وانگر پئي نوسيا. اک ٽيٽ جو دور هو.

وڏيري جي اوطاق تي ماڻهن جا انبوهه هئا. چوطرف ڊگهن شهپرن سان ماڻهو طرا ٻڌل پٽڪن سان ماڻهو وڏن پاڇن سان سنڌي نوجوان. گوڏين سان ماڻهو ٿاٿل ڪپڙن سان ماڻهو لٿا ليڙون ٿيل ماڻهو ڪي بينچن تي ويٺل ته ڪي پٽ تي، ڪي موڙن تي، ته ڪي ڪاٺ جي ڪرسين تي، ۽ ڪي نيٽ سان واڻيل آرام ڪرسين تي. وچ تي ٽيبل رکي هئي ۽ ان مٿان هرمچ سان پريل سهڻو ٽيبل ڪور. ڪٽ تي ٽِڪ جي وڇايل رلهي ۽ ان مٿان سهڻي ريشمي چادر ۽ ان مٿان ٿلهو گول وهاڻو ستارن ۽ موتين سان جڙيل وڇڻو وڏيري وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي مڇن کي پئي مروٽيو ۽ رکي رکي شهوتي نگاهن سان ٻيٺل ڪوٺي تي عورتن منجهه ٽيڏيءَ اک سان

نھاريو پئي ۽ وري ڦونڊ ۾ اچي پٽ تي وڃڻ رنڊيءَ ۾ نھاريو پئي. رنڊيءَ جي منهن تي گهرا گهرا ماتا جا داغ هئا ۽ اکيون مڙئي چڳيون. ڪاري ڪوجهي پر مردن کانئس پائي پائي اڳاڙڻ لاءِ منجهس رهيل کهيل عورتپڻو به سالن کان وني ڳڙڪائي چڪا هئا. تنهن ڪري سندس منهن تي چن جيان مکيل پائوڊر ۽ چپن تي ڦهليل لالي ۾ گهري ڳاڙهي رنگ جي سرخي، جنهن کيس زال منجهان ڪدڙو بنائي ڇڏيو هو.

پوءِ به الائي ڇو ڳوناٽن جون واڇون گودو هٽي وڃون هيون ۽ منجهائن گگ جڻ اجها تي تمي!

رنڊيءَ جو نالو وسائي هو ۽ سندس پيرن ۾ ڇير پيل هئي. آواز اهڙو خاص ته نه هئس. پوءِ به الائي ڇو ڏور تائين مشهور هئي. آواز جي ڪري ڪن تي هٿ رکي ڳائيندي هئي ته ڌرتي ۽ عرش ٻئي ڏڏي پوندا هئا. پري پري تائين تماشي وچان آواز جو جادو يا آلاپ سمجهي ويهندا هئا ۽ چوطرف سندس آواز جي هاڪ هئي. اڄوڪي رات:

”مروان موت ملوڪان شڪار“ هفتي جي آخري رات هئي. چانديءَ جي ربين جا ڇٽڪات هئا. پريان پريان جي ڳوٺ جا ماڻهو دعوت ۾ آيل هئا. ڪيريءَ جو ناچ ۽ گانو شروع ٿي ويو ۽ چانديءَ جي ربين جي ڪڙڪات ۽ نون ڪاڳرن جي نوٽن جو آواز رنڊيءَ جي ڇير جي آواز ۽ گانن جي رڙين ۾ ٻڏي ويو.

ماڻهن کيس سؤ جا نوٽ ڏيکاري، ڏهه ڏهه جا نوٽ ڏيکاري هرڪايو پئي ۽ هن پنهنجي جسم جي نمائش ڪري شهوتي انداز وارن ماڻهن کي به هرڪايو پئي. ٻنهي جو هر ڪائڻ پنهنجي جوبن تي هو جو اڄوڪي رات:

”مروان موت ملوڪان شڪار“ واري هفتي جي آخري رات هئي. آڌيءَ رات تائين اِها ڏماچوڪڙي هلندي رهي، ڪن بي شرم بي حيا انسانن رنڊيءَ جي ڳتي تي ربيو ٿي رکيو ۽ سندس ساٿيءَ اهو نوٽ اتان اچي ٿي کنيو ۽ ڪن ٻنهه رنڊي سان فحش حرڪتون ٿي ڪيون. رنڊي پنهنجي مخصوص ماڻن سان عورتپڻي جو ڪوس ڪندي اچي ٿي انهن کان سؤ جو ڏهين جو ۽ پنجين جو نوٽ کنيو ۽ پوبان ماڻهن جا هوڪرا هئا. اِها بي حيائيءَ واري رات:

”مروان موت ملوڪان شڪار“ زنجير جي آخري ڪڙي هئي ۽ ماڻهن ان ۾ دل کولي حصو پئي ورتو. چنڊ تارا سڀ ساڳيا هئا. آسمان به ساڳيو هو ۽ ڌرتي به

ساڳي هئي، پوءِ باقي هيءَ هنبوڇي ڇاجي هئي....؟ ڏرتيءَ جا ڏک به ساڳيا هئا ۽ سور به ساڳيا هئا. باقي هي بي حيائيءَ جو منڊل ڇو منڊيو ويو هو؟

ڏس ڪو ڏانوَ مان توکي ڪيئن پرچايان،
ڪيئن پرچايان توکي، ڪيئن سرچايان،
ڇيريون پايان، ڪن جهمريون پايان،
تلڪ لڳايان، ڪن جٽيو پايان،
ڏس ڪو ڏانوَ مان توکي ڪيئن پرچايان،
لنگها لائج رات، نچڻ جي اها ئي ٿي.

پدما جي ڪنن ۾ ڇير جو آواز ۽ رنڊيءَ جا واڪا ڪنن ۾ شيهي جيئن پگهرڻ لڳا. هوءَ ان وقت ڪوني تي بين ماين جي وچ ۾ ويٺل هئي، ڇت جي ديوار کي ڳلڪڙا ٿيل هئا. پدما اهو سڀ ڪجهه ڏٺو ۽ ڏٺو ته مٿي آسمان ۾ چنڊ هو تارا هئا، انهن جي روشني جهڪي جهڪي هئي، هوءَ ننڍي ديوار تان ڪري پئي ڪنهن به هن ڏي ڌيان نه ڏنو. هوءَ بي هوش پئي هئي، ڪجهه وقت کان پوءِ هن کي سرت اچڻ لڳي، هن آسمان منجهه نهاريو. جهڪي جهڪي تارن جي روشنيءَ ۾ هوءَ ٿيڙ ڪائيندي لٿي. هوءَ جڏهن گهٽيءَ ۾ پهتي ته ماٺهن جي اچ وڃ لڳي پئي هئي، ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ گولا هئا. انڪري اينتري اونده نه هئي. هوءَ اڃا گهٽيءَ ۾ هئي ته سندس ڪنن تي ڪنهن عورت جي رڙين جو آواز پيو. هوءَ ڊوڙندي ان گهر ڏانهن وئي، در کليل هو ڇني هيٺان مڇرن جي پون پون هئي. مڇر ٻانهن ۽ منهن تي مکين وانگر ٿي ڪريا. ڇني هيٺان دونهين دکايل. ڪونيءَ منجهان ڪنهن عورت جون تکيون هينئين کي ڪٽيندڙ رڙيون ٿي آيون. هوءَ ڊوڙي ان کٽ ويجهو پهتي، جتي عورت رلهيءَ تي ستل هئي. ڏيئو جاري ۾ رکيل هو ڏيئي جي جهڪي روشنيءَ ۾ هن عورت ڏي نهاريو سندس مٿي منجهان رت پئي تميو سندس منهن ۽ ٻانهن تي نيرا نيرا ڏنا هئا. پدما پير ۾ وڃي ويٺي، ”ماسي توکي ڇا ٿيو آهي — تون رڙيون ڇو ٿي ڪرين....“

”امان تون مٺي رمون کي سڏي آ — مار پوبس مون کي ماري پاڻ وڃي اوطاق پيڙو ٿيو آهي، رنڊي پڳي ٿي وئي الائي پاڻ -؟ مٺي مون کي سور آهن....“ ۽ هوءَ وڏيڪ ڳالهائي نه سگهي ۽ وري هينئين ڪٽيندڙ تکيون رڙيون شروع ٿي ويون. هوءَ

آهن مرون آهن. هنن کي واري سان ورڻ سان ہڏجي ۽ پوءِ ڪتن جي بچ ڪجي. سندن ہوٺ بہ ڪتن جي وات ۾ هجن ۽ پاڻ بہ چتا ٿين'.

پوءِ هوءَ ريڊيو سيلان لڳائي هندستاني گيت. ناچن جا گيت ۽ هندستاني ڪورس ہڏندي هئي — ڪيس اهي ڏاڍا وڻندا هئا. هوءَ ريڊيو ڪولي ناچ ڪندي هئي. ۽ پهرن جا پهر هندستاني گيت جهونگاريندي هئي. ڪيس الاهي سارا گيت ۽ پچن ياد ٿي ويا هئا.

'نيڪ آهي مان وڏي ٿي تنهنجي بي عزتيءَ جو بدلو ضرور وٺنديس ۽ انهن مڙني مردن کي سکيا ڏينديس. تہ نچڻيون بہ عورتون آهن. ائين ئي:

جيئن اوهان جون پيٽون.

ائين ئي جيئن اوهان جون ڌيئرون.

ائين ئي جيئن اوهان جون زالون.

ائين ئي جيئن اوهان جون مائرون.

پوءِ رستن تي، چوواٽن تي ائين بي حيائيءَ جو ناٽڪ رچائي محفلون گرم ڪرڻ ننڌو سونهي.

آها! هي ماٺهو سڀ ڪلي ڪيئن ٿا سگهن؟ مون کي تہ ڪڏهن بہ کلڻ ڪونهي آيو ۽ جي مان کلندي آهيان تہ بي انتها پوءِ اجايو سجايو ٺهڪ ڏيندي آهيان ۽ تنهن بعد ڏينهن جا ڏينهن سانت ڇانيل هوندي آهي. پهرن جا پهر ماٺ ڪنهن رولڙي ۾ آيل روح جيان پيئي پٽڪندي آهيان. پهرن جا پهر اونداهين ۾ تارن کي تڪيندي ڏسندي گذري ويندا آهن.

ننڍڙي پدما من ئي من ۾ سوچيو ۽ پوءِ ڏاڏاڻي گهر هلي وئي — اتي سندس ڏاڏي ۽ ڪنواري پڦي رهنديون هيون.

گهر الاهي وڏو هو هڪ ڪوني تنهن اڳيان ہي ڪوني ۽ پوءِ ورانڊو ۽ هڪ هال. ڇت تي بہ هڪڙو ڪمرو اهو ڏاڍو هوادار ۽ چوطرف ان ۾ دريون هيون ۽ سامهون هال واري ڇت ۽ پوءِ ڪاٺ واري ڏاڪڻ اتي ٿي ڪني. جتي ورانڊي جي ڇت هئي ۽ تنهن بعد ور وڪڙ ڪاڏل سرن جي ڏاڪڻ. ان ڏاڪڻ هيٺان هڪ ڪوني هئي. جنهن ۾ پڦهنس ڪبوتر پاليا هئا.

سندس ڏاڏي ٻلين پالينديون هئي، انهن جي لاءِ هڪڙو پاٽڙو هو جنهن ۾ کير وجهندي هئي ۽ رات جو اهو پاليل ڇاهو ڏاڏي ان کي پيار منجهان: ”ڪوڏڙو“ سڏيندي هئي: ”ڪوڏڙو.... ڪوڏڙو“ ته ”ڪوڏڙو“ ڀڄندو ايندو هو. ڏاڏيءَ جي نظر ويهي وئي هئي انڪري هوءَ گهڻو ڪري لٺ تي هلندي هئي. پدما جا پيا پائر ڏاڏيءَ کي چيڙائڻ خاطر سندس لٺ کٽي لڪائي ڇڏيندا هئا ۽ سندس ٻلين کي ماريندا هئا ۽ ڏاڏيءَ جي رڙين تي ٽهڪڙا ڏئي کلندا هئا.

”ازي ..... ازي ..... ابا ڇوٽا ٻلڙين کي ماريو.....؟ ساسي جيوَ آهن..... ابا ڇوٽا ستايو.....؟ امان پدما لٺ ته کٽي ڏينم“.

پدما جي وڏي ياءُ جا ٻه ڪڪڙ پاليل هئا. موڙن وارا ڪڪڙ، چٽ ڪمرا ڪڪڙ، سهڻا سهڻا ڪڪڙ ۽ ڪڪڙيون. انهن جا ٻچا چون چون ڪندا وتندا هئا ۽ سياري جو ماءُ جي پرن ۾ لڪا وينا هوندا هئا. بس رڳو ڇهنب ۽ اکڙيون ظاهر هونديون هئن. پدما کان ٿورو وڏو ياءُ هڪڙي پوڙهي ڪڪڙ کي ڏوڪ ڪڪڙ سڏيندو هو. اها ڪڪڙ بدڪ جيان دنبي هئي هلندي ٻه بدڪ جيان هئي. ميري ۽ کنيڙاتيون ڪجهه ڪجهه پڳل.

ان کي هڪ ياءُ پڪڙي نم تي اڇليندو هو ۽ هوءَ ڪافي مٿان ٿي پٽ تي ڪرندي هئي. پوءِ سيئي پائر تاڙيون وڄائي کلي پوندا هئا. ٽهڪڙا ڏيندا هئا. پدما کي انهن جو اهو چرچو نه وڻندو هو پوڙهي ڪڪڙ جي پيرن ۾ دڙيون پئجي وينديون هيون. ۽ جڏهن ڏاڏي رڙيون ڪري ڪري ٽڪجي پوندي هئي، تڏهن پڦيءَ کي خار ايندا هئا لٺ کٽي منهنجن سيني پائرن کي ڊوڙائي ڇڏيندي هئي. ڏاڏي ويچاري الاهي پيرسن هئي، پر هئي ڏاڍي ٻلوان ۽ سگهاري مائي. هوءَ پدما کي ۽ ادا وڏي کي الاهي پائيندي هئي.

هن کي انڪري جو هوءَ سندس ٻلڙين کي نه ستائيندي هئي ۽ ڪوڏڙوءَ لاءِ پاٽڙيءَ ۾ روزانو کير وجهندي هئي ۽ کيس چلم پري ڏيندي هئس. هوءَ اها پيئندي هئي ۽ مان سندس پير ۾ ويهي ساڻس ڳالهيون ڪندي هئس ۽ زور ٻه ڏيندي هئي. ۽ ادا وڏي کي انڪري جو هو سندس اڪيلي پٽ جو پيريٽي پٽ هو ۽ سندس نالو ڏاڏي وارو ئي رکيل هو. انڪري ٻه شايد کيس ڏاڍو وڻندو هو ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪنهن ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽ هاسٽل ۾ رهندو هو. سال ۾ ٻه دفعا اونهاري ۽ سياري وارين

موڪلن ۾ ايندو هو ڏاڏيءَ جي پيڪاڻي زمين ان جي نالي ٿيل هئي ۽ سندس زيور ۽ پڦيءَ جا زيور سندس اڻ ڏٺي زال لاءِ رکيل هئا. جيڪي پدما جي ماءُ کان شاديءَ جي پهرين رات تي ڦري ورتا هئائون.

هڪ شام جو جڏهن پدما هميشه جيان ڏاڏيءَ وٽ وئي، ان وقت پاڇا لڙي ويا هئا. سج وڻن جي پوبان لهي ويو هو ۽ آسمان تي لالاڻ هئي. پکيئڙن جي چون چون به جهڪي ٿيندي پئي وئي. تنهن شام جو ڏاڏي کٽ تي سنل هئي ۽ پڦيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هوءَ به کٽ جي بانهينءَ تي اچي ويٺي ۽ ڏاڏيءَ کي زور پئي ڏنائين. کٽ جي پير ۾ پيل ٽيبل تي ڪجهه دوائن جون شيشيون پيون هيون ۽ گلاس به پيو هو.

”امان پدما — منهنجن لڱن منجهان ساهه ڇڏائيندا پيا وڃن“. هن ٻانهن مٿي ڪنئي پر وري هيٺ ڪري پيس جڻ ٻانهن هڏن ۽ گوشت جي نهيل نه هئي پر ڪا اڳڙي هئي، هن جي سڄي جسم تي گهنج هئا ۽ ٻانهن تي به ڍگها ڍگها گهنج هئس.

”ارباب — امان اندران هندستاني پراڻا رڪاٽ ته ڪڍي اچ“. ڏاڏيءَ تمام جهيڻي آواز ۾ چيو لڳو ٿي پساهه سندس هينئين تي اچي بيٺا هئا ۽ پرڙا ڪري اڏامڻ وارا هئا. ڏيڏس اهو ڄاڻو ٿي، انڪري هن جي دل نٿي چاهيو ته پوين گهڙين ۾ هوءَ اندر وڃي ۽ امڙ پوبان مري وڃي.

”امان — منهنجا ائين ساهه ڏکيا نڪرندا. تون وڃين نٿي....؟ منهنجو ائين ساهه نه نڪرندو.“ ڏيڏس پوءِ به اتان نه هٽي. ”ڏس هاڻي ته منهنجي هن ٻانهن مان به ساهه نڪري ويو آهي ۽ ساهه هينئر...... هينئر تون ڇا منهنجو پوين گهڙين ۾ به چيو نه ڪندينءَ-؟ ڏس مان توکان گهڻو ته ڪونه ٿي گهران...“ ڏاڏيءَ ڪافي وقفي کان پوءِ ٽٽل ٽٽل لفظن ۾ چيو ڏيڏس جي اکين ۾ اٽڪيل ڳوڙها وهي ڳلن تي ڪريا ۽ هوءَ اندر هلي وئي، اندر اونده انڌڪار هئي، ڪمري پوبان ڪمرو ۽ ان آخري ڪمري منجهه ڪوبه روشندان يا دري نه هئا. بس رڳو به در هيس، هڪ در ڪمري ۾ پئي ڪليو ۽ ٻيو هال ۾ - هال وارو در هميشه بند رهندو هو ان ڪمري منجهه هڪ پينگهو هو. پينگهو ڏاڍو خوبصورت هو. مضبوط ۽ جنديءَ جو ڪم ٿيل، ان جو هندورو ڪوچ وانگر نهيل هو پٽ سان وڏيون وڏيون لوهه جون پيٽيون رکيل هيون.

در جي پرسان ڪنڊ ۾ هڪ هالن جي کٽ رکيل هئي، جنهن مٿان هنڌ وڇايل هو. هن پهريان تپائي آڻي ٻاهر رکي. پوءِ وري اندر وئي ۽ گرام فونو ٻاهر ڪڍي

اڇي ان ٽپائيءَ تي رکيو گرامر فون ۾ چابي ڀري ۽ مٿان رڪارڊ چاڙهيو ۽ مائيڪ جو منهن ڦيري سئي رڪارڊ مٿان لڳائي: جڳ موهن جو منڙو منڙو آواز ابريو:

مت ڪر هار سنگار سندري.......

مت ڪر هار سنگار........

پدما کي به اهي گيت ڏاڍا مٺا لڳندا هئا. هوءَ بظاهر راند ۾ رڌل هوندي هئي پر سندس سڄو ذهن ان طرف هوندو هو. هن ڏاڏيءَ منجهه نهاريو. ڏاڏي ڪيٽري نه مهان هئي! ماڻهن کي مرڻ گهڙيءَ تائين دولت جو حرص ۽ هوس نه ڇڏيندو آهي، پر ڏاڏيءَ جا ساهه نتي نڪتا. رڳو هڪ گيت جي صدا ٻڌڻ لاءِ هوءَ جيئري هئي. رڳو هڪ گيت جي تمنا — گيت جا ٽي چار ٻول ڏاڏيءَ جي ڪنن تائين پهتا ۽ ان بعد سندس ساهه پرڙا ڪري اڏامي ويو ۽ ڏاڏيءَ جو ڪنڌ هڪ پاسي لڙي ويو. پڦي سندس مٿان رڙ ڪري ڪِري پئي ۽ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳي: "امان — منهنجي جيجل ماءُ — منهنجي آيل ".تنهن بعد سندس اوچنگارون گيت جي آواز ۾ رلجي ملجي ويون.

# اڌ رات

اڌ رات جو وقت هو اڱڻ ۾ نمر هئي. ان کان ٿورو پريرو به کٿون وڇايل هيون. هڪ تي نمو ستل هئي ۽ ٻئي تي سندس ڀُٽي. گهر تمام وڏو هو. ٻه ڪمرا ۽ هڪ وڏو هال. هڪ ڪمرو ڇت مٿان به هو اهو ڪمرو ڏاڍو هوادار هو. چوطرف دريون هئس. جڏهن به هوا گهلندي هئي ته ان ڪمري ۾ گهوگهٽ ڪري ايندي هئي پر جي ٻٽ هوندي هئي تڏهن به ان ڪمري ۾ واڻڪ هوندي هئي. ان جي سامهون ڪشادي ڇت ڦهليل هئي. جنهن جي هيٺان هال هو ۽ انهن ڪمرن اڳيان ورانڊو هو. هال ۾ بس هڪ ئي در هو منجهس ڪا به دري يا روشندان نه هو. انڪري اِهو هال هميشه اونداهو رهندو هو. منجهس هڪ هندورو پيل هو. ۽ ڪجهه شيشي جون الماريون جن ۾ چيني؛ جا ٿانوَ سجايل هوندا هئا. ڏينهن ڏني جو نمو ان هال ۾ ويندي ڊڄندي هئي. ائين جڻ ان ۾ ڀوت ۽ پريون رهنديون هجن. پڦهنس ڪڏهن اندر ويندي هئي ته نمو به ان جي چولي جي پلاند کان پڪڙي ڊڄندي ڊڄندي اندر ويندي هئي پر ويندي ضرور هئي. هڪ الماريءَ ۾ الاهي سارا موتي رکيل هوندا هئا ۽ موتين سان پريل وڃُٽو ۽ ڊبڪيون به رکيل هونديون هيون ۽ ڪجهه ننڍڙا ٿانوڙا. جن تي جنديءَ جو تيل ڪم هو. ان هال ۾ گهڙڻ سان گونج پيدا ٿيندي هئي. هلڪن قدمن جو به آواز چنيءَ طرح ٻڌڻ ۾ ايندو هو ۽ جڏهن نمو ۽ پڦهنس پاڻ ۾ ڳالهائينديون هيون. ته ان جو ايڪو پيدا ٿيندو هو. جڻ به روح پاڻ ۾ ڳالهائيندا هجن. عجيب قسم جي سنسانيت ۽ ماناڻي هوندي هئي. روح منجهه گهڙي ويندڙ. نموءَ جي ڏاڏيءَ کي مُئي تي چار سال ٿيا هئا. پر نمو ائين سمجهندي هئي ته سندس ڏاڏي پنهنجي مخصوص لوڏ سان هلندي وتندي هئي. پڦهنس پيٽيءَ مان ڪپڙا لٽا ڪيندي هئي. نمو ان جي پير ۾ ٻيهي ڏسندي هئي. لوهه جي وڏي ڳري پيٽيءَ ۾ الاهي سارا اوائلي قسم جا پرت پريل لٽا رکيل هوندا هئا. ۽ هڪ ڪاٺ جو گول دٻلو هوندو هو ان ۾ قسمين قسمين سونا زيور رکيل هئا. ست لڙي دهريون. پازيب. ڪنگڻ. ڇٽ. نٿ ۽ الائي ڇا ڇا

هوندو هو. نمو انهن کي حسرت ڀريل نظرن سان ڏسندي هئي ته جيڪر پڦي اِهي سڀ زيور مون کي ڏي ته مان پايان.

"پڦي ٿورا زيور مون کي به ڏي مان پائي ڪيئن لڳندس".

"ڏاڍي سهڻي منهنجي مٺي مومل".

"پڦي پوءِ مون کي پارائين ڇو نه ٿي؟"

"نظر لڳي ويندي منهنجي پٽول راڻيءَ کي".

"نه پڦي ٿوري دير جي لاءِ پلا پارائي...." نموءَ کيٿو ڪندي چيو.

پڦهنس زيورن جو دبلو ٻاهر ڪڍيو. هڪ هڪ ڪري زيور پارائڻ لڳس. ڌري سندس سڄي ڇاتيءَ کي ڀري بيٺي. ڪنن ۾ جهومڪ. ڪنگڻ. پازيب سڀ هڪ هڪ ڪري پاتائين. نرڙ تي پڦهنس سندور جو ٽڪو ناهيس ۽ ٿورو سونهري پورو سينڌ کي مکيس. نمو سڄي سونهري ڪڪڪ جي سنگ جيان چمڪڻ لڳي. هوءَ اڄ پنهنجن ڪپڙن ۾ نه پئي ماپي. ڇم ڇم ڪندي ٽيبل ڏانهن وڌي جتي وڏو آئينو پٽ سان ٽيڪ ڏئي رکيل هو. ٽيبل تي بتي پيل هئي. نمو جو عڪس جڏهن آئيني ۾ پيو ته هن جي چپن تي لچاري مرڪ پکڙجي وئي. اکين ۾ جڻ جوت جاڳي پيس. سهڻو سهڻو گول منهن. چيرويون بادامي اکيون. سندس اکين ۾ جڻ سدا جي مرڪ پکڙيل هئي. گلاب جي گل جيان ٽڙيل چهرو. نمو سڄي ساري ٻهڪي پئي. مرڪ سندس گهري ٿيندي وئي. جنهن سندس ڳلن ۾ چگهه وجهي ڇڏيا هئا. نمو هلڪي هلڪي بتيءَ جي روشنيءَ ۾ ڪنهن پئي ديس جي پري پئي لڳي. ننڍڙي ننڍڙي ڪومل ڪومل. پرت ڀريل چولو پيل هئس گربيءَ جي شلوار. جنهن جي پانچن تي پڻ موتي ۽ ستارا جڙيل هئا. جيڪي کيس پڦيءَ پري ڏنا هئا.

پڦهنس سندس پويان بيهي نموءَ جو عڪس آئيني ۾ ڏٺو نمو به پنهنجي پڦيءَ جو عڪس آئيني ۾ ڏٺو هڪ دفعو هوءَ وري مرڪي پئي ۽ پوءِ پڦهنس ٿورو هيٺ جهڪي نمو کي هنج ۾ کنيو. نمو جو ڳل پنهنجي ڳل سان لڳائي وري آئيني ۾ ڏسڻ لڳي. "ڏس نمو تون منهنجي پاڻتي لڳين پئي نه".

"ها. ڇو ڪونه ـ مان هوبهو تو جهڙي آهيان نه پڦي." نمو خوش ٿيندي چيو.

”اڙي نہ چري تون جوان ٿيندينءَ تہ تون ملوڪ ٿيندينءَ. ڏاڍي سهڻي، پوءِ تہ مون کي پر ۾ ويهڻ بہ نہ ڏيندينءَ.“ ءِ چوندينءَ وچ وچ مائي پيليائي چو آئي آهين اسان وٽ.

ڀقهنس پاراٽي لهجي ۾ ڳالهائيندي چيو. هن جي لهجي ۾ ڏاڍو پيار اوتيل هو.

”منهنجي مِٺي مومل ڏسجانءِ تون پوءِ مون کي وساري ويهندينءَ.“ ائين چوندي ڀقهنس جي اکين ۾ لُڙڪ پرجي آيا. جيڪي ڳلن تان ڪِرندا نموءَ جي منهن تي وڃي ڪريا.

”اڙي ڀقي تون روئين ڇو ٿي---! ڏسجانءِ مان توکي اصل نہ وسارينديس. ڀقي الله جو قسم.“ نمو ڀقيءَ کي ڀاڪر پائيندي چيو.

”نہ منهنجي ماءُ مان انڪري نٿي روئان. اڄ امان ياد آئي اٿم. ڏس نہ هن هيڏي ساري وڏي گهر ۾ مان اڪيلي ٿي رهان. ڏسي اديءَ کي ڪو خيال آهي تہ جوان ڪنواري ڀيڻ هيڏي ساري وڏي گهر ۾ اڪيلي ڪيئن حياتي گهاريندي هوندي. امڙ هئي، سا بہ اڪيلو ڪري وئي“.

”ڀقي تون نہ روءُ ءِ ڏس مان جو آهيان تو وٽ“.

”نہ منهنجي ماءُ مان ڪونہ ٿي روئان.“ ڀقهنس ڳوڙها اُگهي چڙيا.

”ڀقي تون اسان سان گڏ ڇونہ ٿي رهين؟“

”اتي هلي ڪيئن رهان. اباڻو گهر ڇڏيندي دل نٿي چوي. مان هت جائي نپني آهيان. امڙ مون کي هن پينگهي ۾ لوڏيو هوندو. مان هي گهر ڪيئن ويران ڪري هلي وڃان. امان جي خيرات جي ماني ڏيندي آهيان. ادي کي تہ اصل خيال ڪونهي“.

”ڀقي هن گهر ۾ پڙاڏو ٿو پيدا ٿئي نہ---؟ ڪو.... ڪو.... ڪو....“ نمو زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳي. ”ڏس ڀقي هتي ديو رهندا آهن نہ......!“

”هل نخريلي منهنجو ڏيان هٿائڻ لاءِ تال ٿي ڪرين“.

نموءَ کي ڪتڪتائي ڪيڏندي چيائين.

نمو سجي ٻيٺي ٿي وئي ءِ ڪمري ۾ ننڍڙا منڙا ٽهڪڙا گونجڻ لڳا.

❊ ❊ ❊

صبح جو جهونجهڪڙي مهل جڏهن نموءَ جي اک کلي ته نم ۾ جهرڪڙين جو چرپٽو لڳو پيو هو. هلڪو هلڪو سوجهرو ڇانيل هو. نموءَ پير ۾ پيل ڪٽ ڏي نهاريو. اِها خالي هئي. هن کٽ جي پيراندي ڏي نهاريو اتي چمپل ڪونه هو. نمو پيرين اگهاڙي کٽ تان هيٺ لٿي 'چمپل ڪالهه پنهنجي گهر وساري آيس.' هوءَ غسلخاني ۾ وئي. وتي ۾ پاڻي اوتي منهن ڌوئڻ لڳي. تڏي پاڻيءَ جا اکين کي ڇنڊا هٽي ٻاهر آئي. اڱڻ جي پرئين پاسي ڏاکڻ جي پر ۾ هڪڙي ڪوٺڙي هئي. جنهن ۾ اندر ڪڏٺو نهيل هو. ڪمري جي وچ ۾ پڇتي نهيل هئي، ان ڪوٺيءَ ۾ پڦيءَ ڪبوتر پاليا هئا. جن جي گهو گهو پئي ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. ڪجهه ڪبوتر نم هيٺان داڻو پئي چڳيا. نموءَ جڏهن انهن جي پر مان اچي لنگهي ته ڪجهه ڪبوتر اڏري وڃي وڻ تي وينا ۽ ڪجهه پير پير ۾ هلندي ٿورو پريرو ٿي وينا. نموءَ پنهنجي پڦيءَ جي پر ۾ اچي بيني، جنهن تئي تي ماني پئي ٽڪي. هلڪو هلڪو دونهون اڏاٽو پئي. ٻيءَ چلهه تي ديگڙي چڙهيل هئي. نمو پنهنجي پڦيءَ جي پر ۾ ويهي رهي. هڪڙي ماني دٻڪيءَ تي پئي هئي. ان مان ٽڪر پڇندي چونريءَ مان مهي ڪيري کائڻ لڳي.

پڦهنس لوڪ گيت پئي ڳاتو.

"ڏؤنرو کاءُ مائي ڏنورو کاءُ، پر خان چوي ٿو مکڻ کاءُ".

"پڦي منهنجي سليٽ قلم "

"امان هتي تپائيءَ تي رکيا اٿئي. اج تنهنجي پيرن ۾ جُتي به ڪانهي".

"اها گهر پئي آهي".

"اسڪول پيرين اگهاڙي ويندينءَ؟"

"ها تڏهن ڇا ڪيان؟"

موٽندي ته تنهنجا تتل واريءَ تي پير سڙندا.

"پوءِ ڇاڪيان اسڪول نه وينديس ته بابا ماريندو." سليٽ قلم کڻي هوءَ اسڪول هلي وئي.

ان وقت سج ڪني ڪيري هئي، هوءَ پهريان مسجد ۾ وئي، جتي روز قرآن جو دور ڪندا هئا ٻار. هوءِ اندر اڱڻ ۾ ريت سان ٽيڪ ڏئي بيٺ ٻارن سان گڏ قرآن پڙهڻ لڳي ۽ اچانڪ نموءَ جي مٿان لڪڻ جو وسڪارو ٿيو. نمو ان اچانڪ حملي تي بد

حواس ٿي وئي. لڪڻ سندس ڇهري پنيءَ ۾ ٻانهن تي وسندا ويا. نموءَ پنهنجو منهن ٻانهن ۾ لڪايو. ڪجهه وقت ڪان پوءِ جڏهن لڪڻ وسڻ بند ٿيا، تہ هن مٿي نهاريو. سندس ساهہ مٺ ۾ اچي ويو.

سامهون ” سائين وڏو“ غضبناڪ اکين سان گهوربندي چيو: ”ايڏي دير ڪري آئي آهين مسجد ۾. ٻڌايانءِ تہ پٺهين جي جاگير آهي“ ائين چئي هو هليو ويو.

نمو جي چپن مان رت تمڻ لڳو سندس منهن تي سجيل نيرا داغ ٿي پيا. هوءَ سڄي ڏڪڻ لڳي هئي. قرآن ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

سج جڏهن ڪاني جيترو مٿي چڙهي آيو تہ هن جي مٿي ۾ چڪر اچڻ لڳا ۽ نمو پگهر ۾ شم لڳي پئي هئي. ٻيا ٻار ڪڏهوڪو پر واري اسڪول ۾ وڃي چڪا هئا. هوءَ بہ ٿڪل قدمن سان ڏڪندي ڏڪندي اسڪول وئي. ان وقت ماستر وڏو شايد نيرن ڪرڻ ويو هو. تنهنڪري نمو وري مار کائڻ کان بچي وئي هئي. ڇيڙي ڪري بينچ تي ويهي رهي.

منجهند ٽاڪ جو موڪل مهل جڏهن ٻين ٻارن سان گڏ واپس پئي آئي تہ ٻارن زور زور سان رڙيون ڪري پئي ٻڌايو تہ ٻوڏ جو پاڻي وڏي بند تائين اچي پهتو آهي.

”هاڻي تہ اسان جو ڳوٺ بہ ٻڏي ويندو ابا ڙي ابا“ ٻار تاڙيون وڄائي خوشيءَ مان نچڻ لڳا.

”اڙي ٿڪ هجيوَ خوش ٿا ٿيو.مروان موت ملوڪان شڪار“ ڪريم بخش جيڪو ينجين ۾ پڙهندو هو. تنهن ٻن ٽن ڇوڪرن کي چنبا وهائي ڪڍيا.

”پيٺا خوش ٿا ٿيو تڪر پور لاءِ سگهندؤ“

”اڙي هاڻي تون بس ڪر. هوءَ ڪهڙا ٻوڙ پلاءُ وينا کائون. اهو چانورن جي مانيءَ جو ڏوڏو جتي ڪٿي پيو ملندو“.

نموءَ جا پير هاڻي ڏاڍا سڙڻ لڳا هئا. هوءَ پبن تي هلندي ۽ پٽين جي پاڇن ۾ هلندي وئي. تتل واريءَ جي تپش کان ۽ سج جي تکي ساڙيندڙ اس جڏهن سندس زخميل سوڄ کاڌل منهن تي پئي پئي. تڏهن هن جي اکين مان سور وچان ڳوڙها تمڻ لڳا. ٻار جڏهن سڀ تڙي پکڙي ويا تہ هوءَ تيز ڊوڙندي گهر وئي دروازي تي ڪلف لڳل

هو. نمو در جي وٽين مان اندر ڏٺو. اڳڻ تي اُس ئي اُس هئي، هوءَ ٽڪل قدمن سان پٺتي موٽڻ لڳي، پوءِ وري ٻوڙندي پڦيءَ جي گهر هلي وئي. ”پڦي پڦي توکي هڪڙي ڳالهہ ٻڌايان“ هوءَ ورانڊي ۾ پهتي تہ ان وقت پڦهنس کي پير ۾ جهليءَ جي رسي هئي ۽ سندس منهن تي رئي جو پلاند پيو هو پڦيءَ کي ننڊ اچي وئي هئي. هن اوچتو چرڪ پري متي نهاريو. پهريان تہ ڪجهہ سمجهي نہ سگهي، پر پوءِ نموءَ جي سوچ ڪاڏل منهن ۾ نهاري چوڻ لڳي.

”امان مان صدقي وڃان، اڙي ڪهڙي ڪميٽي ماربو اٿئي؟ “

”ڪنهن بہ نہ“

”پوءِ هي نيرا نيرا ٻنا ڇا جا آهن“.

”مان ڪري پئي هيس، تڏهن ڏڪ لڳا آهن“.

”نہ تون ڪوڙتي ڳالهائين“.

پڦهنس کيس ياڪر ۾ ڪٽي ڪٽ تي ويهاريو ۽ ٻاهران دلي مان پاڻي پري اچي نموءَ کي ڏنائين.

”هاڻي ڳالهہ ڪر مني سچي، توکي ڪنهن ماربو آهي؟“

”ماستر وڏي“.

”ڇو توکي مارايائين؟ سبق ياد ڪري نہ وئي هئينءَ ڇا؟“

”نہ پڦي مون کي اهو تہ ياد هو. دير ٿي وئي هئي مسجد ۾ پهچڻ تي، انڪري“.

”اڙي ماستر وڏي جو تہ متو خراب آهي، ڪهڙو الله پڳو ٿي وبو جو تو نباڻيءَ کي ڏنا ڪيا اٿس، هتان لنگهي تہ سهيِ اهڙي جنب هٽندي مانس جو ستن پيڙهين کي ياد ڪندو“.

”نہ پڦي نہ ان کي ڪجهہ بہ نہ چئجانءِ سائين وڏو مون کي ڪهي ڇڏيندو“.

”ڪُهي ڇڏيندو جو انڌن جي خيرات آهي. پر مان ادي کي چوندي آهيان ٻارن کي شهر ۾ پڙهاءِ هن ملا اسڪول مان نہ هوند نہ شڪر. رهندو بہ ٻارن کي ماري ماري اڌ مئو ڪن“.

”پڦي توکي خبر آهي اڄ وڏي ٻوڏ آئي آهي، ٻوڏ جو پاڻي وڏي بند وٽ پهتو آهي. اسان هاڻي شهر هلنداسين“.

”هان سچ چئہ“.

”ها پڪي پارن ڳالهه پئي ڪئي ته پوڙ آئي آهي ۽ سڀ ڳوٺ جا ماڻهو بند تان موٽي آيا آهن. هاڻي سڀ شام تائين لڏي ويندا. پر پڪي اسان ڪيئن هلنداسين بابا ته آهي ئي ڪونه گهر کي ڪلف ڏنو پيو آهي“.

”نمو پٺيين شام تائين موٽي ايندو. مان سمجهان ٿي ته ٽيون ڏينهن شام جو توکي نوڪر مون وٽ ڇو ڇڏي ويو. پٺيين ماڻهين کي ماري ڪٽي پوءِ ڪلف ڏئي شهر هليو ويندو آهي، ۽ پوءِ ٽن ڏينهن کان پوءِ شراب جا دنگ چاڙهي موٽندو آهي، اِهو ڪڏهن ڪونه سڌرندو. ڪچي ڪنا نه لڳا سو هاڻي پڪي گهڙي پيا لڳندا“.

هوءَ اندر وئي ۽ چادري کڻي ٻاهر آئي. ”مان ٿي هلان تو سان گڏجي. ماڻهين جو الائي ڪهڙو حال ٿيو هوندو پاچائي ته نائين مهيني پيٽ سان به هئي. ادا ته صفا ڦهاري آهي. ماڻهپوئي منجهس ڪونهي“.

ڪنجين جو ڇڳو کڻي نموءَ سان گڏجي ٻاهر نڪري آئي.

سج نسوري ٻاهه پئي ڇڏي، اصل ڪانوَ جي اک ٿي نڪتي، نمو پنهنجي پڦيءَ جي پاڇي ۾ لڪندي گهر آئي.

پڦهنس به چار ڪنجيون واري سان ڪلف ۾ هڻي ڏٺيون نيٺ هڪڙي ڪُنجي لڳي ۽ ڪلف کلي پيو.

گهر ۾ سانت لڳي پئي هئي. ورانڊي مان ٽيندي ڪامل صفي ۾ گهڙي.

صوفيا سور کان ڇنگهيو پئي. سور کان ننڊ به ڪانه آئي هيس. چولو جڏهن ڏڪر لٽل جسم سان لڳو پئي ته صوفيا کان رڙ نڪري ٿي وئي.

”آه........ مري ويس“.

”تون! پاچائي هي تو کي ڇا ٿيو آهي؟ سڄي رتو رت لڳي پئي آهين“. هن چولو آهستگيءَ سان مٿي ڪيو ۽ رڙ ڪري هڪدم هٿ ڇڏائجي ويس.

”مان ته ڏسي به نٿي سگهان. هنن ڦٽن کي“ ۽ پاڪر پائي روئڻ لڳي. ”پاچائي ادو ته صفا ڦهاري آهي، ان کان ته توکي هڪ دفعو ماري ڇڏي“.

پوءِ هوءَ رڌڻي ۾ هلي وئي، ڪجهه دير کان پوءِ آئي ته سندس هٿ ۾ وٽي هئي. جنهن ۾ ڪتيل گرم ٿيل سُنڍ ۽ تيل ملايل هو. ۽ وري چولو مٿي ڪري ڪپهه ٻوڙي ڦٽن کي هڻڻ لڳي.

نمو وراندي ۾ ويٺي هئي ۽ دريءَ منجهان جهاتي پائي هن سڀ ڪجهه ڏٺو ۽ ماٺ ميٺ ۾ ڳوڙها ڳاڙيندي رهي.

❊ ❊ ❊

ٽيهريءَ جو وقت هو. نوڪر اڱڻ ۾ ڇٽڪار ڪري نم هيٺان ڪٽ ڪڍي ۽ پير ۾ ٽيبل ۽ آرام ڪرسي رکي. ٽيبل مٿان ريڊيو ۽ ڪجهه ڪتاب پيل هئا.

هڪڙي ۾ عمر خيام جون رباعيون ۽ ٻيو ڪتاب ڪاليداس جو جڳ مشهور 'شڪنتلا' رکيل هو. ان وقت نمو ماءُ جي مٿان جهلي پئي هلائي، ماڻس ۽ پڦهنس کي ننڊ اچي وئي هئي، رکي رکي نمون کي گهيرٽ ٿي آيا. پر سنٽت ئي سجاڳ ٿي وري جهلي هلائڻ لڳي. نمو نـ پئي چاهيو تـ ڪو ماڻس جو آرام ڦٽي، تنهنڪري هن پنهنجي سور کي نظر انداز ڪندي لڳاتار جهلي پئي هلائي.

"اڙي سڀ ڪاڏي مري کپي ويا آهيو".

سارنگ سڏو ڏوڪيندي اندر آيو اکيون شراب ۾ ڳاڙهيون لڳيون پيون هيس. وات ۾ ڏپ ۽ هٿن ۾ شراب جي بوتل.

"اجا پئي ننڊون ڪرين ڪميڻي. منهنجي گهر کي تو پٺهين جي جاگير سمجهيو آهي." ۽ شراب جي بوتل صوفيا جي نرڙ تي وهائي ڪڍي. شيشو ٽڪر ٽڪر ٿي ويو. شراب صوفيا جي رت سان گڏجي هنڌ تي پکڙجي ويو.

صوفيا مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهي. ننڍڙي نمو هراس ۾ اتان اٿي وڃي ڪٻٽ پويان لڪي. گهر ۾ جڻ راڪاس گهڙيو هو.

"..........اٿي منهنجو بوٽ لاهه نخرا ڇڏ. مون وٽ اِهي نخرا نـ هلندا".

سارنگ ڇچريل آواز ۾ گارين جو ڏوڙيو لائي ڏنو.

صوفيا ڪٽ تان هيٺ لٿي، سارنگ جي پيرن وٽ جُهڪي بوٽ جون ڪهيون کولڻ لڳي. ان وقت کيس مٿي ۾ ڦيري پئي آئي، اکين اڳيان اوندهه اچي ويس ۽ پيشانيءَ تان رت جا ڦڙا ڪجهه صوفيا جي اکين ۾ پيا تـ ڪجهه سارنگ جي بوٽ تي. صوفيا جي اکين اڳيان اوندهه اچي وئي ۽ دل ڪچي ٿيڻ لڳس ۽ هوءَ سارنگ جي پيرن مٿان ڪري پئي.

سارنگ بوٽ جو ٺڏو سندس زخميل نرڙ تي هنيو.

"اڙي مري وئين ڇا......

آها..... ها..... ڏنو مري وئي“.
۽ جهومندو ٻاهر اڱڻ ۾ نڪري آيو.
”هي وري ماءُ جو..... چالاڪ پيو آهي.“ هن ريڊئي کي لت هڻي ڪيرايو.
هن جهڪي ٽيبل تان ڪتاب کنيو.
”اڙي ڪاليداس جي شڪنتلا.......... ڪاليداس به وڏو ”...............“ ڪوي......ڪلا.......ڪار- هون!
”سڀ فراڊ آهي. منهنجي شڪنتلا ڏسو رت ۾ ٻڏل آهي“ سارنگ ڪتاب کي پري ڦٽي ڪندي چيو. وري هن جُهڪي پيو ڪتاب کنيو. ”رباعيات عمر خيام“ خيام دلبر هو. دلبر مون وانگر عورت ۽ شراب جي شيدائي. ۽ پوءِ سارنگ پاڻ کي کٽ تي اڇلايو ۽ بوٽ سوڌو سڌو سنئون ٿي ٽنگ ٽنگ تي رکي ليٽي پيو عمر خيام جو ڪتاب سندس سيني تي پيو هو.
”مان ٽنگ ٽنگ تي رکي آهي.... ماڻهو چوندا آهن ته آيل پاڳ به موتي وبندو آهي. پاڳ..... هاها............. پاڳ ته منهنجي مٿ ۾ آهي........ تاريخ دان وڏا ڪوڙا آهن........ لکيو اٿن ته:
تيمور هڪ دفعي جهنگ ۾ ستو پيو هو ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيو اگهور ننڊ ۾ ستل هو..... هو ته..... ها چوان ٿو هو پوءِ چا ٿيو......... ڏوڙ وجي پائي تيمور لنگ تاتاري به وڏا ......... هئا. چنگيز خان.......... هلاڪو............. باهيون ڏيندا هئا. گهر ساڙيندا هئا .....مائن جي گود اجاڙيندا هئا. رتو چاڻ ڪندا هئا............. عورتن سان عياشي ڪندا هئا......... عياشي ها............ ها عياشي عورتون هونديون ئي ان لاءِ آهن. مان به چنگيز خان آهيان. ڏس نمو منهنجي ڊپ کان ڪيئن وجي ڪبٽ پويان لڪي! ڊڃڻي گدا ڙي... ان ڪميٽيءَ کي به مون وٽ چمٽو هو. هراسلي اکيون ڪٽي گهمندي وتندي آهي ڪنڌ جهڪائي....... اڙي تيمور لنگ ته ستو پيو هو جهنگ ۾...... پوءِ مان چو کٽ تي ستل آهيان............ هن کي ڪنهن درويش زور سان ٽنگ تي لت وهائي ڪڍي هئي.......... تڏهن منڊو ٿي پيو هو...... درويش مون کي چو نه ٿو لت هڻي. تيمور منڊو ٿيو هو پوءِ بادشاهه ٿيو هو. تيمور کي درويش لت هڻي سجاڳ نه ڪري ها ته تيمور جي ماءُ کي سلطنت ملي ها. تاتاري وڏا لچ، ڦورو............ ٿُو..... آخ ٿُو..........“ سارنگ هوا ۾ بجو ڏيندي ٽڪ

اڇلائي............ ”درويش ڇيو هوس تہ تون تنگ تنگ تي رکي نہ سمهندو ڪر. آيل پاڳ بہ موتي وبندو آهي. تنهنجي پاڳ ۾ بادشاهي لڪيل آهي. تون وڏو شهنشاهہ ٿيندين........ پوءِ تاتارين دنيا ۾ تر ٿلو مچائي ڇڏيو............ چؤطرف رت ۾ باهہ جا الا پکيڙيا هئا........... ها......جڳ مڳ ديپ جلايا ............دنيا تي دانگي ملي ڇڏي...... انساني تهذيب تي ڪارنهن ملي....... شيطان... انهن تاتاري شيطانن جو دنيا وارن ڪهڙو آڱونپتي ڪييو... جو منهنجو پتي ڪيندا..... مان تہ رڳو صوفيا کي ٿو ماريان ـ هوءَ منهنجي زال آهي. پلي ماربانس منهنجي مرضي آهي دنيا وارا منهنجو ڪهڙو آڱونپتي ڪيندا.....

”مان شراب ٿو پيان. پلي پيان... رنون ٿو گهُرايان. منهنجي مرضي. هي مُعاشرو مرد جو جوڙيل آهي. هتي مرد کان ڪو بہ پڇڻ وارو ڪونهي. سڀ مرد تاتاري آهن. پنهنجي اندر ۾ ابليس کڻي گهمندا آهن...... مان بہ وڏو شيطان آهيان. سياڻي مون کي ڪا بي چوڪري وٺي وئي تہ صوفيا کي چوٽيءَ کان گهلي لتون هڻي ڪيدي ڇڏيندس. ماڻهو مون کي ڪجهہ نہ چوندا... ماڻهو منهنجو ساٿ ڏيندا صوفيا کي ڏڪاريندا.... ٿُو ٿُو ڪندا... ڪِلندا تہ پڪ ئي پڪ تہ يار سان ڏنو هوندئين“.

”صوفيا........ صوفيا............“

سارنگ وڏي رڙ ڪئي.

”.......ڪاڏي گم ٿي وئينءَ؟ مري وئي.... چڱو ٿيو مري وئي .......“ هو جهومندو اٿيو ۽ بڪندو ٽڙندو ٿاپڙندو ٻاهر نڪري ويو.

❊ ❊ ❊

اڌ رات جو در کڙڪيو صوفيا هونءَ پٽ تي پئي هئي. ڪمري ۾ گگهہ اوندهہ هئي ٻاهر اڱڻ ۾ چوڏهين جو چونڊ ڪڙيل هو. چنڊ جا شيتل ڪرڻا ڌرتيءَ مٿان ٿي ڪِريا چڻ چانڊوڪيءَ جو آبشار جبلن مٿان وهندو ڌرتيءَ تي پکڙجي ويو هجي. وراندي ۾ بتي پئي ٻري. صوفيا وراندي ۾ آئي تہ نمو کي کٽ تي ستل ڏٺائين. سندس ٽنگون کٽ کان هيٺ گوڏن تائين لڙڪيون پئي. چنڊ جي هلڪي هلڪي روشنيءَ ۾ بہ سندس ڇهري تي پيل نيرا ٻنا چٽا نظر ٿي آيا. هوءَ نموءَ جي پير مان لنگهندي اڱڻ ۾ ٻاهر نڪري آئي. در تي اچي هن پڇيو: ”ڪير آهي؟“

”مان آهيان صوفيا.“ صوفيا کي به پڪ هئي ته اهو سارنگ ئي هوندو. ننڊ ۾ به سندس ڪَن سارنگ جي در کڙڪائڻ جي انداز کي سڃاڻي وٺندا هئا. سارنگ آڱر کي ٻٽو ڪري پوءِ ڏوڏن سان در تي هلڪي انداز سان ٺڪ.... ٺڪ ڪندو هو. صوفيا سارنگ جي اوسيئڙي ۾ هوندي هئي، اڌ جاڳيل اڌ سُتل .در تي ٺڪ ٺڪ جو آواز صوفيا جي ڪنن لاءِ اوپرو نه هو. جاتل سڃاتل آواز هن جي شعور ۽ لاشعور ۾ لڪل هو. تڏهن ئي ته گهري ننڊ م ستل هوندي هئي ته هڪدم چرڪ ڀري اٿندي هئي. پوءِ در تي وڃي پڇندي هئي.

”ڪير آ....؟“ اِهو ڄاڻندي به ته هو پڪ سارنگ ئي هوندو. بس دل کي تسلي ڏيڻ لاءِ ته متان ڪو اوپرو ماڻهو نه هجي. هوءَ ڏاڍو هراسيل هوندي هئي. هن در لاٿو ۽ سارنگ صوفيا ۾ نهارڻ بنا کٽ تي اچي ليٽيو.

صوفيا پيراندي کان پيهندي ٿورو نوڙي سارنگ جي بوٽ جون ڪهيون کوليون ۽ بوٽ لاهي هيٺ ڏرتيءَ تي رکيو ۽ پوءِ جوراب لاهي چنبي تار تي وڌا ته ڪجهه وائکا ٿيين. پوءِ هوءَ وڃڻ لڳي.

”ڪاڏي ٿي وڃين؟ مون کي زور ڏي“ هن صوفيا جو هٿ پڪڙي پير ۾ ويهاريندي چيو.

”اچان ٿي“. هوءَ کٽ تان اٿي وڃڻ لڳي. سارنگ هن جو وري هٿ جهلي ورتو ۽ سٽ ڏيئي ويهاريندي تيز لهجي ۾ چيو.

”مان توکي آهيان نه...... چوانءِ ٿو زور ڏي پڏين ڪانه ٿي چا؟ گهُري ٿي موچڙا کائين. پوءِ وري وري مِسڪندي وتندي آهين. ٻليءَ وانگر ميڪ ميڪ ڪندي آهين“.

”مان اچان ٿي نمو وراندي ۾ کٽ تي سُتي پئي آهي. هينان هنڌ به ڪونه اٿس. سڄي پگهر جي وئي آهي، ان کي به ٻاهر کٽي اچان“.

”چڱو هاڻي بڪ بند ڪر. مون کي شرافت سان ويهي زور ڏي اجا ڪالهوڪا به ڦٽ ڪونه ڇٽا اٿئي، وري ٿي موچڙا موچڙا ڪندي وتين“.

سارنگ جاڳيو پئي. پر صوفيا کي زور ڏيندي ڏيندي ننڊ اچي وئي هئي ۽ سندس منهن سارنگ جي ٽنگن تي پيل هو.

سارنگ آهستگيءَ سان اٿيو ۽ صوفيا کي کٽ تي ليٽايو ۽ اندر وراندي ۾ ويو. بتي ڪٽي نموجي منهن ۾ نهاريو.

نموجي ڳلن تي نيرا نيرا ٻنا ڏٺا.

هن بتي ٿورو وڏيڪ ويجهو جهلي غور سان نموءَ جي منهن ۾ نهاريو. پوءِ هٿ ڪان جهلي ٻانهن ۾ نهاريو. اڙي هي نيرا ٻنا نموءَ جي جسم تي ڪٿان آيا. مون ته رڳو صوفيا کي ماريو هو. پوءِ هي نيرا سوچ ڪاڏل ڳل ۽ ٻانهون نموءَ جون ڪيئن ٿيون ڪٿي اچا ته نشي ۾ ڪونه آهيان. سارنگ ٿورو ڪنڌ کي جهٽڪو ڏنو. هلڪو هلڪو خمار برابر هيس پر سندس هوش حواس بلڪل ٺيڪ هئا.

”ڪنهن ذليل ...... هن کي ماريو آ..........؟ ماٺس...... اون هون.............

ماٺس ته پاڻ بي هوش ٿي وئي هئي. هلڻ ڪان هلاڪ. سارنگ وراندي مان ٻي کٽ ڪڍي اڱڻ ۾ رکي. اندران ڪمري مان هنڌ کڻي کٽ تي وڇايو ۽ ٻه وهاڻا ٻه اندران کڻي آيو. پوءِ وجي نموءَ کي اندران کڻي اچي کٽ تي سمهاريو ۽ پاڻ سگريٽ ڪڍي پيئڻ لڳو. دونهن جا هلڪا هلڪا ڪڪر چاندوڪيءَ ۾ عجيب پراسرار نمونے ٿهلجي ٿي ويا. هو ڪجھ وقت چنڊ ۾ نهاريندو رهيو.

نموءَ جي پير ۾ ليٽيل هو ۽ پوئين پهر ۾ کيس ننڊ اچي وئي.

# ڪاري رات

وڏيرو بيرل ڪٽ تي ويٺو هو ۽ شيو پئي ڪيائين. سياري جا ڏينهن هئا. پارو به پيو چوي ته "اج نه پوان ته ڪڏهن پوان." مينا اڱڻ ۾ ويٺي بلورن راند پئي ڪئي. حاڪم رڌڻي ۾ رڪيل هڪ گُندڙي تي اچي ويٺي هئي. هوءَ وڏيري جي وڏي ڌيءَ ۽ ازان کان به چار سال ننڍي هئي. جڏهن به ازان صبح صبح جو ڪم تي ايندي هئي ته حاڪم به اچي رڌڻي ۾ ويهندي هئي ۽ پوءِ دريءَ منجهان کوهه تي بيٺل ماين کي ڏسندي رهندي هئي. کوهه تي ڪي مايون پاڻي ڀيون پرينديون هيون ۽ ڪي مايون دلا ڀري دريءَ وٽان اچي لنگهنديون هيون. تن کي پئي ڏسندي هئي.

"مينا— پٽ هيءَ رڌڻي مان گرم پاڻيءَ جي ونٽڙي ته ڀري آءُ" مينا ڊوڙندي رڌڻي ۾ وئي چلهه تي رکيل ٽِين ۾ گرم پاڻيءَ مان وَٽِي ڀري وڃي پيءُ اڳيان رکيائين.

ازان رڌڻي مان نڪري اڱڻ ۾ آئي ۽ اچي پٽ کي ٽيڪ ڏئي بيٺي. صبح صبح جو پهر هو. اُس اجا اڱڻ ۾ گهٽ لٿي هئي. ازان جي ٻيهڻ کان پوءِ به سندس چيلهه تائين مس اُس ٿي پهتي. هوءَ سيءَ ۾ سڄي ڏڪي پئي. ويتر جو ٿڌي پاڻيءَ سان ٿانوَ ڌوئي آئي هئي ته برف جهڙي ٿڌي پاڻيءَ سندس هٿن مان رت ئي سڪائي ڇڏيو هو. اُس جا ڪِرڙا به ماڪ پِنل هئا. تنهنڪري سيءَ کي جهڪي ڪرڻ بجاءِ ان کي وڌايائون پئي.

"ازان ڪالهه شام سسٽهين آئي هئي".

"ڇو آئي هئي -؟" ازان جي منهن ۾ ڪروڌ ڀرجي ويو ان وقت سندس اکين ۾ رت لهي آيو هو.

"ڇيائين پئي ته ٻانهن ونرائي ڏيو. مائٽن روڪي ويهاري آهي".

"پوءِ اوهان ڪهڙو جواب ڏنو؟"

"ڇيومانس ته ها. مون کان ڪاڏي ويندي؟"

"پر سائين مان ساهري گهر اصل ڪانه ويندس".

”ڏسان ڪيئن نٿي وڃين؟“

”سائين مون کي ڪٺي ڪُھي وڃھو پر مان ساھري گھر ڪانہ ويندس“.

”چو مڙس ڪونہ ٿو وٺيئي ڇا؟ وٺندو بہ ڪيئن؟ يارن مان واندڪائي ملئي تہ گھر بہ ياد پوئي نہ.“

”سائين اوھان ڇا بہ چئو پر مان ساھري گھر ڪانہ ويندس. سائين مان ڇونہ وڃان پر ہہ ڏينھن رھائي مون کي مارون ڏيو گھر کان گھلي ٻاھر ڪڍيو اُڇلين. وري ٻارنھن مھينا سارئي نہ لھن تہ مئس يا بچيس“.

”مڙسن جو شان آھي زالن کي پادر ھٺڻ، موچڙا تہ ھڻندو باقي تون سو مڙس چڏيو يار ڪندي وتين“.

”مڙسن جو موچڙا ھڻڻ تہ ٺيو حق پر جي رڳو پاڻ مارين نہ يا پنھنجن لچن کي وچي ٿاڻن تي اچلين. مون کي پاڻ پلي ماري تڪر ڪري هِلين کي ڏئي يا ڪڏ ڪٺي پنھنجي اڱڻ ۾ پوري چڏي سؤ سورن جو ھڪ سور. نہ ھوندس نہ ڏک ئي ڏسندس. مڙسن جو اھو تہ شان ڪونھي تہ پنھنجن لچن کي وچي پوليس جي حوالي ڪن“.

”باقي تون سو مڙس چڏيو يار ڪندي وتين.“

وڏيري ڏاڍي چيندڙ انداز ۾ ھڪ ھڪ لفظ کي چِڪي ڳالھائيندي چيو.

ازان جي اندر ۾ اھي لفظ وڍ وجھندا ويا. ھن جي دل جو سور اکين مان ڳوڙھا ٿي سندس ڳلن تي وھي ھليو. ازان کي سڏ ھئي تہ وڏيرو سندس سس جو ٻدرُ ڇو ٿو ڪٺي. ھن کي ازان جي سس يا مڙس سان ڪا بہ دلچسپي ڪانہ ھئي جو وڏيرو ازان جي انھن چاھيندڙن مان ھو جن کي ازان اک کٹي نھارڻ بہ گوارا ڪانہ ڪندي ھئي. ھوءَ ڪيڏي نہ خوبصورت عورت ھئي! ڪونج جيان من موھٹي، ڍيل جيان ٺلندي ھئي. سندس ھلڻ ۾ ڪيڏا نہ ماٹا ھوندا ھئا. جڏھن ھوءَ دلا کٹي کوھہ تان پاٹي ڀرڻ ويندي ھئي تہ واٹ ويندڙن کي کھندي ويندي ھئي. ڳوٺ جا جوان ٺڏا ساھہ چڏي کيس نھاريندا ھئا. صوفيا لارين جھڙي سندر صورت ھئس. ازان کي تہ ڪنھن شاھاٹي گھر ۾ پيدا ٺيڻ کپندو ھو. سندس چال ۾ راٹين جيان وقار ھو. ھوءَ پنھنجي سموري سونھن ۽ پيار ڀري جذبن جي باوجود پنھنجي گھوٹ جي دل ھٿ ڪري ڪانہ سگھي ھئي. ھن جي ماٹن ڀري مرڪ، اکڙين جا ڏک ڏوراپا بہ سندس ور جي دل ۾ گھر ڪري نہ سگھيا ھئا. ڳوٺ جا جوان ھن کي ڏسي ٺڏا ساھہ ڀريندا ھئا تہ ان سان ازان جو ڇا؟ ھن تہ

تہ مان ٻانهي ٿي پهاج اڳيان پئي وهان. هاڻي موسي شادي ڪئي آهي. باقي مون واري سس ٿي آ اجائي چتي.“

”گهٽي ٽر ٽر نہ ڪر پر سال واري جٹ ياد ڪانهئي چا.“

وڏيري جي اکين ۾ جڻ شيطان لهي آيو هو. وڏيري پيرل کي راتوڪي ٻاهہ هئي جو ازان کي جڏهن ٻانهن کان اچي جهليو هئائين تہ ازان ڪتيون ٻڌايون هئس. وينر جو گهنڻيءَ ۾ ٻاهر حاجيءَ کي بيٺل ڏٺائين تہ سڄو پڇري ويو هو. ان وقت تہ دل جو سور دل ۾ ئي ويو هو پر اڄ صبح سڀ ڪسرون پوريون ڪيون هئائين. حاجي وڏيري جي ٻنيءَ تي پوک ڪندو هو ۽ وتس ڪمدار بہ هو. وڏيرو هوندئن تہ حاجيءَ کي ڏاڍو پائيندو هو. سادي طبعيت جو مانيٺو قد جو ڊگهو سهڻو جوان هو طبعيت جو بيحد شريف ڪنهن عورت کي اک کڻي بہ نہ نهاريندو هو پر الائي ازان سان ڇو ٻتيهہ دليون هيس. وس پڄيس ها تہ ازان جا سڀ سور پنهنجي اندر ۾ اوتي ها پر وڏيري اڳيان لاچار هو. جي ڪڇيو ٿي تہ بک ٿي مئو. ٻيو تہ ازان کي طلاق بہ ڪانہ ملي هئي. ان ڪري شادي بہ نٿي ڪري سگهيا. حاجي پاڻ بہ پرڻيل هو هڪ ڌيءُ بہ هئس. دل جا ليکا بہ عجيب هوندا آهن. جڳ جون ريتون رسمون، قيد ۽ ڪٽڙا مذهب ۽ اخلاق سڀ اورانگهي دل ۾ اچي پيار واسو ڪري تہ ماڻهن جو جهڳو ئي جَهڻ تي پوي پر پوءِ بہ سڃي ڏيهہ جو لعنتاٽو ڪنيو پيا گهلبا آهن. هنن ٻنهي بہ پئي ڄاتو تہ هو هڪٻئي جا جيئڻ تہ ڪونہ ٿي سگهندا. پر پوءِ بہ هڪٻئي کان منهن مٽي نٿي سگهيا. هڪٻئي جي انگن ۾ سمائجي وڃڻ ٿي گهربائون. اصل ائين جيئڻ سنڌوءَ جو لڙاتيل منو پاڻي ٻنين ۾ جذب ٿي ويندو آهي. ازان جو جوڀن تہ ڪٽڪ جي سونهري سنگ جيان هو ڪٽڪائون سونهري بدن نانگ جيان وراڪا ڪاڏل بدن اکين ۾ ازل جي ڏکن سورن سندس سونهن ۾ نماڻائي اوتي هئي. اندر جا گهاءَ منهن تي ائين چانورو ڪري بيٺل هوندا هئس، جيئن تالهي جي وڻ جي ڇانوَ سنڌوءَ جي پاڻيءَ مٿان.

اصل نماشام جيان اُجڙيل ۽ ويران. پلا اهڙي مني مومل کي پلا حاجي ڪيئن نہ جيءَ ۾ جايون ڏئي! هن جو وس نٿي پڳو نہ تہ جيئن پنهنجو پاڻ کي ڇيري اندر ۾ لڪائي ڇڏيس ها. اصل ڪڇو ڪائي ڇڏيس ها. پر هو بيوس ۽ لاچار هو. چؤطرف مجبورين ۽ لاچارين ۾ گهيريل هو ۽ ازان کان اها حاجيءَ جي بي وسي ڏٺي نہ وبندي

هئي. مرد کي هوءَ هميشه جهرڻي جيان تکو ۽ تيز توڙ ڦوڙ ڪندڙ ڀائيندي هئي. شينهن جيان گجگوڙ ڪندڙ حاجيءَ جي ٻي وسي ازان جي اندر ۾ وڌ وجهندي هئي. ازان جو مک چوڏهين جي چنڊ جيان هو پر سندس مک مان چانڊوڪيءَ بدران ويراني پکڙبي هئي. اُداس ڳوڙهن ڀريل ڪرِڻا پکڙبا هئا. پر پوءِ به سور هن جي سونهن مٽائي نه سگهيا هئا. ازان جو هيڏي ساري جڳ ۾ ڪير به نه پنهنجو ڪونه هو. هڪ حاجي ئي ته هو جنهن کي هوءَ ڏاڍو ڀائيندي هئي.

"ازان مون کان ٻچڙو پيو ڪير نه ٿيندءِ. جُنڊن کان گهلي مڙسهين وٽ اُماٽيندو مانءِ. توکي پنهنجي مڙس وٽ وڃڻو پوندو".

"سائين خدا کان ڊڄوا وهين به پنهنجن ڄاين وارا آهيو".

"ڪري ڇا ٿي ڪميٽي رن. بار بار ذليل رن مون کي پٽين ٿي."

وڏيري جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون. هو پٽ تي ٺڪ ٺپي ڪري ڪلها لوڏيندو اوطاق تي هليو ويو ۽ ازان.... ازان جهريل من کي ڪٽي نستوءِ نبل سرير ڪٽي رڙٿي ڏي وڏي وٺي. هن جي سڄي جسم مان جڻ ساهه ڇڏائي ويا هئا. سندس اکيان اتي سان ڀريل ٿالهه رکيو هو ان کي ڳوهڻ لڳي ڳوڙها ٽم ٽم ڪندا آٽي ۾ جذب ٿيندا ويا. ان پل هن جا هٿ ڍرا ٿيا ۽ ڪنڌ پٽ تي لڙي پيس. ڍليون ڍليون ٻانهون، وساميل نيڻ ازان اهو به نه ڏسي سگهي ته در ۾ حاجي بيٺو آهي. هو تڪڙو اچي وڏيو ۽ ازان کي ڏونڊاڙي چورڻ لڳو.

"ازان ...... ازان توکي ڇا ٿيو آهي. مٺي مٺي ته نهار". حاجيءَ پنهنجي هٿن سان ازان جي ڳلن تان ڳوڙها اگهندي چيو پر ازان جا پساهه پورا ٿي چڪا هئا. تڏهن هو سڄوا جهامي ويو هو. پنهنجي پاڪر ۾ پيري اچي کٽ تي ليٽايائين. اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو. ننڍڙي مينا واڙي تي حاجيءَ کي ڏٺو. مرد به روئيندا آهن. هن ته ڪڏهن به ڪنهن مرد کي روئيندي نه ڏٺو هو. پوءِ اج حاجيءَ جهڙو جوڌو هيئن سڏڪا ڀري ڇو ٿو روئي. شايد ان ڪري جو موت اج ڪاري اُماس جي رات جي پڇاڙي آندي هئي ۽ حاجيءَ جا ڳوڙها ان اوندهه انڌوڪار ۾ تارن جيان پئي جرڪيا.

ٽِه ماهي 'مهران' 2-1/1972ع ۾ ڇپيل

□

”ڇو ننڊ پئي هئينءَ ڇا؟ سانجهي اچي ٿي آهي، تو وٽ اچا منجهند جي ماني به ڪانه پڪي آهي“.

”ٿي ٽين ڪپڙن جا سٽيا اٿم. اَن ڇڙي پيٺم، سڄي گهر جي ٻهاري ڏني اٿم. ٻاٽيءَ جا کوهه تان ڇهه ور ڏئي آئي آهيان. ٻه ڪارا ٿانون جا مانجيا اٿم. سڄو ڏينهن گهر ۾ گڏهه وانگر ٿي وهان، پر پوءِ به مڃتا ڪانهي. هيڪل آهيان ڪم ۾ تنهنڪري ٿوري اوبر سوبر ٿي پئي وڃي، پلا پيو ڇا ڪريان“.

”ڪميٽي وات ٿي ڪرين.“ سومر پاجاريءَ مان ڪلو ڪيڏي ڪامل جي نرڙ تي وهائي ڪڍيو. جيڏي ڪامل تيڏو رتا رڙ ڪري وڃي پٽ تي پئي، سومر به چار پيون لتون مڪون به وهائي ڪڍيس.

”ٻڌايانءِ ته پٺهين جاگير ڏاج ۾ ڏني هئي، جو ڪم نه ڪندينءَ. هت ڏاڏهين جا نوڪر وينا آهن، جو ڪٽ تي چڙهي کائيندينءَ“.

رڙين واڪن تي صبحان به جاڳي پئي. ماءُ ڪي رت ۾ وهنتل ڏسي اُباٽ پئجي وئي. ڪامل ڏيءُ کٽي هنج ۾ ڪئي، ننڍڙي صبحان جي ڇپڙن ۾ ٽج سان گڏ ڦاءُ جو رت ۽ ڳوڙها به ٿي ٿميا.

”منهنجي جيجل ماءُ تون نه روءُ، منهنجي مومل تون نه روءُ“ ڪامل سڏڪندي چيو.

”اڙي وري ويهي رهينءَ ٻار کي ڪڇ ۾ ڪري، رن مٿو پنهنجو ڦاڙايوئي، پوءِ به نه ٿي سمجهين. ڇڏ ڇوريءَ کي راند ڪري“.

اڏ ڏايل، اڏ بکايل صبحان کي پٽ تي ويهاري، ڪامل وڃي رڌپچاءُ ڪرڻ لڳي. سون سورن اچي وڪوڙيس. کيس شاديءَ جا پهريان ڏينهن ياد اچي ويا. جڏهن اچا نئين ڪنوار ٿي هن گهر ۾ پير پاتو هئائين، تڏهن هوءَ ڪيتري نه سهڻي هئي. سندس رنگ اڇو کير جهڙو اکيون ڪٽاريون ڪجل بنا ڪاريون، ڊگها ڪارا وار، چپ سنهڙا گلابي جن ۾ گلن جو رس پريل هو ڊگهي نڪ ۾ ڦلي پيل، سهڻين اڇن ٻانهن ۾ چوڙيون پئي جرڪيس، تڏهن سومر جي مٿس ڪيتري نه دل هوندي هئي. هر وقت ڪامل ڪامل پئي پوندي هيس. شاديءَ کي هي ٽيون سال هو جو سندس مٿس تان سائڻ هلي وئي هئي. ڪامل هڪ ٻن سالن جي پٽ ۾ کير پياڪ صبحان جي ماءُ هئي، منجهس ڏکن ڏاڪڙن جي ڪري اها سونهن نه رهي هئي. اکيون

دونهي ڪوسائي ڇڏيون هئس. چانڊوڪيءَ جهڙو ڪومل بدن باهين ۾ اسن تي لوسانجي ويو هئس ۽ مڙس جي مارن کان پوءِ نقشن ۾ اها تڪاڻ نہ رهي هئي. ڳلن جي لالائي کي سس جي طعنن تنڪن پيلو ڪري ڇڏيو هو. سندس انگ انگ ۾ رچيل مستيءَ کي ڏکن ڏاکڙن ويراڳيءَ ۾ بدلي ڇڏيو هو. اڳ اگهڻ ۾ ائين هلندي هئي، ڄڻ ڪا ديوي پوڄا لاءِ موتين جا ڀريل ٿالهہ کڻي مندر ڏانهن ويندي هجي. ڪامل جي ڇپن تان مرڪ تہ ڄڻ موڪلائي وئي هئي. اکين ۾ شوخيءَ بدران ڳوڙها ڀريل هوندا هئس. سهڻي جوڀن ۾ ڪرڙوڌ تي لڳي.

سچ چيو اٿن ماڻهن لڳي ڪاٺ بہ ڀڄيو پون. سومر ڪامل سان بہ چار ڳالهيون مس ڪندو هو تہ ماڻس سڌ ڪندي هئس. الائي تہ ڪهڙا ويڻ ويهاريندي هئس، جو ساڳيو سومر، ڪامل جي اکين ڪيڻ لاءِ بہ تيار تي ويندو هو. ڪامل کي شاديءَ ڪئي ڀيو ڏينهن هو جو ماڻس اچي سومر کي چيو هو:

”ابا اها زال ڪهڙي جيڪا ڪم کي اوڏو نہ پوي. ڪنوار اٿي ڪم ڪر. ڇڏ مڙس جي پچر. ابا زال ذات موچڙي جي آهي،“ وري چوندي هئس ”سهڻا توهہ پٽن تي پيا آهن. هن کي اولاد ڪونہ ٿيندو. اڳي پوءِ توکي ٻي شادي ڪرڻي پوندي. پر جي پيڙهي ڪا هيءَ رن ڪانہ قائم ڪندي، جو هرويرو ڪڪڙ وارو آرو ڪيو پيو آهين.“ تڏهن کان سومر ماءُ جا اهي لفظ ڄڻ دل تي اُڪيري ڇڏيا هئا. سومر دل تي اها ڳالهہ ويهاري ڇڏي هئي تہ ڪيس اولاد ڪونہ ٿيندو ۽ پوءِ پنهنجي زال کان منهن موڙيندو ويو. جڏهن سال کان پوءِ ڪامل کي پٽ ڄائو هو تڏهن سومر ڏاڍو تڙيو پئي، ور ور ڏئي تي پٽ کي چميائين. تڏهن ماڻس کي اها ڳالهہ ڪانہ وڻي هئي. سوچيائين تہ متان پٽ ننهن کسي وٺي، تنهن کان اڳ چلهہ ۾ باهہ سوريندي هلي.

”ابا، ڌيءَ ۽ پٽ خدا جي پوک آهن. پٽ پنيان ڌيءَ بہ اڃا آئي. تو واري رن آهي واري تي. ايندڙ سال اڃو ڌيءَ نهي رکي آهي.“

پر سومر پٽ جي خوشيءَ ۾ ماءُ جي ڳالهہ تي ڪن ڪونہ ڏنو ۽ ٻئي سال ڪامل کي جو ڌيءَ ڄائي تڏهن تہ سسڻس کي ٻهانو هٿ آيو. ”ابا مون ڪونہ تي چيو تہ جوٺهين آهي واري تي. اڃو تي ڌيءَ ڪيڏي ڏيئن جو ڏڻ آڻيندي ڌيءَ آهي پر ائو ڏڻ ڪاڏي ڪنداسين ايڏيون ڏيئون.“ تڏهن سومر اچي ڪامل جي وارن کان جهليو ۽ بہ چار لتون هڻي ڪيڍيائينس. ٻنڌڻن ۾ ٻڌل صبحان کي بہ بہ چار گهوگها

ڏئي ڪڍيائين. تڏهن به سس جو پيٽ نه ڀريو. پٽ جا ڪن ڀري ڪامل تي ڀاڃ آندائين. هاڻي ڪامل ڪم ڪري ۽ هوءَ ٻيبي ڪٽ چڙهي کائي. ڪامل جو گهر ويو ته ور به ويو. ٻي سائٽڻ جو اولاد به ٻي سائٽي. ڪامل ئي نه وٽي ته ڪامل جو اولاد ڪيئن وٽندو. ٻئي ماءُ پٽ نئين ڪنوار تان گهور ٿيا ويندا هئا. جيڪي ڪري تيئن ڪنوار ڪري؛ ڪم ۾ ته اصل هٿ وجهي ئي ڪانه. چوندا آهن سونهن سڪي، بخت کائي.

ڪاري اونداهي رات هئي. ڪامل جي ڦٽل بخت تي آسمان به ڳوڙها ڳاڙي رهيو هو. مٿان ڪوني تان ڪامل جي مڙس ۽ سندس نئين ڪنوار جا هلڪا هلڪا ٽهڪڙا ٿي آيا. ڪامل جي نيڻن مان وڏ ڦڙو ٽئي وسيو پير ۾ ننڊڙي صبحان به سنتل هئي. پنهنجي ماءُ جي ڦٽل ڀاڳ ۾ پنهنجي اڻ ڏني، اڻ ڄاتل اونداهي آئيندي کان بيخبر گهري اگهور ننڊ ۾ ستل هئي.

□

# ودي جن وڏياس

رات اڌ کان وڌيڪ گذري چڪي هئي. چنڊ بہ ڪڏهوڪو اڀريو هو ۽ هاڻي سيتل چانڊوڪيءَ ۾ ڳوٺ جي ڪنهن ڪنواريءَ جي ڪومل جسم جيان وهنتل ٿي لڳو. چپ چاپ ۽ خاموشي بہ اهڙي جو ڪنهن جي ساهہ کڻڻ جو آواز بہ نہ ٿي آيو. بنسري جي هڪ ڏکوئيندڙ ۽ وڇوڙي واري سر تي جڻ ڪجهہ ياد آيس. هوءَ اُٿي کڙي ٿي ۽ ڪنهن جاتل سڃاتل ۽ اڳ سونهين جاءِ ڏانهن، تڪڙي تڪڙي هلي وئي. جيئن جيئن ان سونهين هنڌ کي ويجهو ٿيندي وئي، تيئن ڪيس جهونگار چٽي ٻڌڻ ۾ آئي:

اڄ ٻاروچل اڄ الا....

گهوربو وڇوڙو ٿو ماري....

صالح اڳ ئي اوسيئڙي ۾ سندس راهن تي اکڙيون وڇائي ويٺو هو ۽ هيءَ هوربان هوربان هلندي اچي سندس پرسان ويٺي. "اڙي هي ڇا...." ڪنڌ ورائي حاڪم کي جو پنهنجي پرسان ويٺل ڏٺائين تہ ڇرڪ نڪري ويس. "ٻڌايئہ بہ ڪونہ تہ اچي ويندءَ".

"مون کي تنهنجي جهونگار تي وٺي. ايندي ئي ڏسي وٺين ها تہ پوءِ تنهنجي جهونگار ڪيئن ٻڌان ها".

"چڱو هاڻي تون بہ تہ پنهنجي منڙي سُر ۾ ڪجهہ ٻڌاءِ نہ" صالح ڪيس پوڳن ۾ چيو.

"هت راڳ ڳائڻ آيا آهيون ڇا. تون بہ ڏاڍيان نہ ڳائيندو ڪر. ايڏو بي پرواهہ نہ ٿي، نہ تہ"...

"اڄوڪي رات الائي ڇو وٽي پئي".

"ها اڄ رات تہ مون کي بہ وٽي پئي".

۽ پوءِ هو ائين ئي بيخبر، بي ڏيانا ٿيا وڃا ڳالهائين. ڪلن ۽ خوش ٿين تان جو ذري گهٽ اچي پنير ڪو ٿيو ۽ تڏهن ڇرڪ پري هڪبئي کان ڌار ٿيا.

حاڪم وري پير پير ۾ ٻاڌيندي ڊڄندي ڏڪندي پنهنجو پاڻ لڪائيندي اچي نم هيٺان پنهنجي کٽ تي سُتي. پر ايندي ئي سندس ماٽيلي ماءُ سڦوران کيس ڏسي ورتو. ٻي رات جو سڦوران پنهنجي مڙس جا ڪن ڀرڻ شروع ڪيا.

”سومر جا پيءُ، حاڪم کي هاڻي شينهن ڪلهي چاڙهه جوان وباءُ آهي، ٻيو تہ ڏيٺين جا پير پختا ڪونهن. خون ۾ خوشبوءِ ڪيترا ڏينهن لڪندا، اڄ نہ تہ سڀاڻ ڦاٽ ڦاٽندءِ سڀاڻي سٽن پيڙهين جي پڳ نہ لهرائي وجهئي، پوءِ ڪهڙي منهن سان راڄ ۾ رهنداسين“.

سوڍي هڪدم ڪن ڪنيا. ”ڇو خير تہ آهي نہ؟“

”خير وري ڪهڙو ٻڌي مرڻ جهڙا ٿيا آهيون“.

”سو وري ڪيئن، کولي ڪٺي ڳالهہ ڪر رن“.

”ڊڄان ٿي ڪٿي چوريءَ کي ماري نہ وجهين. چوري وڃي ڪوهہ جي تري ۾ پوي، شينهن جهڙو مڙس ٽڪي جي ڇوڪريءَ جي ڪري نہ گهائجي وڃي“.

”هاڻي ڳالهہ کٽي ڪر، ڪين وجهان ڪهاڙيءَ ۾ هٿ“.

”حاڪم، صالح سان لڳل اٿئي. ڪالهہ رات چوري ساڻس ملي اصل ٻنيرڪي مهل واپس آئي هئي“.

”چوين ڇا پئي؟“ سوڍي ڪاوڙ ۾ ڏڪندي چيو.

”ها. مان سچ ٿي چوان“.

سوڍي ڪهاڙيءَ ۾ هٿ وڌو.

”سومر جا پيءُ هوش ڪر. ڪسير ڪ چوريءَ جي ڪري تون ڇوٽو ڦاهيءَ چڙهين. ٻن ونين جا سهاڳ، جيئين سدائين، هٿ نہ ماربنس، ڦاهي چڙهنداسين، شهر گهمائڻ جي ٻهاني وني وڃي ڪهجانس: هاڻي تہ ارڏائيءَ تان لهہ“ سفوران دل ۾ ڇهڪندي همدردي ڪئي.

سوڍي ڳالهہ سمجهي کٽي چپ ڪئي.

مريم در جي چانئٺ مان بيٺي سڀ پئي ٻڌو. هن رئي جي پلاند سان ڳوڙها اگهيا ۽ ڏيءُ وٽ آئي. حاڪم گهري ننڊ ۾ اصل ٻنهي جهانن کان بيخبر ٿي ستي پئي هئي. ماڻس سندس نرڙتي چمي ڏني.

’منهنجي مومل، مون توکي ان لاءِ بہ نہ ڄڻيو هو تہ سڦوران توکي کهائي.‘ مريم جي اکين مان ڳوڙها وهي حاڪم جي ڳلن تي ڪريا.

صبح جو جڏهن حاڪم کي ماڻس سفوران جي ڳالهہ ٻڌائي تہ حاڪم جي سڄي سرير ۾ زلزلو اچي ويو.

”امان، امان مون کي بچاءِ.... امان مون کي بچاءِ“ حاڪم ماءُ کي ياڪر پائي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳي.

ٻہ پوءِ اچي نم هيٺان پيپل ڪٽ تي سٽي. گذريل پل ڪيس آنڌيءَ وانگر وڪوڙي ويا، تہ ڪيئن صالح سان هٿ هٿ ۾ ڏئي گهمي هئي، ڪيئن مون صالح کي جهونگاربندي ٻڌو هو. سندس پريت ۾ گهاريل هر پل اکين مان ڳوڙها ٿي ٽمڻ لڳس. هونءَ هميشہ نم هيٺان ويهندي هئي تہ پکين سان بہ پئي ڳالهائيندي هئي. جڏهن سندس ياءُ ياجائيءَ کي ٻيڪن مان ونڻ ويو تہ ڪانوَ نم ۾ اچي ڪان ڪان ڪئي، تڏهن حاڪم ماني ويٺي پچائي. مانيءَ جو ٽڪر ڪانوَ ڏي اڇلي چوڻ لڳس:

آءُ ڪانگا لنؤ لات.....

ڏيان مني لولي ڪير ايندو.....

ٻہ پوءِ کيس صالح جا لفظ ياد آيا.......

”مني تون جي چوين تہ مان تولاءِ سڄي ڄمار ڪاٽيندو رهان....“ ٻہ پوءِ کيس روئي روئي ننڊ وٺي وئي هئي. حاڪم اوچتو رڙ ڪري اٿي. ”امان، او منهنجي جيجل ـ مون کي بچاءِ...“ سڦوران ٻہ ڳوٺ جون ٻيون زالون رڙ تي ڊوڙنديون آيون. ڪنهن تريون اچي مهٽيس تہ ڪنهن مٿي تي زور ڏنس.

”امڙ حساب اٿس.“ سفوران چيو.

”چوريءَ تي جن جو پاڇو پيو آهي ادي“ ٻيءَ لاڳ ڏني.

”جوان وياءُ آهي، اٿاري ڇڏينس“.

گوڙ تي حاڪم اکيون کوليون، سامهون ماڻس بيٺل هئي. حاڪم نماڻا نيڻ کڻي ماءُ ۾ نهاريو. ماڻس جي اکين مان ڳوڙها ٽمي مٿيءَ ۾ جذب ٿي ويا. شايد اڄ سڪل نوٽ ٻہ اجايل ڌرتيءَ کي سنڌ جي ڪنهن هيٺي ٻہ مظلوم عورت جي ڳوڙهن مان اڄ اُجهائڻي هئي.

مايون سس پس ڪنديون پنهنجي گهرن ڏانهن هليون ويون. حاڪم کي سڄي رات ننڊ نہ آئي، پنهنجي سسيءَ مٿان ڪهاڙي لڙڪندي نظر آيس. حاڪم ڊپ وچان سڄي ڏڪي ويو. موت جي خوف کيس پيلو پن ڪري ڇڏيو هو.

حاڪم کي اڄ گهر اوپرو اوپرو نظر پئي آيو گهر جي هر شيءِ مان کيس نفرت ۽ موت جا پاڇا ٿي نظر آيا. حاڪم پريان پيءُ کي ڏٺو تہ مٿي تي اجرڪ ناهيندي اکيون جهڪائي ڇڏيون.

’هي ڪير آ. منهنجو پيءُ، نہ نہ پيءُ سان منهنجي ڪا مائٽي ڪانهي. منهنجي امان جيجل. جيجل منهنجي ماءُ. امان اڄ، مون تي پنهنجي قرب جو پلئہ رک. پيءُ ائين نہ ٿيندا آهن. ماريءَ وٽ بابن جهڙي دل ڪٿي. هي تہ ماري آ. سوڍو ماري منهنجو بابا.....‘ هن وڦليو.

”پٽ اڄ تيار ٿي وهجانءِ، شام جو شهر ڏي هلنداسين.“ آئين چئي سوڍو مڇون وٽيندو اندر ڪمري ۾ هليو ويو.

۽ هوءَ جلندي رهي. مرندي رهي. مرندي رهي. ڪاريءَ جيان قتل ٿيڻ کان اڳ ئي، مرندي رهي. ۽ ڪارو هن سوچيو. ”منهنجو صالح....“ ڪائنس پڙ پڙ نڪتي: ”مان تہ اون ئي مران پئي. تون شل جهجهي حياتي ماڻين صالح. توکي ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳي. شل تنهنجا راڳ ۽ سر توسان سلامت هجن.“

۽ پوءِ هوءَ، سڀ آسرا لاهي ڪاري ٿيڻ جي ڏوهہ ۾، پنهنجي قتلام ٿيڻ لاءِ ڪن لاٽار ڪري سمهي پئي.

□

# اُجرو من

اج دل چاهيو ٿو تہ تو وٽ اچان، دل جا سڀ وهم وساري، سڀ جڳ جا بندڻ ٽوڙي تو وٽ هلي اچان! ۽ تو ۾ سمائجي وڃان: تو وٽ اچي نہ سگهان، تہ اتي ويهي رهان، جتان تون لنگهندو آهين. ائين بہ ڪري نہ سگهان تہ توکي ڪوئي سنيهو موڪليان پر ڊپ لڳم تہ تون ڪاوڙجي نہ پوين ۽ مون کان نفرت نہ ڪرڻ لڳين. ان ڪري دل جا سور دل ۾ سانڍي ماٺ ٿي ويس. ان سانت منهنجي اندر کي ڳاريو هو. مان ڏاڍي اداس ٿي وئي هيس. ڪوئي رستو بہ نہ هو تو تائين پهچڻ جو!

ڪڏهن قسمت پنهنجو دان ڏيندي هئي ۽ واٽ ويندي تون ڏسڻ ۾ ايندو هئين، تڏهن منهنجي من جو ديس اجڙي ويندو هو. منهنجي منهن تي اذيت جا پاڇولا تري ايندا هئا، ان ڏينهن بہ ائين ٿيو ڏهن سالن کان پوءِ مان توکي ايڏو ويجهو ڏسي سگهيس. هاءِ ڏک ۽ خوشيءَ جا احساس منهنجي سڄي وجود تي ڇانئجي ويا. تو مون سان ڳالهايو بہ ڪونہ! مون کان ايڏي نفرت! پوءِ بہ ڄڻ مون کي سرڳ ملي ويو هوا!

تون مون کي وساري پنهنجي دنيا ۾ خوش رهڻ لڳو هئين. تون منهنجي احساس کي ٿڏو هڻي رمندو رهين. تنهنجي هستي منهنجي اکين ۾ سمائجي وئي هئي. ڪيترا ڏينهن ڪيترا پلَ منهنجي ساهن ۾ رچي ويو هئين. اهو سڄو ڏينهن مان خوش هيس. تنهنجي هستيءَ جا پاڇولا منهنجي نيڻن جي ساگر ۾ جهولي رهيا هئا. جڏهن بہ ائين ٿيو آهي، تہ ڄڻ مون کي ڪل ڪائنات ملي وئي هجي. ان رات مان تارن جي جهرمٽ هيٺان اچي ستس، تنهنجي باري ۾ سوچيندي صبح ٿي ويو. صبح جا چار وڳا ۽ پوءِ پرهہ ڦٽي تارن جو جهرمٽ آهستي آهستي ڏنڌلو ٿيو ۽ پوءِ گم ٿيڻ لڳو. تارا آسمان ۾ ڪيئن ايري ايندا آهن ۽ ڪيئن گم ٿيندا آهن. اهو نظارو مون ان رات ئي ڏٺو. ائين لڳو ڄڻ اڌ تارن جو جهرمٽ تنهنجي گهر ۾ گم ٿيو ۽ باقي اڌ تارا اتر قطب ۾ گم ٿي ويا.

ڪنهن مون کان پڇيو تہ ”ڪالهہ توهان جي منهن تي ايتري اذيت ڇو هئي؟ لڳو ٿي ڄڻ توهان جي دنيا اجڙي وئي هجي!“ مون ان کي جواب ڏنو هو. دل جي دنيا اجڙي تہ هئي، پل پر لاءِ من جي آڪاش تي ڪروڙين تارا چمڪيا هئا ۽ جيڪي سڀ جا سڀ ڪاري ڀات اوندهہ ۾ گم ٿي ويا ۽ پوپان مون لاءِ ڪاري رات ڇڏي ويا. من جي ڌرتيءَ تي سوين گل ٽڙيا هئا. جنهن جي لاءِ ڄاتم ٿي تہ پل پر ۾ ڪومائجي ويندا آهن. من جي آڪاش تي سوين تارا جرڪيا هئا. ڪير ڪيئن ڄاڻندو تہ دل تي ڇا گذريو هو؟! ڄڻ پل پر لاءِ مون کي ڪائنات ملي وري ڦرجي وئي هئي!!

اڄ آسمان ڪڪرن سان ڀرجي آيو هو اهي ڪڪر تنهنجي گهر مٿان بہ تہ هوندا ۽ تو بہ انهن کي جي ڀري ڏٺو هوندو! گهڙي رکي ڌرتيءَ تي رم جهم ٽيپڻ لڳي هئي مون سوچيو هو تہ اها برسات جي رم جهم تنهنجي گهر ۾ بہ تہ ٿي هوندي ۽ ان ڪري تنهنجي منهنجي وچ ۾ مينهن جي ڦڙن ۽ ڪڪرن ناتو جوڙيو هو تنهن ڪري مون برسات کي ڪي پهر وٺي ڏٺو. منهنجي اکين ۾ مينهن سان گڏ تون بہ وسڻ لڳو هئين. برکا رت مون لاءِ سنديس آڻيندي آهي، پيار جو سنديس! مون پهرن جا پهر مينهن ۾ وٺي نهاريو اڄ منهنجو يار وسڻ جا وس ڪري آيو هو سو دل ورچي ئي نہ پئي! وڏ ڦڙن مان ائين ٿي لڳو تہ اهي ڪڪر آسمان تي نہ پر منهنجي دل جي وشال آڪاش تي مڙي آيا هئا. جيئن ڪارا ڪڪر وسڻ بند نہ پيا ڪن تيئن ڌرتيءَ سان گڏ مون کي بہ جل ٿل ڪندا پيا وڃن. تڏهن مون دل جا در تو لاءِ کولي ڇڏيا هئا. مون کي اها پوري ريت خبر هئي تہ تون اڇڻو ناهين پوءِ بہ اکين ۾ اوسيئڙا سمائجي ويا آهن. من ۾ سوين گل ٽڙي پيا هئا. مينهن سڄي رات وسندو رهيو. برکا رت سڄي رات ڌرتيءَ کي بوندن جو آشيرواد ڏنو. منهنجي دل بہ تو لاءِ سڄي رات رئندي رهي هئي. تنهنجي هستي هر شيءِ مٿان وڪريل هئي. تون مون وٽ نہ هئين تہ ڇا ٿي پيو؟ تنهنجي مهڪ هر شيءِ ۾ رچيل هئي. قدرت جي سونهن مون مٿان ڇانيل هئي ۽ تو مٿان بہ. انڪري تون مون کان پري هوندي بہ تمام گهڻو ويجهو هئين، ساهہ جيترو ويجهو. ڇريا توکي ڪهڙي سڌ تہ توکي ڪيئن مون ساهہ جيان سال سانڍيو آهي. منهنجي ياد منهنجي نگاهن تنهنجو هر هنڌ پيڇو ڪيو آهي.

تيز برسات ۽ تکين طوفاني هوائن مون کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتو هو. ان ڏينهن مون کي گهر ۾ سک نٿي آيو. دل ۾ سور جون سٽون پئي اڀريون. مان پنهنجو گهر ڇڏي تو وٽ هلي آيس. تنهنجي گهر وٽان اچي لنگهيس ۽ مون به ڏينهن لڳاتار ائين ڪيو. تنهنجا نه سهي تنهنجي آشياني جا درشن ٿي وڃن. جنهن ۾ يادون دفن ٿيل آهن. منهنجي پيار رنگ لاتو. اتفاق سان تون ڪنهن ڪم سانگي پنهنجي گهر جي اڳيان ئي بيٺل هئين. توکي ڪجهه ياد آهي ته تو چيو هو ته "جڏهن تون ايندين آهين ته مان هن دريءَ مان توکي ڏسندو آهيان. جيسين تون نگاهن ۾ رهندين آهين ۽ پوءِ وقت جو اندازو لڳائي مان هٿ در جي پر ۾ اچي بيهندو آهيان ڇپر کي پاٽي ڏيڻ جي بهاني جيئن توکي اُس ۾ در تي گهڻي دير بيهڻو نه پوي" ۽ تون جو اُس ۾ بيهي سڙندو رهندين اُن جو پلا مون کي ڏک نه ٿيندو؟ مان تو وٽ اچي وبندس. ٿوري دير يا سوير.

ان رات آسمان جرڪي پيو هو. اجرو اجرو آسمان ڪيترو نه حسين لڳي رهيو هو. منجهس چنڊ ڪڙي آيو هو. تارن جي جوت ڏنڌلي هئي تنهنجي ياد وانگر. ائين ڇو آهي؟ ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي ياد سج وانگر تکي ٿي وبندي آهي ۽ سڄي سرير کي ساڙيندي آهي ۽ ڪڏهن مٺي مٺي شيتل هردي ۾ بيهي وبندڙ. ڪڏهن گلن جي سرهاڻ کڻي ايندي آهي، ڪڏهن ڪنڊن جي چڀن. اها ياد جي اک ٻوٽ ڏهن سالن کان لڳاتار هلي رهي آهي. ڪاش هڪ وار وسري وڃي ها ته پنهنجي جيون کي سنوارِيان ها!! ڪوئي منهنجي جيون ۾ آيو به پر جڏهن به ان ۾ نهاريندي آهيان ته نگاهن ۾ تون سمائجي ويندو آهين ۽ مان ان وقت ڏور ڪنهن ڏوراهين ڏيهه ۾ پهچي ويندي آهيان جتي فقط تون ۽ مان هوندا آهيون. تڏهن ئي ته جڏهن مان هن جي سيني تي منهن رکندي آهيان ته مٺي مٺي مرڪ سان ۽ گهرين اداس نگاهن سان تون اچي سامهون بيهندو آهين. هاڻي من اندر اجڙيل پيار جا محل پل پر ۾ اچي پٽ تي ڪرندا آهن ۽ مان پاڻ کي ڪنهن ويراني ۾ واريءَ جي ڍڙي تي ويٺل نظر ايندي آهيان چئو طرف ويرانو پکڙجي ويندو آهي. رنج ئي رنج برپٽ ئي برپٽ. تنهنجي مٺي مٺي ياد پل پر ۾ من ۾ سمائجي وري هميشه لاءِ گم ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ من کي ڇاٽي ويندو آهي سڄي ڪائنات جرڪي پوندي آهي تنهنجي ياد ۾. تنهنجي ياد ۾ ته الائي ڇا آهي جو پل پر ۾ سڀڪجهه وسري ويندو اٿم.

منهنجي هستي متجي وبندي آهي. چوندا آهن تہ سچيءَ دل سان ڪير ڪنهن کي ساري تہ اها ياد ديبل قدمن سان ان وٽ هلي وبندي ۽ تڙپائيندي پر تو سان ائين بہ ڪونہ ٿو ٿئي!؟ چو تہ تنهنجي سيني ۾ دل ڪانهي پٿر آهي. پر اها ڳالهہ چڱي تہ ناهي جنهن تي تون فخر ٿو ڪرين!؟

برڪا رت پيرن ۾ پايل پائي ڇم ڇم ڪندي آئي ۽ پيار جي گهاگهر ڇلڪائي وئي. ڪن جي پياس بجهي ۽ ڪن کي وڌيڪ پياسو بڻائي وئي. مينهن سڄي رات وسيو سڄو ڏينهن وسيو. مون ان ساڳئي هنڌ تي ويٺي برسات ڏٺي. پر ۾ ريڊيو پيو هو ۽ آل انڊيا تان گيت هلي رهيو هو:

خوشی کی آس ہی رہی اور خوشی نہ ہوئی
میں دیکھوں چاند چمکتا ہو رات ہی نہ ہوئی
اندھیری رات تھی تارے نہ چاند اور نہ چراغ
جلانے بیٹھے جو دل بھی تو روشنی نہ ہوئی
یہ دل کا زخم بھی ہوتا ہے کتنا گہرا زخم
جتن ہزار کیئے درد میں کمی نہ ہوئی
بہاریں اب بھی چمن میں مسکراتی تو ہوں گی
____________ بہار ہی نہ ہوئی۔

ان ڏينهن منهنجي دل سان ڪجهہ ائين وهيو واپريو هو. تو لاءِ مون ڪارن ڪڪرن کي سنهيو ڏنو هو تارن سان تنهنجون ڳالهيون ڪيون هيون. گگن منڊل تي جي سوين رنگ وڪريا هئا. مون انهن سان تنهنجون ڳالهيون ڪيون هيون. توکي تہ فقط ڳاڙهو ۽ گلابي رنگ وڻندو آهي نہ؟ مون تہ پنهنجي جيون جا سمورا رنگ نڇاور ڪيا آهن جن کي تون سميٽي نہ سگهيو آهين. هندستان جي پراڻن گيتن ۾ انسان ذات جي پوري تاريخ دفن ٿيل آهي. انهيءَ تاريخ کي مون پاڻ ۾ سمايو آهي. هندستان جي گيتن ۾ ڌرتيءَ جا راز دفن ٿيل آهن. انساني جذبن جا راز. سچ تہ اهو آهي تہ جي هندستاني گيت نہ هجن ها تہ اڄ مان نہ هجان ها!! ها تہ ان ڏينهن برڪا رت پيرن ۾ پايل ٻڌي هئي. منهنجي ۽ تنهنجي اڱڻ تي ناچ ڪيو هو ۽ مون بہ پوءِ پيرن ۾ پايل ٻڌي هئي. پايل جا موتيءَ جا داڻا ڳاڙهي رنگ جا هئا ۽ مون ڪو پهر ناچ

مان هڪ هنڌ بيٺل آهيان بلڪل اڪيلي. منهنجي پير ۾ هڪ خوبصورت تلاءُ آهي. ان تلاءُ ۾ ڏاڍو صاف ۽ شفاف ٿڌو پاڻي آهي. ان وقت تون رستي تان اچي لنگهيو آهين ۽ تون مون کي ڏسندو ٿو وڃين. تون پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويٺل آهين ڪير جهڙي اچي گاڏيءَ ۾ جنهن کي تون مخصوص ۽ ڌيمي انداز ۾ هلائي رهيو آهين. مان اتي ئي بيٺل آهيان تہ تون وري اچي لنگهيو آهين. رستو سنسان ۽ ويران لڳو پيو آهي ۽ پوءِ گاڏيءَ مان لهي تون منهنجي پير ۾ اچي بيٺين ۽ گهڙي رکي تو مون سان ڳالهايو "تون هت اڪيلي بيٺي آهين ڇو؟"

"مان اڪيلي ڇو آهيان"!

"مون سان گڏ هلندينءَ!؟"

"ها!" پوءِ منهنجو خواب ٽُٽي ويو ۽ مان پاڻ کي اڪيلو اُتي تلاءَ جي پير ۾ ڏٺو.

مون توکي وري سپني ۾ ڏٺو: ڏسان ٿي تہ مان گهر ۾ اڪيلي آهيان. گهر ۾ صفائي ٿي ڪيان. تون گهر کان ٻاهر گاڏيءَ تي ويٺو آهين. ٻاهر اُس ڏاڍي تتل آهي. تون مون کي سڏين ٿو پر مان توکي چوان ٿي تہ ٿورو ترس مان صفائي ڪري اچان ٿي. پر پوءِ تون گهٽي دير ترسي ڪونہ سگهئين ۽ مون کي اڪيلو ڇڏي هليو وئين! اهي ٻئي خواب مون تڏهن ڏٺا هئا جڏهن مون اڃا توکي ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هو ۽ جڏهن ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ توکي ڏٺم تہ هوبهو سپني ۾ ڏٺل انسان جهڙو هئين. مان اڄ بہ حيرت ۾ آهيان تہ اهو سڀڪجهہ ڇا هو!؟ جڏهن تون مون سان مليو هئين تہ مون کي ڇاتل سڃاتل لڳو هئين. لڳيم پيو تہ تو سان ڪنهن جنم ۾ ڪو ناتو رهيو هوندو. اهي افسانوي ڳالهيون ناهن پر سورهن آنا سچ آهي. مون کي اڄ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اهو ڪهڙو ناتو هو جو مان هڪ اڻ ڏٺل انسان کي سپني ۾ ڏٺو جيڪو پوءِ منهنجي حياتيءَ تي ڇانيل آهي. تو مون کي ڇڏي بہ ڏٺو. جنهن جو مون کي اڳ ۾ ئي ڪُنڪو هو ڇو تہ مون سپني ۾ اهين ئي ڏٺو هو.

اڄ ٻارهن سالن کان پوءِ مون وري هڪ سپنو ڏٺو تہ هڪ گول چبوترو آهي، جنهن جي چوڌاري پاڻي آهي. ڏاڍو صاف ۽ شفاف شيشي جهڙو. ان ۾ پکي ترن ٿا. اهي پکي گڏجي هڪ هندستاني گيت ٿا ڳائن. اهو گيت مون کي چڱيءَ طرح ياد ناهي ڪجهہ هن ريت هو تہ "هم پنڇي ايڪ ڏال ڪي......"

دیپ جلاؤں دیپ بجھاؤں
سب لگ کروں سنگھار
آئی مدھر رت بسنت بہار۔

اڄ مان سوچيان ٿي تہ پل، جڳن ۾ ڪيئن سمائجي ويندا آهن ۽ جڳ ڪيئن پلن ۾ وکري ويندا آهن. سا بہ مون کي هاڻي ٿي خبر پوي تہ هيءَ ڪائنات ڏاڍي پراسرار آهي ۽ سڀ ڪان وڏيڪ نہ سمجھ ۾ ايندڙ دلين جو ناتو.

سياري ۾ مون هڪ ڀيو بہ سپنو ڏٺو سچو تہ ياد نہ اٿم بس هڪ ٽڪر ياد اٿم تہ تو مون کي پري ڪان چاہين جو ڇڳو اڇلائي هنيو آهي، جيڪو تي ٽڪر ٿي پيو آهي ۽ منهنجي مٿان وکري ويو آهي. پوءِ جيئن ئي منهنجي اک کلي تہ منهنجي چپن تي هڪ گيت تري آيو گيت جا ٻول ڪجھ هن ريت آهن. ”کوئی دیکھے سندیسا دل کا ہائے دل لوٹ گیا ھائے لوٹ گیا“.

مون کي پوريءَ طرح ياد ناهي تہ اهو گيت مون سپني ۾ ڳاتو يا جاڳندي! هڪ دفعي تو چيو هو تہ: ”مٺي تون تہ ڪا ڏاڍي ستايل ٿي ڏسجين. تون تہ ڪا ڏاڍي جذباتي آهين“ها اهو سچ آهي تہ مان ڏاڍي جذباتي آهيان ۽ اوڏائي مون کي جذبات کان وانجهيل ماڻهو مليا آهن. هر دفعي قسمت مون کي مات ڏئي ويندي آهي.

تنهنجي سيني ۾ دل ڪانهي پٿر آهي ۽ تون بي رحميءَ منجهان ٽڪجي پيو آهين ـ مون توسان ڪا بي وفائي ناهي ڪئي، اهو تنهنجو وهم آهي. مان پنهنجي دل جي سمورين سچائين سان توسان گڏ آهيان. مون انسان جي آتما تي تجربو ڪيو آهي، بس اهو ڏسڻ چاهيو آهي، تہ پيار مري نٿو ۽ پيار ۾ شرط نہ هوندا آهن. منهنجو انهيءَ سِٽ تي پورو وشواس آهي. اها سٽ منهنجي روح ۾ رچي وئي آهي ۽ منهنجي حال، مستقبل ۽ ماضيءَ تي ڇانيل آهي. پيار ۾ ڪيتري شڪتي آهي بس ديوتا اهو ڏسڻ پئي چاهيو تون سچ تہ ان کي بي وفائي نہ سمجھ.

قدرت جون بي رحم قوتون پيار جي شڪتيءَ اڳيان بيوس آهن، مون هن ڌرتيءَ کي پيار جي ڪومل جذبن کان وانجهيل رهي نہ ڏٺو آهي. هن ڌرتيءَ کي سون ورنو ڏسڻ چاهيو آهي.

اڄ ڏرتيءَ تي ڳاڙها گلابي گل ٽڙيا آهن ۽ چؤطرف انهن جي سرهاڻ آهي، مهڪ آهي. ان ۾ تون آهين، ان ۾ مان آهيان. هن جڳ جا سمورا سچا انسان آهن.

هڪ دفعي تون مون وٽ ويٺو هئين ان پل منهنجون ننڍڙيون ڏيئرون ڪمري ۾ گهڙي آيون. تو چيو ”هنن کي ڪيڏي چڙ!“ مون کان چرڪ نڪري ويو. مون جهٽ ڏئي هنن ٻنهين کي پاڪر ۾ پيري ورتو. ان وقت تون مون کي صفا ڪونه وڻيو هئين. مون کي لڳو تون رڳو منهنجي سرير کي ٿو چاهين ۽ منهنجي آتما کي نه. توکي منهنجي سرير جي بک آهي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مان تنهنجي پير ۾ ويٺل هيس ته تنهنجو پٽ ڪمري ۾ آيو. سچ پڇين ته مون کي هن تي ڏاڍو پيار آيو جو ته هن ڪپڙي سان ٽيبل پئي صاف ڪئي. مون کي محنتي انسان وڻندا آهن. سو هي ننڍڙو انسان پنهنجي ننڍڙن هٿن سان ٽيبل صاف ڪري رهيو هو. تو گذريل ڳالهه جو بدلو وٺڻ لاءِ پنهنجي پٽ کي چيو.

”ابا تون ڇو ٿو ٽيبل صاف ڪرين، آءُ هت اچي ويهه“ مون کي تڏهن توتي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي. تنهنجي اها پيار سان ٽماٽار سٽ وڻي به ڏاڍي هيم. بس ٻنهنجي قسمت تي ڪاوڙ آئي هيم. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ منهنجون ننڍڙيون ڏيئرون تنهنجي ڪمري ۾ ويٺيون هيون. انهن کي مون رسالو ڪٽي ڏنو هو ڏسڻ لڳيون. تڏهن تون ڪمري ۾ داخل ٿئين. تو ڏاڍي پابوهه مان منهنجين ڏيئرن کي ڏنو ۽ مون کان پڇيو ”ها ڇا ٿيون ڪن؟“

”رسالو ٿيون ڏسن.“ هو تمام ننڍڙيون هيون، انڪري توکي ڏاڍي حيرت لڳي ۽ پيار به آيو. ان وقت تنهنجين اکين ۾ منهنجي ڏيئرن لاءِ پيار پئي ڇلڪيو. توکي انهن جي اها ڳالهه ڏاڍي وڻي هئي. تڏهن به تون مون کان پنهنجو پيار لڪائي نه سگهيو هئين. تون ڪٽي پاڻ تي ڪيترا به بي رحميءَ جا خول چاڙهين، مان تنهنجي اندر مان گهمي رهندي آهيان. پوءِ مون کان پنهنجي اندر ۾ ويٺل انسان کي لڪائي ناهين سگهيو شيطان! ان لاءِ تون ڪروڙين جنم وٺين ته به مون کان ڳجهو رهي نه سگهندين.

چگو ٿورو ذهن تي زور ڏيءِ تو هڪ دفعي چيو هو ”مني تون لپسٽڪ نه هڻندي ڪر.“ مون لپسٽڪ هڻڻ ڇڏي ڏني. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ تو وري فرمائش ڪئي

تہ: ”مني تون Natural Colour لپسٽڪ هٽنڊي ڪرا“ مون توکي پرس مان Natural Colour Lipistickڪڍي ڏيکاريندي چيو: ”اڇھو هيءَ ڏس، مون کي خبر هئي تہ هاڻ تنھنجي من ۾ ڇا ايندو! بس رڳو اهو الزام نہ هٽندو ڪر تہ مان توکي سمجھان نٿي“.

ها تہ Practical انسان توکي ڇا مليو مادي دنيا مان؟ تو چيو هو تہ تون سنو بہ آهين ڏاڍو خراب بہ آهين. پيارا اهي خصلتون ڪنھن جون آهن؟ نهيو مان نٿي چوان توکي. پر مان تہ تو ۾ رڳو سنو انسان ڳولي سگھي آهيان. تو وٽ جذبا آهن، ڏک آهن، سک آهن، تون بہ اسان جھڙو نرمل انسان آهين.

هن ڌرتيءَ تي جذبا، ڪلپنائون نہ هجن تہ ڪو ٻار وڏي جوان نہ ٿئي. ڌرتيءَ تي ايتري سونھن نہ هجي. سرير ۾ آتما نہ هجي. ان آتما ۾ جذبا نہ هجن تہ تون سڄو ڪروڙ سان پريل هجين، مزدور محنت نہ ڪري، هاري هَر نہ ڪاهي ۽ ڌرتيءَ تي رڳو اگني ئي اگني هجي Practical .ماڻھو ائين تہ ڪونھي، هت رڳو ڪروڙ تہ ڪونھي. گيت بہ آهن. سنگيت بہ آهي. سندر سندر گيت بنا ڪلپنا ۽ جذبن جي تہ ڪونہ سرجيا ويا آهن. پاڻ ٻنھي جا ٻار جوان ٿي ويا آهن. مان ائين پائيندي آهيان تہ مون کي ٽي ٻار آهن ۽ تون منھنجو سوامي آهين!

هڪ دفعو مان ٻوليءَ وارن فسادن ۾ بي گھر ٿيل سنڌين لاءِ توکان چندو وٺڻ آيس، تو مون کي ويھڻ لاءِ بہ نہ چيو مان ائين ئي بيٺي رهيس تو چيو:

?“What can I do for you” منھنجي لاءِ تون ڇا ڪندين؟ توتي پڳ ڪانھي پئي. تون رڳو مون لاءِ بہ پل سوچين، پر تون ڪنور آهين، ڪنور بي حد بي رحم. انساني صفتن کان خالي. بس تو ويھہ رپيا ڪڍي ڏنا. اهي ويھہ رپيا مون وٽ ڪونہ هئا ڇا؟ مان تہ بس توکي ڏسڻ هلي آئي هيس. ايڏو من ۾ ڪروڙ اٿئي مون لاءِ؟ مان ايڏي ويل تہ ڪانہ آهيان، جنھن سان تون رڳو انسانن وارو ورتاءُ بہ نہ رکين!؟

جڏهن بہ مان تو لاءِ سوچيندي آهيان. منھنجي رت جي گردش وڌي ويندي آهي. ائين پائيندي آهيان تہ منھنجي جسم مان رت جھرڻي وانگر ڦٽي نڪرندو. تنھنجو سنجوڳ منھنجي سرير ۾ ڏڪڻي پيدا ڪندو آهي! ڪي ڏينھن اها سرديءَ جي لھر ڇانيل هوندي آهي. ائين ڇو آهي ڀلاءِ Practical ماڻھو ائين ڇو آهي!؟

منهنجو پاڻ تي ڪو وس نٿو هلي. ڪڏهن کلندي آهيان، ڪڏهن روئندي آهيان. تنهنجي سڃاڻپ مون کي قدرت جي نظارن مان بہ ملندي؟ مون کي تون ٻير جي وڻ جهڙو نظر ايندو آهين. هڪ دفعي مون وار پٺي سيٽ ڪرايا. جڏهن ڪٽيل وار منهنجي جهوليءَ ۾ اچي پيا. وارن کي ڏسي اندر ۾ ڪنهن جڻ دانهن ڪئي. تنهنجا وار بہ اچا ۽ ڪارا آهن. انهن وارن ۾ مون کي تون نظر آئين. تڏهن ئي تہ مان پنهنجي وارن کي ڪارو نہ ڪندي آهيان. ڪاتہ Resemblance توسان هجيم.

تو سرٽين وانگر لامارا ڏيڻ ڇڏي ڇونہ ڏنا آهن. تنهنجي انهن لامارن تي اڳي ڪاوڙ ايندي هئي، پر هاڻي تنهنجا اهي لامارا بہ ڏاڍا ياد ٿا اچن. هاڻي دل تي چئي تہ سرٽين وارا لامارا ڪڏهن بہ ختم نہ ٿين. تون منهنجي جڳن جي تلاش آهين. ائين مان توکي وڃائڻ نٿي چاهيان. توکي ياد آهي تو بہ تہ ڪڏهن ائين چيو هو تہ:
"I don't want to lose you." تو اڄ بہ مون کي لوز ناهي ڪيو اڄ بہ جيئڻ جو تيئڻ منهنجي هردي ۾ سمايل آهين، شايد پڪي پڪڻ تنهنجي ياد ڏيارين. تو ۾ نيڪيءَ ۽ بديءَ جون وصفون سمايل آهن، تڏهن تہ ائين ٿيو. "اڳهيو ڪاٺو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي." تون ڇا ڄاڻين ڪٽڪ جي مانيءَ مان ڇنڌ!!
هون نيڪ ٿي ڇوان نہ!؟

رات ٿيندي آهي تہ ڏينهن جو انتظار ڪندي آهيان تہ شايد سج جا ڪرڻا تنهنجو ڪوئي سنديس کڻي اچن. شايد صبح جي ٿڌڙي هير ڪوئي سنهيو آڻي ۽ ڏينهن ٿيندو آهي تہ رات جو انتظار ڪندي آهيان تہ شايد سپني ۾ تون اچي مون کي جاڳائين. شايد چنڊ ستارا تنهنجو سنديش آڻين! پر ائين ڪونہ ٿيندو آهي. مان پاڻ ئي پاڻ يادن جي ڪڙين کي ملائي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان توسان وڃي ملندي آهيان. تون وساري ويٺو آهين تہ ڇا ٿي پيو! مون کي تہ جيئڻَ جو تيئڻ ياد آهين.

هڪ دفعي تو منهنجي پير مان لنگهي ٿورو پريان وڃي گاڏي بيهاري. مون تيز تيز وکون کڻي تو تائين رسڻ جو جتن ڪيو پر تو منهنجي پهچڻ جو انتظار نہ ڪيو ۽ هليو وئين! تون بہ پل جي رڪجين ها تہ مان تو وٽ پهچي وڃان ها. توکي هٿ ٻڌي چوان ها تہ مون کي ائين ڌڪار نہ. مان تنهنجي آهيان. دل تنهنجي آهي، هي جذبا تنهنجا آهن. ڪلپنائون تنهنجون آهن. پراڻ تنهنجا آهن، منهنجي رات

تنهنجي آهي، ڏينهن تنهنجو آهي. منهنجي سموري ڪائنات تنهنجي آهي، تون مڃين يا نہ مڃين منهنجي آتما کي پنهنجي پيار ۾ ڪوئي ناهي جڪڙي سگهيو. روح بس رولڙي ۾ اچي ويو آهي، جنهن کي ڪٿي بہ سک نٿو ملي. ٻڌاءِ توکي پوءِ بہ شڪايت آهي تہ مان بي وفا آهيان!؟ مون پاڻ کي ڪڏهن انسان ناهي سمجهيو. مان ڌرتي آهيان. مان آڪاش آهيان. مان ڪاري گهٽا آهيان. مان لُڪ آهيان. مان ٿڌڙي هير آهيان. مان گهرو ساگر آهيان. مان گنگا آهيان. مان ئي سنڌو آهيان!!مان جهرڻو آهيان. مان تارن جو جهرمٽ آهيان. مان هر هنڌ وڪريل آهيان. مون کي سميٽي پاڻ ۾ سمائي ڇڏ!! تہ جيئن منهنجي هستي مٽجي وڃي. مان نہ رهان بس رڳو تون ئي تون هُجين! تون! ـــ جنهن کي مون هر هنڌ محسوس ڪيو آهي گيتن ۾، هوائن ۾، ڪارين گهٽائن ۾، سج چنڊ تارن ۾، هن سڄي ڪائنات ۾ تون وڪريل آهين. اڄ تہ مان توکي سميٽي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيان. جيئن تون تون نہ رهين رڳو مان وڃي بچان. اسان ٻئي وجود وڃائي وجهون. فنا ٿي وڃون!!!

تون صفا جلد باز آهين تو ۾ ڌيرج صفا ڪونهي. تو ملاقات جي پهرئين ڏينهن چيو هو تہ "مان توسان شادي ڪونہ ڪندس، ٻڌاءِ ڏيندينءَ مون کي پيار!؟" "ها— ڇو ڪونہ!!!" پوءِ مون توکي پنهنجو پاڻ حوالي ڪري ڇڏيو! جنهن مان تو اندازو لڳايو تہ مان شايد Corrupt آهيان! ائين تہ ڪونہ هو. مون کي تو ۾ ڪا لالچ ڪانہ هئي پوءِ مان ڇو توکي پارسائيءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيان ها. مان ائين بہ ڪري سگهيس ٿي. پر مون کي توسان پيار هو انڪري مون پارسائين جون زنجيرون تو مٿان نہ اڇليون. مون کي بہ دل هٿ ڪرڻ ايندي آهي پر مون ائين تو سان نہ ڪيو. ڇو تہ پيار ۾ لالچ نہ هوندي آهي، توبہ تہ ائين چيو هو تہ "مان جي چاهيان تہ تون گهر ٻار تياڳي جوڳڻ بڻجي منهنجي گهر اڳيان ديرو ڄمائين پر مان Selfish ناهيان. مني مون کي توکي قيد ڪرڻ اچي ٿو." پيارا منهنجي بہ ساڳي دعويٰ تو لاءِ آهي. ڇا توکي مون ۾ پيار نظر نہ آيو؟ تو مون ۾ ڪجهہ بہ محسوس نہ ڪيو؟ جن ۾ تو لاءِ سنديس هوندو آهي. منهنجي ڪهاڻين جي هر اکر هر سٽ پويان تون هوندو آهين.

تو ڏهہ سال مون کي نهاريو بہ نہ مون کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو. پوءِ مان ڇا ڪريان ها. جک ماريان ها؟ مون کي پيار جون بوندون جتان بہ مليون، مان انهن کي

وڏي سوبڪار ڪيو. اهو ئي سبب آهي, جو مان دائمي طرح ڪنهن جي به نه ٿي سگهي آهيان. توکي حاصل ڪرڻ لاءِ مان آسمان ۾ لنيون ته ڪانه هڻدس نه؟ تو چيو هو ته "لنيون ته ڪوبه نه هڻندو آهي".

اڄ به تون منهنجي اندر جهاتي پائي ڏس, اتي توکان سواءِ بيو ڪوبه ڪونهي. تو ۾ ته رڳو خوش اخلاقي به ڪانهي جو رستي وبندي دعا سلام به ڪونه ڪندو آهين. مان توکي چنبڙي ته ڪانه پوندس نه؟ يا تون ڪنهن سان ايڏو سچو آهين جو مون ڏي اک کڻي نهارڻ به پاپ سمجهندو آهين! جو ايڏو ڪتي جيان وفادار آهين. مون کي ڏس مون ڪنهن سان وفا ناهي ڪئي. تو کان پوءِ بس رڻ رلي آهيان, ان کي تون بي وفائي نٿو چئي سگهين سمجهه Practical انسان! منهنجي دل تنهنجي لاءِ سٺون ڪائيندي آهي پر مان ته تنهنجي لاءِ exist ئي نٿي ڪيان. ورنه وات وبندي ائين رکو رويو نه رکين ها. سچ ته رت رئاربندو آهي تنهنجو اهو رکو رويو. ايڏي بي رحمي چڱي ناهي ديوتا! مان ديوداس آهيان, مان ئي چندر مکي آهيان مان ئي پارو آهيان پر تون جي سمجهين.

منهنجو پنهنجي جيون تي ڪو وس نٿو هلي. ڪڏهن توکي ساري روئندي آهيان, ڪڏهن مرڪندي آهيان. ڪڏهن پهرن جا پهر اداس ويٺي هوندي آهيان, ڪڏهن پهرن جا پهر هڪ ئي گيت ٻڌندي رهندي آهيان, هندستاني سنگيت سان منهنجي آتما جو گهرو سبنڌ آهي جو سُڌ ٻُڌِ وڃائي ويهندي آهيان.

سچ ته اهو آهي ته تون منهنجي يگن جي تلاش آهين. ڪ ِ وڙين جنم تولاءِ ڀٽڪي آهيان. مون توسان ناتو جوڙي اڄ به ناهي پڇتايو. مان ته خوش آهيان جو تنهنجيون يادون مون وٽ آهن. منهنجي سرير ۾ آهن, منهنجي آتما ۾ آهن. مان توکي وساري نٿي سگهان ۽ توکي پنهنجي جيون جو حصو ٿي سمجهان. هلڪي سلڪي آتما سان تنهنجي اوسيئڙي ۾ آهيان. گهڻا سال اڳ تون مون وٽ آيو هئين يا ائين کڻي چئجي ته منهنجي ڪري آيو هئين. تون پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو هئين. توکي ڏسي منهنجي دل ۾ ڪروڙ پرجي آيو منهنجي چپن تي هڪ تلخ ۽ ڪڙي سٽ مڙي آئي.

"Some thing very strange you are here" پر ڪجھ سالن کان پوءِ جڏهن من جو ڪروڙ هٿي چڪو آهي، تڏهن دل روئندي آهي ته مون وڏي تنهنجو هٿ ڇو نه پڪڙيو؟ ۽ تنهنجي ڪلهي تي هٿ رکي ائين ڇو نه چيو ته:

"آيو آهين ته اڄ ته مان توکي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيان، مون وٽ دل جي دولت ته گهٽي آهي پر تون ڏاڍو مهانگو آهين".

انارڪلي اڄ به اجري من سان انڌيرن ۾ ڀٽڪي پئي، جنهن کي تون سمجهي نٿو سگهين.

❐

# آيل ڏولڻي ساڻ، اڇي ته جهيڙيان

سوچ ئي ته سندس جيون جو اڻ کُٽ سرمايو هئي... ’سانوڻ مون کي ڪڏهن لاڪر سجائيندو هو. اِها ته سڌ ڪانهيم. پر هن جو چوڻ آهي ته هو مون کي سُجاڻي ۾ جاڻي. ڪيئن سجاڻي ۾ مون بابت ڪيس ڪهڙي جاڻ آهي، سا ته ڪيس ئي سڌ هوندي... شايد منهنجي ڪا ڪهاڻي پڙهي هوندائين يا ڪنهن ڪو گيت آلاپيندي ٻڌو هوندائين. پر سندس چوڻ آهي ته هو مون کي سالن کان سڃاڻي‘.

’ها! پهريون پيرو ڪيس ڪنهن ميڙ ۾ ڏٺو هوم. هزارين ٻڌندڙن جيان هو به آيو هو منهنجو گيت ٻڌڻ. ڪيس شايد ويهڻ جي جاءِ ملي نه سگهي هئي، انڪري اسٽيج جي پر ۾ ئي پٽ تي ٽيڪ ڏيو ٽِڪ ٻڌيو پئي مون ۾ نهاريائين. الا! — ان نهار ۾ ڪيڏي نه پيڙا هئي. هڪ اڻکٽ درد... راڻي جيان ارڏو هٺيلو ۽ ڳنڀير سانوڻ مون کي ائين ٿي پاسيو چڙهو راڻي جي جوڻ مٿائي ويهين صديءَ جي مومل ٻسڻ ڪاڻ آيو هجي‘.

اڄ وري آشا جي من تي يادن جا ساگر اٿلي پيا هئا. هوءَ يادن جي تيز وهڪرن ۾ وهڻ لڳي ’آءٌ جڏهن هال کان ٻاهر نڪتي هيس ته سامهون سانوڻ کي بيٺل ڏٺو هئم_ ساڳيون اُداس ۽ وياڪل اکڙيون. اهو ئي گنڀير چهرو_ ۽ هو منهنجي من مندر ۾ پيهي ويو هو... آءٌ پنهنجي نيڻن جا لڙڪ پيئندي اڳتي وڌي ويئي هيس. دل ۾ آيو هوم ته سانوڻ سان ڪهڙو رشتو ناتو اٿم؟ منهنجي نيڻن ۾ پلا هي لڙڪ ڇو پرجي آيا آهن!؟‘

... ’۽ پوءِ ڪيترن ڏينهن پڄاڻان مون ڪيس ادبي ڪچهريءَ ۾ ڏٺو. آءٌ پنهنجي ڪهاڻي پڙهي اچي ڪرسيءَ تي ويٺيس ۽ ٿوڙو پريرو هو ويٺو هو ۽ ورَ ورَ ڏيو پئي مون ڏانهن نهاريائين_ ساڳيا گهرا نيڻ ۽ نيڻن ۾ اڻ ڪڇيل پريت جو سنيهو. ڪچهريءَ جي ڪاروائي ڪجهه دير لاءِ روڪي ويئي ۽ ان وچونيءَ دوران هو سڌو مون وٽ هليو آيو‘.

”اوهان جي ڪهاڻيءَ ۾ سندر سوچون ۽ ڪومل ڪومل پريت جا پاوَ تہ هئا پر ڪهاڻي علمي دنيا جي جيئندڙ ڪردارن کان گهڻو پري هئي. ڇا پريت جي دنيا ايتري ئي سهڻي ٿيندي آهي جيتري اوهان جي ڪهاڻي؟“

”پريت تہ سچو جڳ ڪري ٿو پر ڇا سپني جي ڪهاڻي مومل راڻي جيان امر ٿي ويندي آهي. مان تہ اِن خيال جي آهيان تہ ڪهاڻي هرويرو ايڏي علمي دنيا سان نهڪي بہ نہ اچي جو ان جي سونهن ئي ختم ٿي وڃي.“ اهو ڪجهہ چوندي آشا اوچتوئي اوچتو چپ ٿي ويئي ۽ ڇڻ ڪنهن ڪاري ڪارونڀار ۾ پيهي ويئي، سندس چهري تي ويرانيءَ جا پاڇا وکري ويا ۽ سندس چهري جي روپ ريکائن مان ائين ٿي پاسيو ڄڻ هوءَ ڄڳن جا ڄڳ رني هجي. آشا پنهنجي ساهن کي پڃندو ۽ پرندو محسوس ڪيو هوءَ ڪچهريءَ ۾ وڌيڪ ترسي نہ سگهي ۽ جهٽ ڏيئي اُٿي هلي ويئي.... سانوڻ کيس ڏسندو ئي رهجي ويو.

”_آشا.....!... آشا!“

_ڪو ڄاتل سڃاتل آواز آشا جي ڪن پيو هُن ڪنڌ کڻي پڳل نيڻن سان اهو آواز اونايو... سامهون سانوڻ بيٺو هو. پرئي هڪ ورهيہ کان پوءِ هو وري آيو هو. سانوڻ کي پسندي ئي آشا جا نيڻ وري بہ لڙڪن هاڻا ٿي ويا. هن اکيون بند ڪري ڇڏيون. لڙڪن جون لارون سندس ڳلن تان واٽون ناهينديون هيٺ لهي ويون. ان هڪ پل جي نهار ۾ آشا الائي ڪيترا جڳ گذرندي محسوس ڪيا ۽ سوچيو ’سانوڻ ڏاريو هوندي بہ الائي ڇو مون کي پنهنجو لڳو هو. ها! پنهنجو ئي تہ هو تڏهن تہ سڄو ورهيہ سندس وات کي پنل نيڻن سان تڪيو هوم ۽ پڪ هيم تہ هو منهنجي دل جو ڏٽي هڪ وار تہ ضرور نظر ايندو‘.

’نہ... مان کيس اِهو ڪجهہ ڪڏهن بہ محسوس ٿيڻ نہ ڏينديس تہ هِن من مندر ۾ تنهنجي ياد ڪيڏا قهر ڪيا آهن نہ.... ڪڏهن بہ نہ.... مان ڪانئس پريت جو دان نہ گهرنديس. مون کان ايڏو انتظار ڪانيو ڪو نہ ٿيندو‘ — آشا شايد ڏهہ سال اڳ واري پنهنجي پيانڪ ماضيءَ تي سوچي ڏکي رهي هئي، لِڱ لِڱ ڪانڊارجي ويو هوس.

”مون کي ويهڻ لاءِ ڪا نه چونديءَ... وچان هليوا؟ “ سانوڻ جي لهجي ۾ پيڙا سان گڏ پنهنجائپ به هئي.

”ها... ها تون هليو وڃ. تون مون وٽ نه ايندو ڪر.“ آشا هيڪر وري ڳوڙهن هاڻيون اکيون پوري ڇڏيون ۽ من ئي من ۾ چوڻ لڳي ’نه مان تو کي هاڻ هرگز وڃڻ نه ڏينديس. توکي هرگز وڃڻ نه ڏينديس... تون هر دور ۾ مون کي هيڪلو ڇڏي گم ٿي ويندو آهين‘ پر اِهو فيصلو آشا جي من ئي من ۾ مانڌاڻيءَ وانگر ڦرندو رهيو ۽ ڳوڙها ڳلن تان ڳڙندا رهيس.

”ڇا ائين ٻيٺي ٻيٺي ورهيه گذاري ڇڏيان. ويهڻ لاءِ نه چوندينءَ؟ “

”ويهو ٻيٺا ڇو آهيو. ڪيئن پلجي پيا آهيو ايترن ڏينهن پڇاڻان“ آشا لڙڪ اُگهندي چيو.

”دل سٽ ڏني هليو آيس. ڊنس پئي ته سڄاڻندؤ به الائي نه! اوهان جا اهي پنل پنل نيڻ خبر ناهي ته ڇو مون کان وسرن ئي نه ٿا“.

”ته اوهان منهنجا پنل نيڻ ڏسڻ آيا آهيو؟ “

”ها... ۽ انهن نيڻن جي پوپان لڪل پيڙا ۽ اُن پيڙا ۾ اوتيل امرت کي پسڻ آيو آهيان“.

”امرت... “ آشا جي چپن تي هڪ ڊگهي اداس مرڪ ڦهلجي وئي ۽ ان مرڪ ۾ اوتيل هئا اهي لفظ ”اهڙو امرت جيڪو منهنجي جيون جي هر آس ۽ امنگ کي چوسي ويو آهي. وڻ ويڙهيءَ جيان ۽ پيري ويو آهي. منهنجي انگ انگ ۾ زهر جي پيڙا... ائين نه؟ “

”آءٌ تنهنجي انهن لڙڪن پويان لڪل مامر کي پروڙڻ چاهيان ٿو“.

”هر انسان جا گذريل پل هن جي پنهنجي ميراث هوندا آهن. ان ۾ ڪنهن کي به ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ جو حق نه آهي“.

”مڃان ٿو ته گذريل پل هر انسان جي پنهنجي موڙي هوندي آهي پر مون کان تنهنجا اِهي لڙندڙ لڙڪ ڏٺا نه ٿا ٿين. ائين لڳندو اٿم ته هر ان لڙڪ کي تنهنجي نيڻن کان ٻاهر اچڻ کان اڳ پنهنجي اندر ۾ اوتي سدائين لاءِ پنهنجو ڪري ڇڏيان. پر... “

”پر آءٌ... “

”تون مون کي اوپرو ڀائيندي آهين نه تنهنڪري“...

”انڪري نہ پر سمجهان ٿي تہ تون ايڏي همت ساري نہ سگهندين“.

”مطلب تہ تون مون کي ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ تيار نہ آهين“.

”ائين ناهي“.

”تہ پوءِ.“

”پوءِ ٻڌ تہ ٻڌايانءِ“ آشا هيڪر وري ماضيءَ جي اُن ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويئي، سندس نيڻن مان لڙڪ اوهيري جيان وسڻ لڳا. سانوڻ اهو سڀڪجهہ خاموشيءَ سان ڏسندو رهيو. . . “

ڪي پل گذريا آشا پڙڪي ”سانوڻ! اسان جي سهاڳ رات جي اچڻ ۾ صرف چند ڪلاڪن جي دير هئي. . .“ آشا وري ماٺ ٿي ويئي. . . گهڙي رکي وري ڳُڇيائين، ”ڪاج جون تياريون سڀ مڪمل ٿي چڪيون هيون. آڱنڌ تي دهلن جي دسن تي شرنائين ۾ گيت گونججي رهيا هئا. مون کي اکيو ٻڌل هوءِ ٻانهن ۾ ريٽا ڳانا، هٿن پيرن تي ملير جي ميندي“ آشا جا چپ خشڪ ٿي ويا ۽ گلو پرجي آيو هن ڳيت ڏيئي وڏيڪ ڪجهہ اوڳاڇڻ چاهيو پر ڪجهہ چئي نہ سگهي. سانوڻ ڪي گهڙيون تہ آسائتين اکين سان خالي ڏانهس واجهائيندو رهيو پر جهٽ رکي پاڻ نہ پلي کانئس پڇيائين، ”پوءِ ڇا ٿيو آشا“.

”هو ڪو نہ وريو“.

”هو؟“

”منهنجو گهوٽ گهر نہ آيو.“ آشا هڪ ڏکي ڳيت ڏيئي پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون، لڙڪ سندس ڳلن تان لڙندا هيٺ پاتال ۾ پيهندا ويا.

سانوڻ کيس ان ئي حالت ۾ ڇڏي بنا موڪلائڻ توڪلائڻ جي تڪڙو تڪڙو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

’الا! ڪيترا سچ اُلهي ويا، ساوڻ ڪونہ وريو. . هون چريو! تنهن ڏينهن بنان موڪلائڻ جي ائين ئي هليو ويو. مون تہ کانئس موٽ ۾ ڪجهہ بہ نہ گُهريو هو. پاڻ ئي تہ مجبور ڪيو هئائين مون کي اُن ڪٿا ٻڌائڻ لاءِ. . . پر جي هيڪر آيو بہ تہ ڇا؟ هن سانٽي ۽ نبل سرير جو ٻيوس پڪيڙو وري مون وٽ ايندو؟ هنن اجايل اکڙين جي رنل ننڊ ٻرچي پوندي؟ نہ. . . . نہ سڀ سوچ اجائي. . . سڀ من کي پرپائڻ جون نلهيون

ڳالهيون. آءُ هاڻي ڪجهه به نه سوچينديس — مون کي هاڻي ڪجهه به سوچڻ نه ڪپي'.

آشا زور سان دري بند ڪري چڏي تي ۽ پنيان هٿي پاڻ کي پلنگ تي ڦٽو ڪري... اوچتو در تي ٺڪ ٺڪ ٿئي ٿي، هوءَ اُٿي ٿي، دروازو کولي ٿي، سامهون سانوڻ بيٺل آهي. اِهو ئي سانوڻ جنهن لاءِ هن هرپل پنل نيڻن سان واٽون تڪيون هيون، جنهن جي نهار ۾ ڪيس هڪ اڻ ڪُٽ پيڙا ۽ درد محسوس ٿيندو هو. جنهن لاءِ خيال هئس ته هو ڪيس راڻي جيان ارڏو هنيلو ۽ ڳنڀير لڳندو آهي.

"سانوڻ ڏاڍا ڏينهن لاٿئي؟ ڪيڏانهن ويو هئين؟" آشا يڪ ساهي سانوڻ کان پڇيو.

"ڇا اندر اچڻ لاءِ نه چوندينءَ؟ اتان ئي در تان ته نه موٽائي ڇڏيندينءَ؟"

"اي وڙ نه ويڙهيچن. سانوڻ آءُ هر چڱي روايت جو قدر ڪندي آهيان. جڏهن کان تو سان ساڃهه ٿي اٿم تڏهن کان تو کي پنهنجي جيءَ جي جهرڻن ۾ ٽڙڳايو اٿم. سانوڻ مون هر پل تنهنجي واٽ تڪي آهي ۽ تو لاءِ تارا ڳڻيا آهن".

"آشا مون ته ائين ئي...."

"مون کي آزمائڻ چاهيو ٿي.... اندر اچ، ويٺو ڇو آهين." آشا در تان هٽي سانوڻ کي اندر اچڻ لاءِ رستو ڏيندي چيو.

"ڪيئن پيا ڪٽجن تنهنجا ڏينهن ۽ راتيون؟ سُکي ته آهين نه؟" سانوڻ ڪرسيءَ تي ويهندي آشا کان پڇيو.

"سُکي!" آشاجي چپن تي هڪ اُداس مُرڪ ڦهلجي ويئي. هن نماڻا نيڻ هيڪر جهڪائي ڇڏيا ۽ پوءِ پل اکين ئي اکين ۾ سانوڻ کي چيائين، "ها آءُ سُکي آهيان پر تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟ تون ڪٿي پيو وسين!" سانوڻ آشا جي اکين جي سنيهي کي سمجهي ورتو هو ان ئي پل اُٿي بيٺو "آشا ڏاڍو تڪڙو آهيان. هتان لنگهيس سوچيم ته توکي ڏسندو وڃان. هاڻي مون کي اجازت. آءُ وڃان ٿو منهنجي گهر واريءَ کي منهنجو ڏاڍو اوسيئڙو هوندو." سانوڻ تڪڙو تڪڙو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.....

(ماهوار "**نئون نياپو**" حيدرآباد: جون 1976ع ۾ ڇپيل)

# ”آيل اُن نہ وسهان ...“

جڳديش باغ مان گلاب جا گل پٽيا. زيتون جي وڻن منجهان لنگهي پريان موتئي جي ٻوٽي مان ڪجهہ موتئي جون مکڙيون پٽيون ۽ پوءِ هو واپس وينا وٽ ويو. وينا پنهنجي گهر جي لان ۾ ويٺي گورڪيءَ جو ناول ”ماءُ“ پڙهيو. ٽيبل تي ريڊيو رکيو هو جنهن مان پنڪج مَلڪَ جي آواز ۾ غزل هلي رهيو هو:

*يے راتيں يے موسم يے ہنسنا ہنسانا*

جڳديش گل ۽ مُکڙيون وينا جي اڳيان ٽيبل تي اچي رکيا.

”وينا هي گل مون تو لاءِ آندا آهن. منهنجي دل گهريو چيم پنهنجي وينا لاءِ ڪجهہ ڪٽندو وڃان“.

”پر— هي تہ ڪنهن باغ منجهان پٽيل ٿا ڏسجن“.

”تو ڪيئن سمجهيو؟“ جڳديش, وينا کي پيار منجهان گهوربندي چيو.

وينا اٿي جڳديش جي قميص تان ٻوٽن جو هلڪو ۽ نامعلوم چارو ۽ مٽي ڪپڙن تان ڇنڊبيندي چيو.

”هي ڏس تنهنجا ڪپڙا تنهنجي چور هجڻ جي شاهدي پيا ڀرين. دلين جي چوري ڪندي ڪندي تون سچ پچ ڏاڙيل ٿي پيو آهين“.

”سچ — وينا؟ وينا — تون پنهنجي مڌر آواز ۾ ڪو گيت ٻڌاءِ نہ“ جڳديش ريڊئي کي بند ڪندي چيو.

پيا ملڻ لاءِ وڃڻ ڏيو پيا

من جي موج ۾ جڳ جي لڄ نياڻيان

اڄ وينا کي گذريل پل ۽ ساعتون ياد اچي تڙپائي رهيون هيون.

جڏهن جڳديش کي بلڪل اچانڪ ڏنو هٽائين. تڏهن بہ هن ويٺي گيت جهونگاريو— هلي آ منڙا آنڌري ۾ منهنجو من ٿو تڙپي.

ان وقت در کڙڪيو هو. وينا جو ڪلپنا سان فلم ڏسڻ جو پروگرام هو. وينا سمجهو هو تہ ڪلپنا آئي آهي. سو بنان پڇڻ جي هن در کوليو تہ سامهون هڪ اجنبيءَ کي بيٺل ڏٺائين. فل سوٽ پهريل هوس. چپن تي مرڪ. تڏهين وينا کان رڙ نڪري ويئي هئي.

”او — الا...!“ پر پوءِ جلد ئي پاڻ سنڀالي ورتو هئائين.

”توهين — ڪير آهيو؟“

”ڪرشن ڪمار جو گهر آهي؟“ اجنبيءَ وينا جي سوال کي نظرانداز ڪندي پاڻ بہ سوال ڪيو.

”نہ هتي اسين هاڻي نوان مسواڙي آيا آهيون“.

”معاف — ڪجو مون اوهان کي تڪليف ڏني“.

”اٽ از آل رائيٽ.“

۽ پوءِ هو پرديسي هليو ويو هو.

ڪيترن ڏينهن پڄاڻا جڳديش کي هن هيو پيرو ادبي رهاڻ ۾ ڏٺو هو. چپ ۽ اُداس اکين ۾ وبرانيون سمايل. تڏهن وينا کي ڪلپنا ٻڌايو تہ:

”هي ڪهاڻيڪار جڳديش آهي.“ تڏهن الائجي ڇو وينا پنهنجي دل جي گهري سمنڊ ۾ جڳديش لاءِ پيار محسوس ڪيو هو.

هڪ ڏينهن ڪاليج کان واپس ايندي جڳديش جي ڀيڻ ملي هئس. گرمين جا ساڙيندڙ ڏينهن هئا. رستا ويران لڳا پيا هئا. اڳيان هڪ ٻي ڇوڪري پئي وئي، جيڪا پڻ اڪيلي هئي. وينا خيال ڪيو ڇو نہ ٻئي. گڏجي رهاڻ ڪندا وڃون. تڏهن وينا تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي ڇوڪريءَ سان ملي.

”نمسڪار!“

”نمسڪار —!!“ هن بہ مرڪي جواب ڏنو شايد هوءَ بہ خوش ٿي هئي.

”مان وينا آهيان — ڪاليج ۾ بي. ايس. سي جو آخري سال اٿم“.

”مان بہ انهيءَ ڪاليج ۾ بي.اي جي آخري سال ۾ پڙهندي آهيان. ڪهاڻيڪار جڳديش جي ڀيڻ چمپا آهيان.“ گس هلندي جڳديش جي ڀيڻ وينا کان پڇيو.

”توهين ڪير آهيو؟“

”انسان!“

”اهو تہ مان بہ ڄاڻان پئي پر اوهان جو ڌرم ڪهڙو آهي؟“

”انسانيت“! ـ

”تہ — پوءِ ائين سمجهان تہ اوهان ناستڪ آهيو مون کي بي حد خوشي ٿي اوهان سان ملي، اوهان بہ اسان جا همہ نظريہ آهيو“.

”ڪهڙو نظريو آهي، اوهان جو؟“ وينا شرير مُرڪ مُرڪندي پڇيو.

”اهو ٿي جيڪو اوهان جو آهي يعني سوشلسٽ“ ۽ پوءِ ٻئي پنهنجي گهر ڏانهن ويندڙ ڳلين ۾ هليون ويون هيون.

ڪاريون گهٽائون آڪاش مٿان وِکريل هيون. ٿڌي وٽندڙ هوا انگ انگ ۾ مستي ڀري چڙهي هئي — ميگهہ ملهار جي ديوي پيرن ۾ پايل ٻڌي ڇم.... ڇم نچي رهي هئي. وينا دريءَ ۾ اچي ڪرسي وجهي ويٺي جهونگاريو —

آج سجن موہے انگ لگالو جنم سفل ہو جائے
پریم سدھا تنی برسادو، جگ جل تھل ہو جائے
مورے سانوریا

تڏهن جڳديش جي پيڻ آئي هئي.

”وينا — چا پئي ڪرين؟ “

”اوهہ — چمپا تون — اچ ويهہ!“ وينا ڇرڪ ڀريندي چيو.

”ڏاڍا ڪتاب پئي پڙهين — اسان کي بہ ڪجهہ ڏي“ چمپا، ٽيبل تان شاهہ جو رسالو کڻندي چيو.

”ٻڌاءِ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟“

”ائين ٿي — بس دل گهريو — توکي ڏسڻ لاءِ هلي آيس — توکي تہ ياد ڪا نہ پيس نہ ٻي رخي.“

”نہ ائين ڪونهي — هي هٿ ۾ ڇا کنيو اٿئي؟ “

”ادا جو لکيل ڪتاب آهي تو لاءِ ڏنو اٿس.“

وينا ڪتاب وٺي نالو پڙهيو "سياري سهه رات جو؟ "

اج الائي ڇو وينا تي گذريل ساعتن جي برڪا ٿي هئي — ته ڪيئن نه جڳديش سان گڏجي، ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري تي ويهندي هئي — هو ڪيس پنهنجون لکيل ڪهاڻيون پڙهي ٻڌائيندو هو. شاهه جا بيت ٻڌائيندو هو. ۽ وينا ڪيس مٺڙ آواز ۾ مٺڙا مٺڙا گيت ٻڌائيندي هئي.

اے بادِ صبا ذرا آہستہ چل

یہاں سوئے ہوئی ہے انار کلی.....

وينا جي آواز ۾ ڪيترو نه رس ۽ سحر هوندو هو — ڪيئن نه گڏجي ويهي برساتين ۾ ڳائيندا هئا.

متوالی جیا بھولے پیا ساتھ میرے چل

کرنا ہے تو کر پیار نہ ڈر۔ بیتی عمر نہ آئیگی

ارے پاگل ارے پاگل

دنیا ہے پڑی جان ہو بھری میری گلی ساتھ

مری چل۔۔۔ ارے پاگل ارے پاگل

پر اچانڪ وينا جي مرڪ مُرجهائجي ويئي هئي. ڪومل تن کي باهه لڳي هئس. جڏهن وينا پنهنجي سهيلي ڪلپنا جي گهر ويئي هئي، تڏهن اتي ٽيبل تي هن جڳديش جو لکيل ڪتاب ڏٺو هو. وينا اکير منجهان اهو ڪتاب کنيو. پهرين صفحي تي ڪلپنا لاءِ لکيل هو:

"منهنجي ڪلپنا!

تون منهنجي من مندر جي ديوي آهين. منهنجو ساهه آهين پساهه آهين. منهنجي اجڙيل دل جو گيت ۽ سنگيت آهين. پڄاري پنهنجي ديويءَ جي چرڻن لاءِ عقيدت جو گل ٿو پيش ڪري۔ جڳديش "

تڏهن وينا جي ڪارين اکين ڪڪرين مان لڙڪ لڙي پيا هئا — وينا کان سر ۽ سنگيت رسي ويا هئا ۽ پوءِ وينا سنت ٿي پنهنجي پريت جو ماتم ڪرڻ لاءِ

گهر هلي آئي هئي. سندس چپن ڪان مٺڙي سندر مرڪ موڪلائي ويئي هئي. تڏهن وينا جي چپن تي اڌورو ۽ ٽٽل گيت اچي ويو هو:

گيت کتنے گا چکی ہوں اور دکھی جگ کے لئے
آج رونے دو مجھے پل ایک اپنے لئے

وينا جي اڌوري ۽ زخميل جيون جا زخمي گيت ئي سندس سيڪجهه هئا.
(سنڌ رنگ پبليڪيشن حيدرآباد (سال؟) ۾ ڇپيل)

❐

# گهايل ٿي گهاريان

سانوڻ جي شام هجي سارين جي نسري اچڻ ڪري ٻٽ اچي ٿي هئي. مڇر ٻه گهڻا هئا. ذري ذري ٿي ماس ۾ چڪ وڏائون. مان وهنجي ڌوتل ڪپڙا پائي بصران وارن جي گهر هلي ويس.

هونءَ ته بصران سدائين ڪونه ڪو ڪم پئي ڪندي هئي، ڪڏهن چانورن جي ماني ويٺي تئي تي پچائيندي هئي ته ڪڏهن ٽانوَ ويٺي مليندي هئي، ته ڪڏهن وري رلي ويٺي سبندي هئي، ته ڪڏهن نندڙي ٻٽ کي وهنجاربندي هئي ته ڪڏهن جنڊ ويهي پيهندي هئي. پر اڄ ويٺي مار کاڌائين. رمونءَ دل تي پئي ڏنڊا هنيس. رمونءَ جي اکين مان رت پئي ٽميو سندس زبان تان هڪ گار لٿي پئي ته ٻي چڙهي پئي، ”رن وات بند ٿي ڪرين يا اچا مٿو ڀڃانءِ“ ۽ وري اڻين چٽي رمون پنهنجي مار ڏيڻ کي جاري ٿي رکيو. بصران جي نرڙ منجهان رت ٽمي رهيو هو. اکين مان سانوڻ جا ڪارا ڪڪر وسي رهيا هئا ۽ زبان تي ٻي وسيءَ جون دانهون ”او رمون — شل خدا ٻه اڌ ڪرئي. ڪين بچين شل! مون کي مار نه“ بصران ڦٿڪندي دانهن ڪئي.

مون کان وڌيڪ ڏٺو ڪونه ٿيو ۽ مان اتان رمونءَ لاءِ اٿاهه نفرت دل ۾ سانديي هلي آيس. منهنجين اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ دل سڏڪي رهي هئي. مان پنهنجي گهر هلي آيس ۽ سڌو مٿي ڪوٺي تي چڙهي ويس. ٽانڪيءَ کان ٻيهي جبلن جي ڀنيان ويندڙ سج ۾ نهارڻ لڳس. سج جا سونهري ڪرڻا جهمن جي وڻن تي پئجي رهيا هئا. وڻن جو ٻاچو اوريان ڏڳ تي ٿي پيو. ويران ۽ دل کي ڏاريندڙ سانجهيءَ ۾ منهنجي دل تان بصران جون دانهون لهن ئي ڪونه پيون. مان هٿن ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀري روئڻ لڳس. ڏاڍي رُنم — روئي روئي جڏهن ساڻي ٿي پيس، تڏهن ڳوڙها اُکهي هيٺ لهي ويس ۽ کوهه تي هلي ويس. سوچڻ لڳس ته من اتي دل وندرجي وڃي. اتي وڃي پاٽيءَ واري حوض جي پٽ تي ويٺس ۽ پاڻي پريندڙ عورتن ۾ نهارڻ لڳس. انهن مان ڪي جوان ٻه هيون ته ڪي ٽيهن ٻٽيهن ورهين جون ٻه هيون. مرد ٻه هئا ته ٻار ٻه

سانجهي تي ويئي هئي مان گهر هلي آيس. رات منهنجي ڏکي گذري، ڏاڍي اڻ تڻ لڳي پئي هيم تہ صبح ٿئي تہ بصران کان وڃي پڇان. پر وري ياد آيم تہ سڀاڻي تہ اسڪول ڪليل آهي، سو صبح جو تہ بصران جن جي گهر ڪا نہ وڃي سگهنديس. وري بہ جي وڃڻ ٿيو تہ سانجهيءَ جو وڃي سگهنديس، ڇو تہ منجهند تائين جو امان اسان کي گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڪانہ ڏيندي هئي. اِنهيءَ خيال ايندي ئي منهنجي دل وسامي ويئي ۽ الائي رات جو ڪهڙي وقت سوچيندي سوچيندي ننڊ اچي ويئي.

جهونجهڪڙي جو اڪ ڪليم، ٿڌڙي اتر هير گهلي رهي هئي. هوا ۾ گلن، ساوڪ ۽ وڻڻ جي ٻور جو سڳنڌ پريل هو. چؤطرف ساوڪ ئي ساوڪ هجي ۽ وهنڊڙ واهن جي پاڻيءَ جي گڙ گڙ ۽ پيو وري پکين جي چُون چُون. سڄو ڳوٺ سنتل هو صبح جي ماٺ ۾ کوهہ تي بالٽين ۽ دلن جي ٽڪرائڻ جو آواز ۽ ڪنهن ڪنهن گهر منجهان جنڊ پيهڻ جو آواز هو، جنهن آواز ۾ عورتن جي نماڻائي، سورن پريا ، ڏڪا ۽ پيوسي هئي. گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ ائين ئي لڳو. مان ڊوڙي هيٺ هلي آيس، هٿ منهن ڌوئي. نم جو ڏندڻ ڏئي پوءِ وڃي مٽ مان ٿڌو پاڻي گلاس پري پيتم، امان مُصلي تي عبادت ڪري رهي هئي. منهنجي هٿ ۾ ڪتابن جو ٿيلهو هو. امان جي پرسان ڪجھ وقت بيٺي رهيس. امان جي منهن تي ٿڌڙيءَ هير جهڙو سڪون هو سندس اکين ۾ سمنڊ جهڙي گهرائي هئي. امان مون ڏانهن نهاريو سندس چپڙن تي مُرڪ اُڀري آئي — الا. امان جي مرڪ ڪيتري نہ پياري ۽ مقدس هئي — اِها مرڪ مان اڄ ڏينهن تائين وري ڪا نہ ڏسي سگهيس . امان مون کي ڀاڪر ۾ جهلي ويهاريو ۽ سون کيس ڳلن تي، پيشانيءَ تي، وارن تي، کوڙ چميو ۽ امان بہ پوءِ مان اسڪول هلي ويس.

سانجهيءَ جو مان بصران جي گهر ويس. بصران مال جي اڳيان دونهي پئي دکائي، سندس اکين ۾ دونهين جي ڪري ڳوڙها پرجي آيا هئا. جيڪي ڳلن تائين وهي آيا هئا.

(ماهوار ”**مظلوم**“ مٺگ، گنبٽ: جون، جولاءِ 1985ع ۾ ڇپيل)

# وکريل سوچون

اسان جي شادي ٿيل هئي ۽ اها به پيار وچان. اسان کي هڪڙو ٻار به هو. ٻار ڏاڍو سندر هو. اهو ٻار پيءُ کي به ڏاڍو پيارو هو ۽ مون کي به.

پر هيئن ٿيو جو ڪجهه سالن کان پوءِ منهنجي گهر واري کي هڪ ٻي عورت وٽي ويئي ۽ هن گهر ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏني ۽ ڏاڍو چيڙاڪ ۽ ڪروڌي ٿي پيو ۽ مان ڌيرج کان ڪم وٺي هن جو سڀڪجهه سهڻ لڳس. آخر هن جي جيون ۾ زلزلو آيو هو. جذبن جي اُٿل پٿل ٿي هئي. قيامت اچي ويئي هئي هن جي دل ۾.

مون کي ڇڏي نٿي سگهيو ۽ هن سان ته نئون نئون نينهن جو ناتو جوڙيو هئائين. پلا اها دل تان ڪيئن ٿي لهي سگهي. انڪري مون کي ئي زهر جو ڍڪ پرٽو پيو. چاهيو ته مون به ائين ئي هو ته هن کي ڇڏي وڃان پر دل نه مڃيو ته ڪو هن کي ائين هيڪل ڇڏي وڃان. منهنجي دل جي دنيا اجڙيل سهي، پر هو ته منهنجو پنهنجو. هن منهنجي ئي گهر ۾ منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو.

مان هار سينگار ڪرڻ به ڇڏي ڏنو هو. ڪيان به ڪنهن جي لاءِ ها. هن کي ته وٽيس ڪانه ٿي. ڪڏهن نظر پري ڏنو به ڪونه هئائين. هڪ ئي گهر ۾ رهندي به مون کي ڏسڻ ئي ڇڏي ڏنو هئائين. جڻ مان هن لاءِ پرائي ٿي وئي هجان. اوپري اوپري گذاريندي جُڳ گذريا هجن. هو مون کي وساري جو ويٺو هو. مان هاڻي سپنن ۾ جيئڻ ٿي چاهيان.

مون کي ورهيه ٿيا آهن ٻارڻ کي وساري، تو جو وساري ڇڏيو. پوءِ مان ٻارڻ کي ڪيئن ياد رکان ها. پوءِ به اج دل جي دنيا ٻهڪي پئي. ڪٿي ائين ته ڪونهي، تو مون کي ڏاڍو ياد ڪيو هجي. يا هلڪي ئي سهي من ۾ ڪا ياد اچي ويئي هجي. اج دنيا نئين نئين پئي لڳي. هيءَ ڌرتي، هيءَ آڪاش ۽ هيءَ پوري ڪائنات. هر شيءِ نکري پئي آهي، تنهنجي ياد ۾. تو ته منهنجي دل جي دنيا کي ويران ڪيو هو پوءِ هيءَ ڪهڙي خوشي آهي جو تن ۽ من تي ڇانئجندي ٿي وڃي، ڪهڙو نکار اچي ويو آهي اجڙيل اجڙيل حياتيءَ ۾.

ڪنهن جي دل ڏکوئڻ مون سکيو ئي ڪونهي، منهنجي هٿن جون اجڙيل ريکائون ڪنهن سنوارڻ ٿي چاهيون، پر منهنجي دل نہ مڃيو، تو ڪروڌيءَ سان جيئڻ ۾ بہ مزو آهي، تنهنجي بي رخي، تنهنجي ڪاوڙ بہ پياري ٿي لڳي.

تنهنجي سرير تنهنجي آتما جا پاڇولا مون مٿان بہ وکري ويا آهن. تنهنجي ذکن ۾ گهارڻ مون سکي ورتو آهي. انهيءَ جهڙي تهڙي جيون سان مون کي پيار ٿيڻ لڳو آهي. زندگيءَ جون ڪنهن کان سپ راهون ڦرجي وڃن تہ اهو انسان ڇا ڪندو. پنڪي ئي ويندو نہ؟ تون ئي چئہ تہ مان نيڪ ٿي چوان نہ...؟

مون کي جڏهن ڪنهن جو ٽيٽو ئي ڪونهي پوءِ پاڻ کي ڇو بچايان، تون منهنجو ئي آهين، اها مون کي پڪ آهي. تون مون کي وساري ڇڏيندين، اهو تنهنجي لاءِ ممڪن ڪونهي، مون وٽ شڪتي آهي. شڪتي، پيار جي شڪتي، وشواس جي شڪتي، سچائيءَ جي شڪتي، ان وشواس کان پلوَ آجا ڪرائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

تو کان سواءِ منهنجي دل جي دنيا اجڙي وئي آهي. تون مون کي وري پيار ڪرڻ لڳندين اهو تہ مان نٿي چوان پر تون مون کي وساري ويهندين، اهو تنهنجي لاءِ ممڪن ڪونهي.

اج منهنجي دل جي دنيا سدا جي لاءِ ٻهڪي پئي آهي. ورهين کان پوءِ تو مون کي نظر پيري ڏٺو جو هو پرپور پيار سان، سڪ سان تمتار ٿيل نگاهن سان جو ڏٺو هو.

تون ڏاڍو ڳالهائڻو ٿي پيو آهين. ايڏو ڳالهائڻ ڪنهن کان سکيو آهين. ان انداز ۾ بہ وڻين پيو. جيڪو ڳالهائين پيو اجايو سجايو ڳالهائيندو وڻين. سچ تہ اهو بہ ڏاڍو وٺي پيو دل پئي چوي تہ سڄي جڳ جي سامهون توکي پاسڪر پايان، پر ائين ڪري نہ سگهيس، تون پنهنجي لال ڪنوار سان گڏ جو هئين. پوءِ مان تنهنجي ويجهو ڪيئن ٿي اچي سگهيس. پوءِ بہ جڻ من ۾ سوين گل ٽڙي پيا. آسمان ڏينهن ڏٺي جو جڻ تارن سان پرجي ويو جڻ پنل نيڻن ۾ تارا ٽمڪي پيا هجن. جڻ ڪروڙين ديپ ٻري پيا هجن. هاڻي مان ذکن کي پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏيندس. تون ڪنهن ٻيءَ جو سهي پر دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ مان بہ رهڻ لڳي آهيان. ٻهريان مون کي پنهنجي پيار تي رڳو وشواس هوءِ هاڻي تنهنجي پيار ۾ مان بہ جيئڻ لڳي آهيان. تو مون کي وساريو ناهي. اهو تو ان ڏينهن مون کي يقين ڏياريو هو. پريت پريل نيڻن

ٿو سگهجي. پاڻ ۾ سمائي سگهجي ٿو پر پيار جي بندڻن سان جڪڙي نٿو سگهجي. آسن ۽ اميدن کي اکڙين ۾ سموئي سگهجي ٿو پر ڪنهن جي ياد کي جڪڙي نٿو سگهجي. ڪنهن جي يادن سان دل جي دنيا آباد ڪري سگهجي ٿي پر ڪنهن جي سرير کي آتما کي پاڻ وٽ قيد نٿو ڪري سگهجي.

پر نہ تنهنجو سرير پلي ڪٿي بہ هجي، ڪنهن جو بہ هجي. پر آتما تي ڪنهن بيءَ جو وس نٿو هلي سگهي، تنهنجي آتما مون وٽ قيد آهي. تنهنجي آتما منهنجي يادن سان جڪڙيل آهي. تنهنجي من ۾ امنگن جي هيرا ڦيري آهي. جنهن کي تون پيار سمجهي ويٺو آهين.ٿورو دل کي سمجهي ڏس. تو کي مون تي ويساهہ اچڻ لڳندو تہ ڪنهن پاڻ کي مٽائي تو سان پيار ڪيو آهي. پاڻ کي برباد ڪري تنهنجين يادن سان دل کي آباد ڪيو آهي. تون مڃين يا نہ مڃين. مون تو سان پيار ڪيو آهي. تو تان پاڻ گهوريو آهي. تون وساري ويٺو آهين. سڀڪجهہ پر مون ڪان تہ ڪجهہ بہ ناهي وسريو. اڄ بہ ائين ٿو لڳي ڄڻ هينئر هينئر جدا ٿيا آهيون. سيئي پراڻا گيت ماڻهن جي لاءِ تفريح هوندا آهن. پر منهنجي لاءِ عبادت آهن. مان اهي گيت ننڍپڻ کان ٻڌندي ٿي اچان ۽ روز صبح جو سوير جهونجهڪڙي مهل اٿي گيت ٻڌندي آهيان.

پيار ڪرڻ منهنجو ايمان آهي.پريت ڪرڻ منهنجو ڌرم آهي. ڪنهن کي مان ڪيئن پلايان. تون ايڏو ياد جو اچين ٿو. تو کي نہ ساريان تہ مان جيئندس ڪيئن!؟

سڀڪجهہ تڙي پکڙي ويو آهي. هڪٻئي جي ويجهو نٿا اچي سگهون پر تو کي مان ساري تہ سگهان ٿي نہ.

گهڻا سال اڳ مان انسانن سان ڪيڏو نہ ويجهو هيس. ڪيڏي نہ انسانيت هئي. سڀڪجهہ تڙي پکڙي ويو. مان ڪيتري نہ سباجهي ۽ مهربان هوندي هيس پر پوءِ سڀڪجهہ ختم ٿي ويو.اهو انسانن سان پيار. اهو انسانيت ۾ ايمان.سڀڪجهہ ڄڻ مون تي ڪنهن اداس موسم جهڙي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي.

سر نهن جا لُڏندڙ پيلا پيلا گل ياد ايندا آهن. ساين ٻنين ۾ ٻيٽل نيرا نيرا ننڍڙا ڪومل ڪومل گل ياد ايندا آهن. مون ۾ جڏهن تون اچي وسندو آهين. تڏهن بہ

اهڙي سرهاڻ پيري چپن تي مرڪ مڙي ايندي آهي. اهڙي ئي اُداس ڪيفيت روپ ربڪائن تي وکري وبندي آهي. اهڙي ئي اُداسي آتما تي وکري وبندي آهي.

منهنجي پنهنجي هڪ دنيا آهي، جيڪا روح ۽ دل ۾ آباد ٿيل آهي. اها سوچن ۾ وکريل آهي. اها دل جي دنيا ايڏي سوڀهن پري آهي. اها دنيا گيتن ۾ پوبل آهي. گلن جي سرهاڻ ۾ وکريل آهي. ٻارن جي مني مني مرڪ ۾ سمايل آهي. آڪاش ۽ ڌرتيءَ تي وکريل آهي، سمنڊ جي گهراين ۾ سمايل آهي .سرمئي ڪڪرن ۾ سمايل آهي. جهڙ جي ڇانوَ ۾ سمايل آهي. رم جهم برساتي راتين ۾ سموبل آهي. گلن جي ڪوملتا ۾ سمايل آهي. منهنجي دل جي دنيا سمنڊ جي لهرن جي سنگيت ۾ سمايل آهي. منهنجي دل جي دنيا دريائن جي ماٺ ۾، جهرڻن جي تيزي ۽ چنچلتا ۾ وکريل آهي، پهاڙن جي بلندين ۾ وسايل آهي. هِڏاءِ منهنجي دل جي دنيا ڪٿي ڪٿي ناهي آباد! تون مون کي ناس نٿو ڪري سگهين. اهو تنهنجي وس ۾ ناهي.

ڪن ڪن انسانن ۾ سانجهيءَ جهڙي اُداسائي ۽ جهرجهري هوندي آهي ۽ جهونجهڪڙي جهڙي مانائي هوندي آهي. مان پنهنجي لاءِ چا چوان، منهنجي آتما به ڪجهه اهڙي آهي.

تون ڪيڏو نه بدنصيب آهين جو مون کي تون نه پنهنجو ڪري سگهين؟ مان تنهنجي ڪيڏي نه سيوا ڪريان ها، اهو ته تو کي اندازو ئي ڪونهي. مان تو کي ڪيڏو نه نينهن جي ناڪيلي ۾ جڪڙيان ها، اهو به تو کي اندازو ڪونهي، مان تو کي ڪيڏو نه پيار ڪريان ها، اهو تو کي سڄڻ گهر ۾ ئي سرڳ ملي وڃي ها. تون منهنجي پيار جي ٻنڌڻن ۾ جڪڙجي ته ڏسين ها.

ڌرتيءَ جي نه اڄ ٻجهي ۽ نه پياس مٽي، ڌرتي ماتا جا ٻارڙا جو اجايل بکايل هئا، پوءِ هوءَ ڪيئن نه ويڳاٽي ويڳاٽي نظر اچي.

اڄ هڪ گيت ٻڌڻ تي دل پٽي چوي ۽ اهو مون بار بار ٻڌو. ان گيت ڌرتي آڪاش، وڻن ٽڻن ۽ پکيئڙن کي به مست ڪيو به ڪانوَ ڇهنب ۾ گرهه کٽي ڌرتيءَ تي اچي وينا ۽ ٻاٽيءَ ۾ گرهه ٻوڙي ڪائڻ لڳا. اهو گيت منهنجي امڙ کي به ڏاڍو وڻندو ه.و. اهو گيت هيئن هو :

*نيا تبری منجه دهار هوشیار هوشیار*

اڄ ڪڪرن وانگر اڪيون پرجنديون ٿي وڃون. دل بار بار رنو پئي. اڄ جيءَ کي جهنجهوڙيندڙ هڪ گيت صبح جو ساجهر ريڊيو سيلان تان هلي پئي:

جہاں کوئی نہ ہو وہاں چلیں گے ہم
بلم دنیا والے برے ہیں تیری قسم
جہاں کوئی نہ ہو۔
تمہیں پریت کی ریت سے کیا لینا ہے
انہیں پیار بھری دلوں کو ٹوٹنا ہے
تیرے ساتھ ہے میرا دل بلم تیری قسم
مجھے کیا جو باغ مین پھول کلیں
کلیاں چٹکیں
کلیوں کو دیکھ کے روئے کویل
میرے دم کی ساتھ ہے میرا دم
بلم دنیا والے برے ہیں تیری قسم
جہاں کوئی نہ ہو وہاں چلیں گے ہم
دنیا والے برے ہیں تیری قسم

ديوداس وانگر پاڻ مٽائيندڙ عورتون اڄ به موجود آهن. انهن عورتن مان، مان به هڪ آهيان. جو مان پنهنجي جيءَ کي جهوري ڇڏيو پنهنجي حياتيءَ کي ته ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيو.

اڄ منهنجي دل ڏاڍو رنو پئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ اڄ سدا جي لاءِ وڇڙي وڃا هجون. جدا ٿئي ته ويهه ورهيه گذري چُڪا آهن. مون سان گڏ رات رني. وڻ ٽڻ رنا. پکي پکڻ رنا ڄڻ ساري ڪائنات رني هئي. گيت رنا، گلشن، سنگيت رنو ڄڻ سڄو چنڊ رنو پئي. وياڪل من کي ڪٿي به چين نه پئي آيو.

قدرت، نيچر سيني کي پنهنجي طريقي سان حياتي گذارڻ جو حق ڏنو هو پوءِ الائجي ڇو منهنجي زندگيءَ کي انهيءَ حق کان وانجهيل رکيو هو.

مون هڪڙو قول پڙهيو هو جيڪو هيئن هو ته :

”تارا هميشه اونداهيءَ ۾ چمڪندا آهن“.

مان ڪالهه کان هڪڙو گيت بار بار پئي ٻڌان، پر من آهي جو ورچجي ئي نٿو. شايد ڪوئي بيحد پيارو مٺو اچڻ وارو آهي، تنهنڪري ئي شايد منهنجي اڱڻ ۾ ڪانوَ اچي ڪان ڪان ڪئي آهي. ان ڪري ور ور ڪيو اهو گيت چپن تي اچي ٿو وڃي!

موری اٹریا پی کاگا بولے
مورا جیا ڈولے کوئی آرہا ہے
مورے من میں اٹھی ہے امنگ رے
ہو مورا پھڑکے ہے بانیاں انگ رے
مورے من کی مرلیا پہ ہولے ہولے
سر گھولی گھولی کوئی گا رہا ہے
مورے اٹریا پی کاگا بولی
مورا جیا ڈولے کوئی آرہا ہے
آج بگیا میں آئی بہار ہے
ہو مورے جیون میں سولہ سنگھار رے
مورے کانوں میں گن گن بولی بولی
رس گھولی گھولی کوئی گا رہا ہے
مورے اٹریا پے کاگا بولی
مورا جیا ڈولے کوئی آرہا ہے
مورے ماتھے پہ کم کم کے بندیا
آج لوٹی نذیل بھر میں ندیا
ٹھنڈی ٹھنڈی ہواؤں کے جھولے
گھونگٹ پٹ کولے
جیا لہرا رہا ہے

موریااٹریاپےکاگابولی
موراجیاڈولےکوئی آرہاہے

جيون جي راهن تي اڪيلي هلندي هلندي مان ٿلوان ٿي پئي آهيان. ڏک منهنجي ساهن ۾ رچجي ويا آهن. ڏک سڀ سيمائون اڪري دل ۾ پهچي ويا آهن. ڪندن سان سچو رستو پريل آهي، پيرن سان گڏوگڏ دل به رتوچاڻ ٿيندي ٿي وڃي.
(ڪاوش ڪتابي سلسلو **ڪماٽي**. ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن حيدرآباد مئي 2000ع ۾ ڇپيل)

# جاڳرتا.....!

آسمان ۾ ڪڪر مڙي آيا هئا. اهي، سُرمئي ۽ سُرخي مائل هئا. هميشه جيان ڪارا ۽ ڪڪوريل نہ هئا. ڄڻ ڪنهن هاريءَ پيار سان ڌرتيءَ تي هر ڪيڙيو هو آسمان ۾ ڪڪر ڪجھ گڏ ۽ ڪجھ ڇڙوڇڙ ٿيل هئا. ائين جيئن ڌرتيءَ ڪي ڪيڙي مٽيءَ کي الڳ الڳ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڌرتي رسي پوندي آهي تہ منهنجي سيني ۾ چيري ھي ڪهڙو من ۾ ڪروڌ پيريو اٿوَ پر ڌرتيءَ کي ڪهڙي خبر تہ انهيءَ اتياچار جي پويان ڪهڙا سُندر سَپنا دفن ٿيل آهن. بکايل ماڻهن جا سپنا. ماني ڳيي لاءِ سڪايل ماڻهن جا سپنا. انگ اگهاڙن، پيٽ بکايل ماڻهن جا سپنا. ڌرتي ماءُ تہ دانهن ڪندي آهي تہ هي ظلم ڇو پر هن کي اها سڌ نہ هوندي آهي تہ ڪيس ساوڪ جو نئون نڪور ويس پارايو ويندو ۽ ان لاءِ ڪيس ننگو بہ ٿيڻو پوندو آهي ڇو تہ ڪروڙين انسانن جو انگ ڍڪيو ويندو آهي. ڌرتيءَ ماءُ کي سور سهڻا پوندا آهن، تہ سندس ٻچا تهڪڙا ڏين. پر پوءِ ٿورڙا ماڻهو انهن ڪروڙين انسانن کان اِهو مانيءَ ڳيو کسي وٺندا آهن ۽ اُهي بکايل ٻار هٿن ۾ سڪل ٽڪر ۽ ڳلن تي ڳوڙها ڪٽي ننگا تتل ڌرتيءَ تي پيرين اگهاڙا پٽڪندا وتندا آهن. ويران ويران اکيون کٽي ڳيي کي ڳوليندا آهن، جيئن ڪي چانديءَ جو سڪو ٻڌجي وڏيرن جي تجوڙيءَ ۾ بند ٿي ويندا آهن.

(**ناري** پبليڪيشن حيدرآباد: مئي 1988ع ۾ ڇپيل)

# مَنو آهين مَچ

مينا کي بئنڪ ۾ ڪم ڪندي لڳ ڀڳ هفتو کن ٿيو هو. هوءَ بئنڪ ۾ ٽائيپسٽ هئي. هن جو پيءُ جيلر هو. هو ويجهڙائيءَ ۾ رٽائر ٿيو هو ۽ هاڻي مينا ئي اڪيلي سر گهر جو بار کنيو هو. زندگي هُيَن انڪري پورهئي لاءِ مجبور هئا.

ڏهہ کن ٽيا هئا مينا ويٺي ٽائيپ ڪئي. ان ساڳئي ئي ڪمري ۾ ٻيا ٻہ ٽائيپسٽ ويٺل هئا.

"ادي، اوهان کي صاحب سڏي ٿو".

پٽيوالي جي آواز تي مينا مٿي نهاريو.

"اچان ٿي،" چئي مينا اٿي کڙي ٿي.

صاحب فون تي ڪنهن سان ڳالهايو پئي. مينا کي هٿ جي اشاري سان ويهڻ لاءِ چيائين. هوءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهي. ڪجهہ پلن کان پوءِ صاحب فون بند ڪندي مينا کي چيو:

"ڪم ڪيئن پيو هلي؟ ــ ڪا تڪليف تہ ڪانهي نہ؟"

"نہ سائين تڪليف ڪهڙي ـــ ڪم ڪرڻو آهي سو ڪيان پئي".

"مون ٻانيو تہ بئنڪ جو ڪم ڪجهہ سخت آهي.اوهان نيون هتي آيل آهيو. اوهان کي ڪنهن بہ قسم جو اهنج هجي تہ بنا ڪنهن هٻڪ جي مون کي ضرور ٻڌائجو".

"نہ سائين اوهان جا لک لائق. ڪم ڏکيو يا سکيو ڪرڻو تہ آهي".

"ڪڏهن بہ ڪم ڪار هجي تہ مان حاضر آهيان. مون سان حجاب نہ ڪجو. بئنڪن ۾ سنڌي ڇوڪريون نہ هجڻ جي برابر آهن. پر منهنجي آفيس ۾ تہ هڪ تون ئي آهين".

هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ هلي آئي. مينا سوچڻ لڳي تہ صاحب ڪيترو نہ سٻاجهو ۽ گنڀير سڀاءَ جو آهي.

ٻئنڪن ۾ گهڻو ڪري ڏهين ٻجي ڪان پوءِ رش ٿيندي آهي. ان ڏينهن صبح جو سوير صاحب سڏايو هوس. هوءَ سمجهي نہ سگهي هئي، تہ ايڏو سوير صاحب جو ڪهڙو ڪم آهي.

”مينا — معاف ڪجو مون اوهان کي تڪليف ڏني. اصل ۾ هفتي کان ڪجھ اوهان کي چوڻ پئي چاهيم پر همت ڪا نہ ٿيندي هئي.پر لڳيم ٿو تہ ٻن ٽن ڏينهن جي ماٺ منهنجي جيءَ کي جهوري وجهندي . . . “

هڪ ساعت لاءِ صاحب خاموش ٿي ويو ۽ مينا جي چهري تي آيل تاثرات ڏسڻ لڳو.

”معاف ڪجو مان اوهان جي ڳالهہ سمجهي ڪانہ ـ ؟“ مينا سمجهندي بہ ڏاڍي تکي لهجي ۾ چيو.

مينا جي دل ۾ هڪ لحظي ۾ ئي صاحب لاءِ عقيدت جو جڙيل محل اچي پٽ پيو.

”مون ڪنهن ڏاريءَ ٻوليءَ ۾ تہ ڪو نہ پئي ڳالهايو جو اوهان سمجهي نہ سگهو. اصل ۾ مان توهان کي پنهنجو ٿو سمجهان. انڪري اوهان جي مدد ڪرڻ ٿو گهران“.

”جي؟ “

’ملي اٿر اها ٻن اڍائي سون واري نوڪري! روزگار جي اها ضمانت بہ ڪسجي ويئي تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟‘

هوءَ وسوسا پاڻ سان کڻي وڃي صاحب وٽ پهتي.

”مون بہ چار ڏينهن اڳ اوهان کي عرض ڪيو هو اوهان ان لاءِ ڇا سوچيو؟ “

”جي — مون کي تہ ڪجھ ياد ڪونهي. اوهان ڪهڙي ڪم لاءِ چيو هو.“ مينا جي نڙيءَ مان لفظ ڦِچندا ڦِرندا پئي نڪتا.

”اوهان کي مان ياد ئي نہ آهيان تہ پوءِ منهنجي چيل ڳالهہ ڪيئن ياد پوندي؟ “

”معاف ڪجو سائين هن اڄوڪي ڪاڏل سماج توهان کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائڻ جو حق تہ ضرور ڏنو آهي پر ذاتي ڳالهين ڪرڻ يا رهاڻ ڪرڻ جو ڪو بہ حق اوهان کي نٿو پهچي“.

ميناجي اکين ۾ رت پرجي آيو. دل ۾ آيس ته پيپر ويٽ کڻي صاحب جي مٿي ۾ وهائي ڪڍي، پر هوءَ ائين نه ڪري سگهي، دل جو سور دل ۾ پي ويئي. هوءَ جڏهن آفيس مان وڃڻ لڳي ته صاحب جو ڳرو آواز ڪن تي پيس:

”ايڏو جذباتي ٿيڻ چڱو نه ڪونهي “.

”معاف ڪجو- مان ڪا انڌي نه ڪانه آهيان جو توهان جي مدد جي ضرورت پوي. منهنجي خيال ۾ نه اوهان جي همدرديءَ جا مستحق نه فٽ پاٿ تي ويٺل ڪمزور ۽ نبل اپاهج آهن. صدين کان پيا واجهائين ته الله جو ڪو نيڪ بندو سندن جهولي ڀري“. ائين چئي هوءَ صاحب جي ڪمري مان نڪري آئي.

’هون! ڪُتي جو پٽ سمجهي ڇا ٿو پاڻ کي؟ هليو آهي منهنجي مدد ڪرڻ. جڻ مان ڪيس روئي دانهن ڏني هئي ته اسين بک ٿا مرون سو الله ڪارڻ منهنجي مدد ٿو ڪري. آخر مون جهڙا پيا به نه ٿائيپسٽ آهن. انهن کي به ته گهر گهاٽ هلائڻو هوندو پوءِ انهن کي ڇڏي مون تي رحم آيو اٿس.

’رحم... همدردي... هون ڪيڏا نه دل کي ڪمزور ڪندڙ لفظ آهن. آفيم جيان نشو ڏيندڙ فرضن کان غافل ڪندڙ آهن. هن سماج کان حق ڦري ونڻ گهرجن. سک ۽ حق الله مٿان جهول ۾ ڪو نه اڇليندو. پر اهو سماجي شعور آهي، جيڪو فردن کي اجتماعي سوچ ڏئي ٿو ۽ ڏونگر ڏاري رستي ۾ ايندڙ پٿر کي پڃي پور ڪري هڪ نئين سماج جي اڏاوت ڪجي جتي ڪو به رحم جوڳو نه هجي ۽ ڪو به ڪنهن تي رحم نه کائي‘.

مينا جون سوچون نانگ جي زهر جيان سڄي جسم ۾ پکڙجڻ لڳيون. ڪيترن ڏينهن پڄاڻان صاحب کيس پاڻ وٽ وري سڏايو. مينا ڀانيو ته صاحب کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو هوندو. خدا ڀيو خير ڪري مس مس ته ايڏي جاکوڙ کان پوءِ نوڪري ملي آهي‘.

”اوهان سمجهو آهيو اها نه جاڻ هوندوَ نه هتي نوڪريون ڪيئن ملنديون آهن؟ هڪڙي سفارش...... پيو رشوت..... ۽ ٽيون... “ ٽيون لفظ ڪيندي صاحب جي چپن تي مڪروه مرڪ تري آئي ۽ ”ٽيون... عورت پنهنجي سفارش پاڻ آهي. ان کي ڪنهن سفارش جي ضرورت ڪانهي. آئي ڳالهه سمجهه ۾. ـ؟ “

(پندرنهن روزه **عبرت** مئگزين: 15 جنوري 1984ع ۾ ڇپيل)

گلي ۾ مالا ۽ ٻانهن ۾ چوڙيون، اپريل چاتيون، اسان ٻنهي هڪ ٻئي ۾ نهاريو ۽ هن پنهنجا نيڻ جهڪائي ڇڏيا.

"تون ڪير آهين ـ؟"

"گنگا"—

'اوهه ڪيڏو نه پيارو نالو اٿس'، مون دل ۾ سوچيو "قبائلي عورت آهين؟"

"ها."

"تون ايترو هراسيل هراسيل ۽ ڊنل ڇو آهين؟"

"بابو جي، مون کي ڊپ ٿو لڳي".

"پوءِ هل ته اندر هلون. ڏس اسين پڄي ويا آهيون".

"نه بابو جي مون کي تو کان به ٿو ڊپ لڳي".

"هيڏي گهري اونده ۽ مينهن ۾ ٻاهر ڪيئن ويندين؟ ۽ جيڪو خطرو تو کي مون کان ٿو لڳي سو ته ٻاهر پاڻ وڏيڪ آهي. هل ته ڪمري ۾ هلون. ٿورو مينهن جهڪو ٿئي ته پوءِ ڀلي هلي وڃجانءِ. هوءَ منهنجي پويان پويان هلڻ لڳي. هوءَ مون کي ڏاڍي وڻي وئي هئي. هوءَ هئي ته ڀينو عورت پر پوءِ به ڏاڍي پروقار ۽ مشرقي سونهن سان ڀرپور موهن جي دڙي جي ڪائي مورتي پئي لڳي. مشرقي عورت جي سونهن کي هڪ پنهنجو بيحد پرڪشش انداز هوندو آهي.

مان ڊرائنگ روم ۾ اچي ويٺس. بتي ٻاريم. هوءَ منهنجي پير ۾ پٽ تي ٿي ويٺي.

"مٿي صوفي تي ٿي ويهه نه پٽ تي ڇو ويٺي آهين".

"بابو جي مان نيڪ ويٺي آهيان. اسين غريب ماڻهو ڪوسي ٿڌي جا هيراڪ هوندا آهيون، ۽ منهنجا ڪپڙا پنل آهن نه اوهان جو صوفو خراب ٿي ويندو".

"ڪپڙا ته منهنجا به پنل آهن. هتي منهنجي پير ۾ ٿي ويهه".

"نه بابو جي رڳو مينهن بند ٿئي، ته مان هلي ونديس، منهنجا مائٽ پويان ڳوليندا هوندا".

"چانهه پيئنديءَ؟"

"اون— هون" پوءِ ڪمري کي ڏسندي چيائين:

"بابوجي اوهان هيڏي وڏي گهر ۾ اڪيلا ٿا رهو توهان کي ڊپ نٿو لڳي؟"

”مون کي اڙي ڇري مون کي پلا ڇا جو ڏپ؟“

مينهن جڏهن بند ٿيو تڏهن هوءَ وڃڻ لڳي، مينهن پورڻ ڪري هوا ڏاڍي ٿڌي ۽ ڳري ٿي پيئي هئي. ڪڪرن منجهان چنڊ ٻاهر نڪري هر شيءِ مٿان ڪرڻن جي ورڪا ٿي ڪئي. وڻ ٽڻ مينهن ۾ ڌوپجي پيا هئا.

”گنگا مان به اڪيلو آهيان ۽ تون به اڄ رات هتي ٽڪي پئه ني“.

”نه بابوجي مان هت ڪيئن ٽڪان- مان ته اڪيلي ناهيان، منهنجا مائٽ ته آهن“.

گنگا هلي ويئي، مان کيس اڪيلو ويندو نهاريندو رهيس. لڳم هوءَ جهڙن ڪان منهنجي پنهنجي هئي، هي ڪهڙو بي نانءُ رشتو آهي، جيڪو ڌارين کي به پلن ۾ پنهنجو ڪري ڇڏي

’چندرما منهنجي گنگا اڪيلي اٿئي، تون هن کي ڪڏهن به اونداهين ۾ گم ٿيڻ نه ڏجانءِ‘.

مان ٿڏو ساهه پري پنتي موٽڻ لڳس ۽ اچي ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽي تصويرون ڏسڻ لڳس پر ۾ ٽيپ پيل هئي، اها هلائي ڇڏيم.

اک پیار کا نغمہ ہے موجوں کی روانی ہے
زندگی اور کچھ بھی نہیں
تیری میری کہانی ہے---

اهو گيت مون کي ڏاڍو وڻندو هو ۽ مان اڪثر ان کي هلائي ٻڌندو به هوس.

هڪڙي سانجهيءَ جو مان ساڳيءَ جاءِ تي وينو هوس — وسڪي ۽ تصويرن جو ساٿ ۽ پاڻ پير ۾ وبهي زور ڏيڻ لڳي.

نشي ۾ هر شيءِ ڏنڌلي ڏنڌلي پئي لڳيم ۽ هر شيءِ مٿي لاشعور ۾ نردئي گنگا جي ياد ڇانيل. ڏنڌلي نهار سان گنگا ۾ نهاريم ۽ پوءِ ياد نه رهيم ته ڇا ٿيو....؟

صبح جو پنجين بجي اک کلي ته گنگا جي ٻانهن پنهنجي مٿان ڏگهيريل ڏٺم. هوءَ گهري ننڊ ۾ ستل هئي، ستل ڇا بس اڌ مون مٿان ليٽيل هئي، شايد زور ڏيندي ڏيندي کيس پوئين پهر ننڊ وٺي هئي، مون هن کي جاڳائڻ مناسب نه سمجهيو. آهستگيءَ سان هن جي ڀيريان ٻانهن هٽايم ۽ پوءِ غسلخاني ۾ هليو ويس. ٽوال ويڙهي جڏهن ڪمري ۾ موٽي آيس ته قدمن جي ڪڙڪي تي گنگا جي اک کلي

پيئي. خماريل خماريل نيڻن سان نهارينديءَ هوءَ اٿي ويئي. ڪپڙا پائي جڏهن مان وري اچي پلنگ تي ويٺس ته هوءَ به تيسين منهن ڌوئي آئي. منهنجي پيرن ۾ ويهندي چوڻ لڳي:

”بابو جي رات تو ايترو پيتو هو جو بي سڌ هئين. مان سڄي رات جاڳي تو منجهه نهاريو پئي ۽.... ۽.... “

”ڇڻ گنگا ـ هيڪين چوتي؟ “

”ڪجهه نه بابو...“

۽ ان ڏينهن الائي ڇو گنگا ايڏي ياد اچي رهي هئي. مون هن جي ياد کي متاثر لاءِ ڏاڍو پيتو.

ـ ڪاڏي گم ٿي وئي هئي گنگا هوءَ ته جيسي عورت هئي. هن ۾ منهنجو سنجوڳ ڏاڍو ڏکيو هو پر پوءِ به ڏاڍي ياد ٿي آئي ڪو به سڱ هن سان منهنجو نه هو پر پانيم پئي هن سان منهنجا سو سڱ لڳندا هئا. ڪوئي پل ڪن ۾ پنهنجو ڪري ويو هوم.

”ـ بابو جي — تون ايترو شراب ڇو ٿو پيئين؟ “

”ڪير ـ؟ گنگا — گنگا تون ته مون کي ڇڏي هلي وئينءَ پوءِ مان ڇا به ڪريان تون ڪير ٿيندي آهين روڪڻ واري. نردئي وئينءَ ته وري سار به نه لڌءِ ته مئس يا بچيس....؟ “

”بابوجي مان ته هت الائي ڪيتري دير کان بيٺل آهيان. تو کي ڌسڻ ۾ ڪا نه ٿي اچان ـ ڳچ وقت کان انهن ساڳين تصويرن منجهه پئي نهاريان توکي ڏسڻ ۾ ڪا نه آيس....؟ ان ۾ منهنجو ڪهڙو دوش؟ نه بابوجي مان تو کي وڏيڪ پيئڻ نه ڏينديس.“ هن مون کي سهارو ڏنو ۽ ڪمري ۾ وٺي آئي .منهنجو بوٽ لاٿائين. مون کي سنئون ڪري سمهاري زور ڏيندي رهي. ”ائين پئي چوڻ چاهيئه نه ـ؟ ڇو ڪيئه ايڏو احسان ـ؟؟ ڇو ڪندي آهين ايڏو پيار. توهان عورتون ڪيئن آهيو؟ “

”ڪيئن آهيون بابوجي ـ؟ “

”ڪن کي پل ڪن ۾ پنهنجو ڪيو ۽ ڪي اوهان جي پويان سال ڊوڙن ته اک کڻي نهاريو به نه.“

”بس بابو پيار ان کي ته چئبو آهي نه.“

”گنگا هڪ ڳالهه پڇانءِ ؟ “

”پڇ.“

”تون جوان به آهين سهڻي آهين، توکي ڪڏهن مرد سان ملڻ لاءِ من چاهيو آهي؟“

”هٽ بابوجي اهڙا سوال به پڇڻ جا هوندا آهن.... “

هن هيٺئين چپ کي ڏندن ۾ آٽيندي اکيون جهڪائي چڏيون ۽ وارن کي آڱرين تي ويڙهڻ لڳي.

مون سمجهندي به وري هن کان سوال ڪيو.

”ٻڌاءِ نه گنگا؟ تو منهنجي سوال جو جواب ڪو نه ڏنو؟ “

”نه بابوجي اڌ تي اڌ مرد مون کي به بدمعاش لڳندا آهن جوان عورتن کي واٽ ويندي اڪيلو ڏسي پاڻ کي اگهاڙو ڪندا آهن ۽ مچن کي مروٽو ڏيندا آهن “.

مون هن کي ٻانهن کان پڪڙي پنهنجي پير ۾ ويهاريندي چيو ”۽ مان.“

”تون ته منهنجو پنهنجو آهين، تنهنجي ته ڳالهه ئي ٻي آهي “.

”توهين عورتون ڪيئن آهيو ڪن کي گهڙيءَ ۾ پنهنجو ڪيو ۽ ڪن کي سالن جا سال اک کڻي به نه نهاريو؟ “

”بس بابو پيار ان کي ئي ته چئبو آهي نه “.

هوءَ وري شرمائجي ويئي ۽ سندس ڳل سرخ ٿي ويا. ائين جيئن شفق تي لالاڻ پکڙيل آهي. مون هن کي ڀاڪر ۾ جڪڙيندي پلنگ تي ليٽايو ۽ سندس مٿان تنگ ورائيندي چيم.

”۽ پوءِ به مون کان پري ٿي رهين “.

”بابو جي اوهان سڀ مرد ايڏو ڪچو ڇو ڳالهائيندا آهيو اوهان کي شرم ڪو نه ايندو آهي؟ “

”اڙي چري مان ڪا عورت آهيان جو شرم اچيم. اسان کي به جي شرم اچي ته پوءِ ڪم ڪيئن هلي“.

”مان تنهنجو پيار آهيان نه“ مان هن جي پريل پريل چپن کي پنهنجن چپن ۾ جڪڙيندي چيو. هوءَ پاڻ ڇڏائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ لڳي، مان تيئن سندس مٿان ڇانئجي ويس.

سندس ٻانهن کي پنهنجن مضبوط ٻانهن ۾ جڪڙيندي سندس انگ انگ کي پيار ڪيم.

”بابوجي توهي ڇا ڪري ڇڏيو؟“

”ڪجهه به نه، تون منهنجي ٿي ته آهين نه گنگا پوءِ ايترو ڏچين ڇو ٿي؟“

ان وقت مون سمجهيو ته هن انهن لفظن جو امرت ماڻيو آهي پر نه هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي مون کيس وڌيڪ پيار ڪندي چيو:

”اڙي چري تون روئين ڇو ٿي. ڇا اهو سڀ توکي سٺو نه لڳو.

”اها ڳالهه ناهي بابوجي ـ هڪ ڳالهه جو ڏپ اٿم“.

”ڪهڙو ڏپ؟“

”عورت ۾ مرد جي ملڻ کان پوءِ عورت جو پيار وڌيڪ گهرو ٿي ويندو آهي — ها نه بابو وڌي ويندو آهي نه؟“

”جنهن کي تون وڌائڻ نٿي چاهين“.

”ائين ڪونهي بابوجي پنهنجي پيار لاءِ مان ڪهڙي هام هڻان. پر تنهنجو پيار گهٽائڻ نٿي چاهيان“.

”اڙي نه چري مرد جو پيار به تهائين وڌندو آهي، گهٽجندو ڪونهي“.

”پيو به ڏپ اٿم“.

”ڪهڙو؟“

”آهي ڪوئي ڏپ روئان تڏهن ٿي“.

”ٻار ٿي ويندئي...؟“

هن وري هڪ دفعو اکيون جهڪائي ڇڏيون.

”مان جو وينو آهيان پوءِ ڏپ ڇا جو ـ؟“

”ائين ڪيئن بابو مان پينو عورت سهي پر پوءِ به عزت ته غريب کي به هوندي آهي. بابو تون نٿو ڄاڻين ڪيڏو محشر اٿندو.“

”نه منهي — مان توکي هر ڪوسي ٿڌيءَ کان بچائيندس“.

مان هن کي ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيو. منهنجي گنگا — جيڪا مون کي هڪ ئي وقت پنهنجي ۽ پرائي لڳندي هئي. ٻيڙ جي وڻ جيان گل به منجهس بيشمار ۽ ڪنڊا به ڪوئي ٿڪل ٽٽل مسافر منجهس ٿڪ ڀڃڻ چاهي ته اُس جي ٽڙڪن ۾

پورو پگهر به نه سگهيس، نه مينهن کان بچاءُ ۽ نه وري لکن کان — نردئي گنگا به ٻپهر جي وڻ مثل هئي. پيلا پيلا گل سندس عادتن سمان پل ۾ وکري ويندڙ. گهرين اکين سمند جهڙين گهرين اکين ۾ مون کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي قوت. روح ۾ پيهي ويندڙ گنگا مون کي ڌرتيءَ مثل لڳندي هئي. ان جيان زرخيز. بي درد انسانن هر سال هرن سان ان جو سينو اکيڙي ڇڏيندا هئا پوءِ به هوءَ سونهري سنگن جيان اپري ايندي هئي.

مان هن کي لڳاتار پيار ڪندو رهيس، وقت جو احساس ئي نه رهيو. جڏهن مان هن سان ٿيون پيرو ستس، تڏهن مان غش کائي سندس پير ۾ ليٽي پيس. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جڏهن سرت ۾ آيس ته هوءَ پٽ کي ٽيڪ ڏئي ويٺي هئي. هوءَ ان وقت ڪيترو حسين پئي لڳي. منهن تي وار وکريل ۽ نيڻن ۾ ڳوڙها. سندس اُداس ۽ وياڪل چهرو ڏسي مان اٿيس. سندس وارن کي مُک تي وکيريندي ڪيس پير ۾ ليٽايم ۽ ڳل تي هڪڙي چماٽ وهائي ڪڍي مانس! ”تون عورت آهين يا؟ “

هن جي اکين منجهان ڳوڙها ٿميا ۽ ڳلن تي وهي هليا.

”تون ته مون کي ڌرتي سڏيندو هئين نه_؟ ڌرتي ته ماءُ مثل هوندي آهي ۽ سرت تو وڃائي آهي، گاريون مون کي ٿو ڏين“.

گنگا_ نردئي گنگا هڪ دفعو وري مون کي لفظن جا چهڪ ڏيندي وئي. ٿي سگهي ٿو هن منهنجي پيار کي دل سان هڪ وار به قبول نه ڪيو هجي ۽ ائين ڏاربن جيان پيار ڪرڻ جي ڪري ذلت جو احساس ڪٿي سانت ۾ رهي هجي، جنهن جو ان وقت مون کي احساس نه رهيو هجي، مان هن جي پيار ۾ سرت وڃائي هن جي احساسن کي زخمي ڪيو هجي.

منهنجي گنگا — منهنجي ڌرتي مثل گنگا جيڪا مون کي هڪ ئي وقت پنهنجي ۽ پرائي لڳندي هئي. مون سندس ڏکن جو ڪارڻ ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي هجئي، وياڪل وياڪل نيڻن ۾ ڪهڙا گهرا گهاو ڪٿي هلندي هئي ۽ ايڏو سانت ڇو هوندي هئي، مون کي ڪڏهن ان جي سڌ ئي نه رهي ۽ پوءِ به مان هن کي پنهنجي سمجهڻ جي دعويٰ ڪندو هوس. هن کي ڌرتي سڏيندو هوس ۽ ڌرتي ته ماءُ سمان هوندي آهي ۽ پوءِ به مان هن کي گاريون ڏيندو هوس.

نردئي گنگا هڪ ئي وقت پنهنجي ۽ پرائي ٻهر جي وڻ مثل گل به منجهس بيشمار ته ڪنڊا به ننڍڙا ننڍڙا پيلا گل سندس عادتن مثل پل ۾ وکري ويندڙ.

گنگا کي مان پنهنجو ڪري نٿي سگهيس، ڇو ته هوءَ پينو عورت هئي ۽ قبائلي به. گنگا هو مون کي ڏين نه ها ۽ گنگا جو ملهه ڪٿڻ مون نٿي چاهيو.

”منهنجي گنگا.“

منهنجي گنگا — هن هڪڙو گهرو اونهو ساهه کنيو جڻ منهنجن لفظن کي اندر ۾ اوتي انهن کي ڪٿڻ چاهيندي هجي ته انهن لفظن ۾ سچائي ڪيتري آهي. هوءَ هڪ پينو عورت هئي ۽ کيس زندگيءَ جي ڪڙاڻ چڱيءَ طرح پيتل هئي.

مان هن کي پير ۾ ليٽائي منجهس گهرين مٺين نظرن سان نهارڻ لڳس ته چيائين:

”جوڳي نه ڪنهن جا مٽ“.

”چا چيئه مٺي؟ “

”ڪجهه به نه“

”ڪجهه ته چيئه جنهن کي مان سمجهي ڪونه سگهيس“.

”توکي ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ايندي“.

گنگا اڻ پڙهيل هئي پر پوءِ به ڪيترين وٽندڙ ۽ سچائيءَ سان ڀرپور ڳالهيون ڪندي هئي.

نيلي ۽ گنگا ۾ ڪيڏي نه هڪجهڙائي هئي، ٻئي ڏرتيءَ مثل ۽ مان ٻنهي ۾ ورڇيل ٻئي منهنجي ساهن ۾ رچيل.

گنگا چيو: ”توکي هڪڙي ڳالهه ٻڌايان؟ “

”ها مٺي. “

منهنجي ڏاڏيءَ منهنجي ڏاڏي سان پيار وچان شادي ڪئي هئي. منهنجو ڏاڏو ڏاڍو ڏيا وارو مرد هو ۽ ڏاڏي به سونهن ۾ ڏيا واري هئي، هو پنهنجي قبيلي جو سردار هو. هو جڏهن پوڙهو ٿيو ته ٽنگن کان ويهجي ويو هو ته پوءِ ٻئي قبيلي جا ماڻهو کيس گهر وٺي ڌمڪيون ڏئي ويندا هئا .پر هو ڏاڏو همت ڀريو مرد هو پاڻ کي ڪلهي تي کڻائي به وڃي دشمن وٽ رسندو هو ۽ چوندو هون ته :

”شيرل متان پليو آهين تہ ڪو تنهنجي گڏڙ وارين ڪيڪراتين ڪان ڊنل آهيان، اڄ بہ تو جهڙا چار ماري پوءِ مرندس. “ منهنجي ڏاڏي منجهان رڳو هڪڙي ڏيءُ ۽ پٽ هئس. بابا بزدل ۽ پٽ ۾ چري هٺڻ وارن منجهان هو ۽ پڦي پنهنجي پيءُ ماءُ جيان بهادر. ڏاڏو جڏهن تنبوءَ ۾ موتي آيو تہ ان وقت جو جڻ ساهہ تي نڪتو. ڏاڏي چوڻ لڳس ”تو تہ منهنجي رت کي بہ لڄايو آهي، تو کي تہ جيڪر چمندي ماري چڏيان ها. “ پڦيءَ دلي منجهان پاڻي اوتي بابا کي ڏيندي چيو:

”چڏينس امان ڪهڙا تي ليکا ڪرينس، هڪڙو تہ پٽ اٿئي، مان جو وڃي آهيان. هيڏي اچي تہ ڏسان، جي رت ۾ ٻاڙهو ڪري نہ اماڻيومانِ تہ جڻ تنهنجي ڌيءُ ئي نہ لڳان “.

بابا هو ڪجهہ ڪجهہ حضور شرم سو ڪنڌ جهڪائي تنبوءَ کان ٻاهر نڪري ويو. مان ان وقت تمام ننڍڙي هيس پر پوءِ بہ ڪافي ڪجهہ سمجهي ورتم. اهڙي ويل ۾ مون کي گهر ۾ ويهڻ نہ ايندو هو. مان بہ ٻاهر هلي ويندي هيس ۽ ٻچ وقت ٻنين ۾ ڀٽڪندي رهندي هيس، پوءِ شايد ڪنهن وڻ هيٺان ننڊ اچي ويندي هيم.

”تہ چئبو تون منهنجي ڪجهہ ڪجهہ مائٽياڻي بہ لڳين. اڙي ڪهڙيون ڳالهيون ڪيڏي وڃي آهين؟ مني تون پيار ڪري نہ ڄاڻين. هيڙي ويلا ۾ ڪهڙا ليکا ڪيڏي وڃي آهين، سچ پچ تو٠ پيار ڪري نہ ڄاڻين“.

هوءَ هلي، وئي سڄو سال گذري ويو. مان پوءِ هن کي ڏاڍو ڳولهيو پر پوءِ هوءَ مون کي ڪٿي بہ ڪا نہ ملي. سندس تنبو کنيل هئا. مون هڪ گهرو اونهو ساهہ کنيو تہ چئبو آديسي اٿي ويا هئا، هينئر اتي رڳو رک پئي اڏاڻي، نردئي گنگا وهندي وهندي پنهنجي پويان سمورا پنڌ ۽ پيڇرا اُتيو وئي هئي. ڪٿي ڳولهيان ها مان هن جهڙي عورت کي ۽ ڪيئن وساريان ها هن سان ماڻيل گهڙيون. چنڊ ستارا وڻ ٽڻ ڪارين اماس راتين ۾ تارن جي جهرمر، سرنهن جا پيلا گل، سڄي ڪائنات ۾ هن ڏرتيءَ جو ذرو ذرو سندس ياد ڏياريندا هئا. جيترو مان ڪيس پلائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس اوترو هوءَ ياد ايندي هئي، مان هن جو غم وسڪيءَ ۽ عورتن ۾ پلائڻ چاهيو پر تنهائين گنگا جي ياد وڏيڪ سيني ۾ ڪتار جيان لهندي ٿي وئي.

هڪ رات چندرما پنهنجي ڪرڻن جي ورشا ٿي ڪئي مان ائين ڀٽڪندو ڀٽڪندو ٻاهر نڪري آيس. ڏور گهٽو ڏور سهرن جو آواز ٿي آيو مان ان آواز تي

اڳتي وڌندو ويس، جڏهن هن جي تنبن تائين پهتس ته ٿورو پرڀرو بيهي وڻ جي اوٽ ۾ ٽيڪ ڏيئي بيٺس، چندرما جي شيشل ڪرڻن ۾ هوءَ عورتن جي جهرمٽ ۾ بيٺل هئي ۽ قبائلي ناچ ڪري رهي هئي. سندس پيرن ۾ پايل پيل هئي، جنهن جي ڇم ڇم جو مڌم آواز مون تائين رسيو. گنگا جي ديپل ياد ڪي جڙ ڪنهن ڪندر منجهان ڳولهي ڪڍيو هجي. سهڻا پريل ڳل، زيورن ۾ ۽ پرت پريل ڪپڙن ۾ هوءَ ڪيتري نه سهڻي پئي لڳي. جڏهن هوءَ نچي نچي ساٽي ٿي پئي، ته ٿڌو ساهه ڇڏي پٽ تي ويهي رهي.

منهنجي گنگا جڙ تارن جي جهرمٽ ۽ چندرما جي گنگا ديوي انهيءَ جي پاٽيءَ جيان سندس تنل جذبا ڪومل ڪومل پاون واري نرديئي گنگا هڪ ئي وقت پنهنجي ۽ پرائي. ہر جي وڻن جيان. جي ڪوتڪل تنل مسافر ان هيٺ ٽڪ پيچڻ چاهي ته نه پورو پگهر سڪيس ۽ نه مينهن جو بچاءُ.

ڪئين سال گذري ويا، هوءَ وري نه موٽي، ڪٽي ڳولهيان ها هن پينو عورت کي. رولڙا هن جا ڳهڻا ۽ پتڪڙ هن جي سونهن، وبندي وبندي پوبان نرديئي گنگا پنهنجا سمورا پنڌ ۽ پيچرا لتيو وئي هئي. رهجي ويئي هئي من ۾ ياد. هيترا سال گذري ويا. ڪروڙين پل لنگهي ويا پر پوءِ به هوءَ منهنجي ساهن ۾ رچيل هئي.

هڪ رات مون ڏاڍي وسڪي پيتي، گنگا جي ياد تهائين ڪتيندڙ ۽ تيز ٿيندي ٿي ويئي. گنگا در منجهه ائين بيٺل هئي جڙ مون کي پاڪر پائيندي هجي، جڙ مون کي چنبڙيل هجي.

اڙي هي مان سپنو ڏسي رهيو هوس يا ساپيان هئي! پوءِ هوءَ ائين ڇو بيٺل آهي؟ ويڳاڻي جڙ پٿر جي مورتي هجي. ڳلن تي ڳوڙهن جون ريکائون. هوءَ لڳاتار مون کي ڏسي رهي هئي.

”بابو تو وري ايڏو پيڻ شروع ڪيو آهي. . . تون ايڏو نه پيئندو ڪر تو کي منهنجو قسم.“ هوءَ منهنجي پيرن کان اچي ويٺي، ڏور گهڻو ڏور جڙ ڪنهن سرباٽ ڪيو. هرشيءِ مٿان نشي جا ڪيپ چڙهيل، ايڏو پر ۾ ويٺل ڏسي به مان هن کي ڪوهين پري سمجهي رهيو هيس.

”بابو۔ تون مري ويندين ايڏو نه پيءُ“.

”تنهنجو چا گنگا مان مران يا بچان. تون ته مون کي ڇڏي هلي وئينءَ ۽ وري سار نه لڌئي ته مئس يا بچيس!“

”نه بابو مون توکي ڪٿي وساريو آهي. مان توکي ڪٿي ڇڏيو آهي. تو پاڻ ئي مون کي پنهنجو نه ڪيو تنهنجو منهنجو پلا کهڙو ميلاپ. تون محلن ۾ رهڻ وارو ۽ مان رڻ پٽ ۽ برپٽن ۾ رولو عورت. مان توکي چا ڏيان ها، منهنجو پنهنجو جهول سڄو ڪنڊن سان ڀريل. مان توکي کهڙو سُک ڏئي سگهنديس. هي محل مون کي راس نه ايندا، جي اچي به ڪٽي وڃن ها ته به تنهنجي منهنجي وچ ۾ شڪ جي ديوار هميشه ويڇو وڇائيندي رهي ها. تنهنجا ڏنل ويڻ ان وچ سمان هئا. تيز برساتي طوفان جيان هئا، جيڪي ڪنهن غريب جي جهڳي تي ڪري سڄو گهر لٽي ڇڏيندا آهن. رهجي وينديون آهن پويان ابهم ٻارڙن جون رڙيون. مائن جو روج راڙو ۽ رت جا دريا. تنهنجا ويڻ ان لُڪ سمان هوندا هئا، جيڪا هر شيءِ کي ڀسم ڪري ڇڏيندي آهي، گنگا کان تون ڪڏهن به ناهين وسريو. گنگا توکان وسري وئي هجي ته ٻي ڳالهه آهي.

”ڏک ته مون وٽ به آهن بابو— پوءِ تون ڇو اهڙو ٿيو آهين —؟ نه پيئندو ڪر ايڏو— نه ياد ڪندو ڪر ايترو. ڇڏي ته تو ڏنو پوءِ مون کي ميار ڇو ٿو ڏين…؟

”توکي تنهنجا دوست چون ها تڏهن تون مون کي پنهنجو ڪرين ها. ان مان ته اهو ظاهر ٿئي ٿو ته تو وٽ ناراضي هئي، هڪ پڙ ۾ هئي، منهنجي سونهن سوپيا. نيڪي بدي ۽ ٻئي طرف هو تنهنجي پيار جو وٽ پيل. ان پرک تي پوري نه لهان ۽ مون کي جو ڇڏيو هليو وڃين، تنهن کان اڳ مون پاسو ڪرڻ مناسب سمجهيو. تو جيئن مون کي پرکڻ چاهيو تيئن مان ان کي هوا ڏئي تو وٽان آيل پرک جو پيالو هڪ ڳيت سان ئي پي ويس، اهو پيار ناهي بابو— پوءِ چوندو هئين ته پيار ۾ شرط ناهن ٿيندا. اهي لفظ مون الائي ڪيترا ڀيرا ٻڌا آهن پر ڪنهن به مرد کي انهن لفظن جي ماپي تي پورو ناهي لهندي ڏٺو. اهو سڀ ڪوڙ آهي ته پيار ۾ شرط ناهن ٿيندا. بنان شرطن جي پيار رڳو عورت ئي ڪندي آهي، مرد وٽ ايڏي وڏي دل ڪٿان آئي……؟“

هوءَ ڪهڙي پهر ۾ مون کي وري اڪيلو ڇڏي وئي، تنهن جي سڌ ڪانهيم پر ۾ ٽيبل هئي ان تي وسڪيءَ جي بوتل رکيل هئي، تصويرن جو ڪتاب رکيل هو.

پرهه ڦٽيءَ جي سندر ويلا، آڪاس ڪنهن وهنتل ڪنواري ڇوڪريءَ جيان لڳي رهيو هو. هر شيءِ مٿان هلڪي هلڪي روشني، اونداهيءَ گڏيل روشني. هر شيءِ ڏنڌلي پئي نظر آئي. دريءَ منجهان ڏٺم موتيو گلاب ۽ ٻيا قسمين قسمين گل ٽڙيل هئا. ڏور ڏور تائين سرنهن جا پيلا گل ڌرتيءَ کي پنهنجي سونهن جو ناد ڏيئي رهيا هئا. نه مون وٽ گنگا هئي ۽ نه نيلي، ٻنهي ۾ ڪيتري نه هڪجهڙائي هئي. ٻنهي جي اکين ۾ گهرا گهرا گهاءَ ٻئي انڌيرن ۾ گم ٿيل ۽ مون جو چندرما تو کي ڇپيو هو ته منهنجي گنگا کي انڌيرن ۾ گم ٿيڻ نه ڏجانءِ پوءِ به تون نه مڙئين ۽ ڪارين اماس راتين ۾ منهنجي گنگا کي ڳڙڪائي وئين. منهنجي هٿ ۾ اهو ئي تصويرن جو ڪتاب هو جنهن ۾ جڳ مشهور مصورن جون تصويرون هيون. مختلف عورتن جون تصويرون هڪڙي تصوير ۾ عورت ڪنهن شرابي مصور جي (Imagination)هئي. عورت جا گوڏا سٿرن ڏانهن ورايل هئا ۽ ڊگها سنهڙا نازڪ وار سٿرن تائين پکڙيل. گلابي پريل بدن اکين ۾ مرڪ ٽنول پري مرڪا جڻ ڪنهن جوا وسيئڙو ڪندي تڪجي ساٿي ٿي پئي هجي!

هيءَ ٻي تصوير هئي. هن تصوير جي نيڻن ۾ ڏوراپا هئا. پنهنجي پرينءَ لاءِ ساگر جهڙين اکڙين ۾ نينهن جا نياپا هئا. هردي ۾ ٻيهي ويندڙا اکيون لڙڪ لاڙيندڙ اکيون جڻ چونديون هجن ته پيار ۾ شرط ناهن ٿيندا. اهو ڇا رڳو عورتن لاءِ جملو جوڙيو ويو آهي، نه ته جيڪر تون مون کي هيئن ڇڏي نه وڃين ها، هيترا سال گذريا آهن، هيترا جڳ گذريا آهن پوءِ به تون نٿو اچين. توکي سچو ڏيهه ڏسي سگهي تو پر مان ڇو ڪو نه ٿي ڏسي سگهان، مون تي اهي زنجير ڇو وڌل آهن. انهن کان پاڻ آجو ڪرائي مان تو تائين ڪيئن رسان.... تون ڇو مون کي رڻ ۾ رولي وئين!

هيءَ ٽين تصوير هئي. هن جي اکڙين ۾ به ڏوراپا هئا. ڀلا مون وٽ ڪهڙي ڪمي هئي، جنهن جي ڪري تون مون کي ڇڏي هليو وئين؟ سونهن هئي، سچائي هئي ۽ تو لاءِ هيترو سارو پيار سيڪجهه ڏئي به مان تو کي پنهنجو ڪري نه سگهيس. مون وٽ ته تو لاءِ ڪي به ٻنڌڻ نه هئا، قيد نه هئا. منهنجي دل تنهنجي پيرن هينان ڌرتيءَ جيان هر پل وڇايل هئي ۽ آڪاش جي وسعتن ۾ چڪور جيان پرڙا ڪوئي به مان تو تائين رسي نه سگهيس. چنڊ ڪيڏو نه ڏور آهي اها چڪور کي به سڌ

آهي پر پوءِ به هو پاڻ کي ناس ڪرڻ ۾ ڪيئن نه ڪوبل آهي. پنهنجي انت کان بي خبر ڪنهن جي تلاش ۾!

هيءَ چوٿين تصوير هئي. تصويرون هيون. جن جڻ ڳالهايو پئي، مرڪيو پئي رنو پئي، ڏوراپا پئي ڏنا. مان ڪٿي تنهنجو انتظار ڪيان به ها پر ڇا ڪريان هنن ڪارين ڪڪوريل اکڙين تنهنجو انتظار نه ڪيو. هنن امرت سان ڀريل چپاتين تنهنجو انتظار نه ڪيو. ڪوئي بيحد پيارو ماٺهو سگهارو ماٺهو مون کي ڪنهي ڪٿي هليو ويو پر پوءِ به ڪنهن جي پيار ڀريل لمحن ۾ مون تو کي ساريو. تون منهنجي پاڇي سمان هئين هر شيءِ مٿان ڇانيل هلڪي هلڪي ڏنڌلي نهار سان مون هر ويجهي ايندڙ ماٺهوءَ ۾ تو کي ڳولهيو پر تون ڪٿي به نه هئين. . . . تو سان گهاريل گهڙين مون کي ڪنهن جو به ٿيڻ نه ڏنو. هر پل مون کي ياد اچي منهنجي وجود منهنجي هستيءَ کي لوڏي ويندو هئين. توکي وڃائي مون سنو نه ڪيو. تو کان پوءِ پٽڪڻ منهنجو مقدر بڻجي ويو. ڪٿي تو پارا تو ته ڪونه ڏنو هو!

هيءَ پنجين تصوير هئي. نيڻ هئا يا گهنگهور گهٽائون. جيئن ڪارين گهٽائن منجهان رم جهم ۾ ورڪا جي هر پل آشا هوندي آهي، تيئن هنن گهرن نيڻن ۾ به جڻ ڪاريون گهٽائون لهي آيون هيون. اڇو ٿيون وسن ۽ جل ٿل ڪن جڳ کي.

هيءَ ڇهين تصوير هئي، مان ڪني هيس نه تڏهن تو کان گهڻو ڏور هلي ويس. مون پاڻ کي تنهنجي قابل نه ڄاتو. هن دل جا سوين ٽڪر ٿيل آهن. ڪوئي ڪٿي ڪريو ڪوئي ڪٿي پر پوءِ به هر ٽڪر مان تنهنجي رت جي مهڪ ٿي آئي. جڻ مان تنهنجي قاتل هجان، جڻ تون جيئرو هوندي مئل مٺل پنهنجي هستيءَ کي گهلندو رهيو آهين. مون تو کي وڃائي چڱو نه ڪيو. هيڪلايون منهنجو مقدر بڻجي ويون. تون مون کي معاف ڪري مون وٽ اچي سگهندين. چند گهڙين لاءِ ئي سهي، دل ۾ آس اٿم ته توکي هڪ وار ڏسي پوءِ مران. توکي يقين نٿو اچي نه؟ اچڻ به نه کپي انڪري جو منهنجي دل هرڪٽي آهي، ڀلا ڪوئي ان جي پرواهه ڪيئن ڪري. . . . ۽ ڪري به ڇو؟

هيءَ ستين تصوير هئي، سندس چنڊ جهڙي چهري مان چانڊوڪيءَ جي بدران اُداسائي ۽ ويراني پکڙجي رهي هئي، نردئي گنگا جيئن ويران ۽ اجڙيل اجڙيل ٻهر جي وڻ مٿل. جي ڪوئي ٿڪل ٽٽل مسافر ٽڪ پيچڻ چاهي ته اُس جي تڙڪي

تي پورو پگهر ۾ نہ سگهيس ۽ نہ مينهن جو بچاءُ نہ اُس جو. پيلا پيلا گل گنگا جي عادتن مثل پل ۾ وکري ويندڙ. گل بہ منجهس بي شمار تہ ڪنڊا بہ جهجها. هڪ ئي وقت پنهنجي ۽ پرائي. نردئي گنگا جو پنهنجو جهول ئي ڪنڊن سان ڀريل آهي تہ پوءِ هوءَ مون کي ڪهڙو سک ڏئي سگهي ها. هن جو بہ تہ ڪو ڏوهہ ڪو نہ هو. مون پاڻ ئي هن کي چڙڏي ڏنو. هوءَ اينتري ٻنل چو هوندي آهي. هميشه هراسيل نيڻ جهڻ جڳن کان ڪنهن جي ڳولها ۾ هجن.

تصويرون هيون جن مون سان ڳالهايو پئي. مون کي سڌ نہ رهي تہ انهن ساڳين تصويرن ۾ تورو جهڪي ڪوئي ڏسي رهيو آهي.

سانجهيءَ جي مهل هئي. وسڪي ۽ منهنجو ساٿ ساڳيوئي هو. نردئي گنگا جو ڪتي ڪو نالو نشان ئي ڪونہ هو. مون کي ڳچ وقت کان پوءِ ان جو احساس ٿيو. جڏهن هوءَ وڃي چُڪي هئي. هوءَ آئي ۽ پوءِ هلي چو وئي، ڇا هوءَ مون کان ڪاوڙيل هئي، نہ مون هميشه گنگا کي غلط سمجهيو آهي، هوءَ مون کان رسي بہ سگهي ٿي پر ڪاوڙجي نہ.

ٻئي ڏينهن مان ائين ئي ٻاهر نڪري ويس، ڪچڙي منجهند جي مهل هئي، مان درياءَ جو ڪنارو ڏئي هلڻ لڳس. نيڻ نهار تائين ٻنين ۾ ساوڪ هئي ۽ انهن مٿان سهڻا سهڻا گل ۽ درياءَ جي ڪناري سان ٻهر جا وڻ پوکيل. پريان ڪنهن عورت ٻهر جي وڻ هيٺان ويٺي ڪپڙا ڌوتا. پر ۾ ڪوئي ننڍڙو ٻار بہ هوس، مان آهستي آهستي وڌندو ويس. جڏهن ويجهو آيس تہ اها ڪا ٻي عورت ڪانہ هئي، منهنجي گنگا هئي، مان ٻهر جي وڻ کي اهڙي نموني ٽيڪ ڏيئي بيٺس جو هوءَ مون کي پٺيري نظر اچي رهي هئي. سندس مٿي تان چريل رئو ڍرڪي ڪجهہ پٺيءَ تي ۽ ڪجهہ ڌرتيءَ تي پئجي رهيو هو. پر ۾ سال کن جو ٻالڪ مٿيءَ ۾ ڪيڏي رهيو هو. مٿي چيڪي ۽ آلي هئي. انڪري سندس ڪومل ڪومل هٿ مٿيءَ مان پرجي ويا هئا ۽ لڱن تي بہ مٿي ٿقيل هئي، جن ڪيس وڌيڪ معصوم بڻائي ڇڏيو هو.

گنگا کي جڏهن احساس ٿيو تہ ڪوئي پويان آهي تہ هن پٺتي مڙي نهاريو. مون تي نظر پوندي ئي هن جي ڇپن تي مرڪ آئي، ۽ چرڪ پريندي چوڻ لڳي: ”ائين چورن وانگر آئين جو سڌ ئي ڪانہ پيم“.

"توکي ياد ڪو نہ هيس. پوءِ منهنجي اچڻ جي آس ڪيئن ٿي رکي سگهين."

"تنهنجي آس تہ مان پنهنجن ساهن سان گڏ هُن جهان ۾ کڻي ويندس. پر تون جي جاٽي سگهين ؟"

"هن جو نالو ڇا آهي؟"

"سنڌيا."

"سنڌيا ڪيترو نہ منو نانءُ آهيس." ان عرصي ۾ مان گنگا جي پير ۾ ويهي رهيس. "گنگا هيءَ هوبهو تو تي وئي آهي." مان سندس مٺيءَ پرپيل هٿڙن ۾ سوء جو نوٽ ڏنو.

"بابو ايڏا پيسا اسين ڪاڏي ڪنداسين؟ هيءَ تہ ٻالڪ آهي تڪريون تڪريون ڪري ڇڏيندي."

"ڪرڻ ڏينس گنگا — مون کي لڳي ٿو جڻ هيءَ منهنجي ڌيءُ هجي." پوءِ پڇيم "گنگا پيٽ سان آهين؟"

"ها" ها هن اکيون جهڪائيندي چيو. ان عرصي ۾ سنڌيا رڙهندي ماءُ کي وچي چنبڙي مائس جي پرپيل ڇاتين منجهان ڳتڪيون ڏئي کير پيئڻ لڳي. گنگا جي ڇاتيءَ منجهان کير تمي ڪوٺيءَ کي آلو ڪري ڇڏيو. گنگا جون اکيون جهڪيل جهڪيل هيون ۽ مان منجهس لڳاتار نهاري رهيو هوس.

"بابو تون اڃا اڪيلو گهر ۾ رهندو آهين؟"

"ها — گنگا پيو پيلا مون سان گڏ ڪير رهندو...؟"

"شادي ڇو نہ ٿو ڪرين؟"

"مان پرٽيل آهيان گنگا. پر زال ڳوٺ رهندي آهي. امان وارن سان گڏ."

"پاڻ سان گڏ ڇو ڪونہ ٿو رهائين بابو. تنهنجون هيڪلايون بہ دور ٿي وينديون ۽ بار ٽينڊا تہ دل بہ وندريل رهندي."

"تہ گنگا شاديءَ کي تہ ڪافي عرصو گذري چڪو آهي پر ٻار ڪو نہ ٿو ٿئي. امان چوندي آهي ٻي شادي ڪر. پر ٻيءَ شاديءَ جو سوچيندي ئي ڏکيو وڃان — مان هن کي ايڏو ڏک ڪيئن ڏيان —؟"

"بابو — اهو ٻڌاءِ شادي تو پنهنجي مرضيءَ سان ڪئي هئي نہ؟"

”نہ گنگا — مائٽن مجبور ڪيو هو“.

گنگا ٿهڪ ڏئي کلي پئي.

”نہ بابو زور جي شادي تہ عورتن جي ٿيندي آهي ۽ تون تہ مرد آهين ۽ پڙهيل بہ —پوءِ تو تي اها زبردستي، ڪيئن هلي سگهي؟ “

”نہ — گنگا هن معاشري ۾ هر ماڻهو مجبور آهي. هر هڪ کي زنجير پيل آهن ۽ بيوس آهن. ريتن رسمن اڳيان. بس مرد ۽ عورتن جي قيد ۾ رڳو ايترو فرق آهي تہ اسان جي قيد جو دائرو ٿورو وڏو آهي باقي قيدي اسين سڀ آهيون. زنجيرن ۾ جڪڙيل اسين سڀ آهيون. ڇڏ انهن ڳالهين کي، تون ٻڌاءِ تون تہ خوش آهين پنهنجي گهر ۽ ور سان؟ “

”ها بس خوش آهيان“ هن جي اها ها، نڙيءَ ۾ اٽڪي پئي ۽ سندس اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا.

”گنگا تون تہ روئين پئي. ڇو مڙس سٺو ڪو نہ هلندو اٿئي ڇا؟ “

”نہ بابو هو مون کي ڏاڍيون مارون ڪيندو آهي، ڪجهہ ڏيندو بہ ڪونهي ڏاڍا نشا پتا ڪندو آهي، بس رات جو اچي پير وٺندو آهي“.

”گنگا تون جوان آهين، خوبصورت آهين، هن جي زال بہ پوءِ هو تنهنجي پير نہ وٺندو تڏهن ڪنهن جي پير وٺندو ۽ مردن جو پيار تہ بس ائين هوندو آهي.“

”نہ بابو تون پڙهيل ٿي ڪري اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين! منهنجي لاءِ تہ نهيو پر ڪڏهن هن نياڻيءَ لاءِ اڌ وال ڪپڙي جو بہ ڪو نہ سري سگهيو اٿس ۽ پوءِ بہ چوين ٿو تہ هن جو مون سان پيار آهي. مون کي تہ هن منجهان ڏاڍي ڪراهت ايندي آهي، جڏهن رات جو اچي تنگ ڪندو اٿم.“ لڙڪ هن جي لهجي ۾ لهي آيا.

”چوندو آهي تون بہ ٻين عورتن جيان چوريون بہ ڪر يار بہ ڪر ۽ گهر هلاءِ تون عورت ناهين گڏهہ آهين. تو منجهہ عورتپڻو ڪونهي. بابو ٻڌاءِ پلا اها ڪيڏي نہ وڏي گار آهي. جيئن ڪنهن مرد کي چئجي تہ تو منجهہ مردانگي ڪانهي پوءِ ڪو بہ مرد اها ڳالهہ ٻڌي سامهون واري ماڻهوءَ کي اڪت نہ ماري وجهندو“.

”چئين تہ سچ ٿي گنگا — تو ايڏيون سرت پريون ڳالهيون ڪٿان سکيون؟ “

”بس بابو پتڪڙ سيکاري ڇڏيون آهن“.

”گنگا منهنجو نالو سارنگ آهي، منهنجو نالو ڇو نہ ٿي کڻيس...؟ “

”تنهنجو نالو. . . تنهنجو نالو ڪٿڻ ڏکيو ٿو لڳيم.“ هن جون اکيون جهڪيل هيون ۽ هوءَ پير جي آڱوني سان ڌرتيءَ کي ڪرڙڻ لڳي. سندس ڳل گلابي ٿي ويا. . . ”تون — تون ته منهنجو ديوتا آهين نه! پلا ديوتائن جو به ڪڏهن نالو ڪٿبو آهي“.

”گنگا اتي ته هاڻي گهر هلون، بک لڳي آهي“.

”نه اج تون مون وٽ هل ڪڏهن غريبن وٽ به ليئو پائي ڏسندو ڪر. تو کي اج مان پنهنجن هٿن سان ماني پچائي کارائينديس“.

”مڙسهين مارينديئي ته ڪونه ؟“

”ماريندو — به چار لنيون کٽي وڏيڪ هڻندم. سهي ويندم. هونءَ به سڄي سرير تي ماري ماري داغ ته ڪيا اٿس“.

هن ڪپڙن جو ٽِپڙُ مٿي تي کنيو ۽ سنڌيا کي هنج ۾ هوءَ پيٽ سان هئي. انڪري ساهن ۾ ٿورو سهڪو هيس. هوءَ ڏاڍي مشڪل سان هلي پئي سگهي. مان هن سان گڏجي هن جي تنبوءَ تائين آيس. سندس تنبو ڦاٽل ۽ پراڻو هو. پين جي نسبت هڪ عورت ورڻ هيٺان ويٺي پاجي رڌي ۽ چانورن جي ماني پچائي. گنگا جي تنبوءَ ۾ هڪ پراڻو تڏو پيل هو. ان مٿان هن هڪ ڦاٽل رلي وڇائي، پر هئي ڏوتل، صاف سٿري سنڌيا کي اتي ليٽائي چوڻ لڳي:

”هاڻي تون به پير ۾ ويهنس ته مان اجها ٿي تو لاءِ ماني پچائي اچان.“ . . . . .

ائين چئي هوءَ وري ٻاهر هلي وئي. ورڻ هيٺان چلهه تي هن ديگڙي جاڙهي ۽ ٻاهه ٻارڻ لڳي. دونهين تي سندس اکين منجهان ڳوڙها ٽمڻ لڳا. تئي تي مچي تري ۽ ماني پچائي اندر آئي، منهنجي اڳيان ماني رکندي چوڻ لڳي: ”بابو تون کاءُ ماني، مان تنهنجي لاءِ چنٽي ٺاهي وٺان“.

”تون به ته کاءُ نه“ —

”نه مون کي بک ڪانهي لڳي. تنهنجي ڏٺي سڀ ڏک ۽ ٿڪ لهي ويجن“.

هوءَ اکري مهريءَ ۾ چنٽي ڪنڻ لڳي ۽ مان ماني کائڻ لڳس. اج سالن پڇاڻان ڪيترو نه سک مليو هيم. جيڪو سک مان محلن جهڙي گهر ۾ به ماڻي نه سگهيو هوس. اهو گنگا جي پير ۾ ويهي ملي ويو هوم. گنگا کي وڃائي مان چڱو نه ڪيو هو. هيڪلايون منهنجو مقدر بڻجي ويون هيون. نردئي گنگا، جيڪا هڪ ئي وقت مون

# ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين

پنجون پيرڊ ختم ٿيو تہ مان پنهنجي ڪلاس جي ڇوڪرين سان گڏ هيٺ لٿس ڇو تہ هينئر اسان جو زولاجيءَ جو پريڪٽيڪل هو. منهنجي هٿ ۾ ڊائسيڪشن باڪس ۽ زولاجيءَ جو جرنل هو. ورانڊي مان لنگهندي منهنجي نظر وڃي هڪ قيديءَ تي پئي، جيڪو لان جي ڀئي پاسي ڪنڊ نوايو پٿرن کي ڀوري رهيو هو ۽ سندس ڀرسان ٻيا قيدي بہ بيٺل هئا. جن کي بہ ٻنهي پيرن ۾ زنجير پيل هئا. اسان سيني جي لنگهڻ تي قيدين منهن مٿي ڪري ڏٺو. سندن ڇپن تي زخميل مرڪ هئي ۽ اکين ۾ اُداسيءَ سان گڏ طنز بہ هي وري پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويا ۽ مان بہ اچي ليبارٽريءَ ۾ پڳس. منهنجي دل الائي ڇو اُداس ۽ ويران ٿي ويئي. سوچيم ٿي تہ مزدور جيل ۾ بہ سخت تڪائيندڙ پورهيو ٿو ڪري پر وڏا ماڻهو قتل ڪري بہ اچي جيل ۾ بي ڪلاس، ريڊيو، اخبار ۽ ٻيون آسائشون ٿا ماڻين. ڪين زندگيءَ جون ساڳيون سهولتون ٿيون ميسر ڪيون وڃن. معنيٰ طبقاتي ويڇا جيل اندر بہ قائم آهن.

ها تہ مون ڳالهہ ٿي ڪئي ان قيديءَ جي، جيڪو مون کي ڪجهہ ڄاتل سڃاتل پئي لڳو. ٿورو ذهن تي زور ڏنم تہ ياد آيم. هو تہ اسان جي پنهنجي ڳوٺ جو هاري هو جنهن کي ڳوٺ جا ماڻهو ڪامريڊ سوڍو ڪري سڏيندا هئا.

پر هو ڪيئن جيل ۾ آيو؟ سوڍو تہ ڏاڍو نيڪ طبع انسان هو. ذهين ۽ انسانيت سان ڀرپور. شايد سوڍي کي مون نہ سڃاتو هجي، ڪافي سال گذري ويا آهن، مون کي بہ پنهنجي ڳوٺ کي ڇڏي.

ڪاليج کان جڏهن واپس گهر ٿي آيس تہ سوڍي کي وري مون گيٽ جي ٻاهران سپاهين سان گڏ جيل ڏانهن ويندي ڏٺو.

اونهاري جو تتل ڏينهن هو. سج جي ساڙيندڙ اُس، جسم سڄو ٽانڊا. نيڪ محمد جي ڇپن تي مڪروهہ شيطاني مرڪ هئي ۽ رکي رکي مڇن کي وٽ ٿي ڏنائين.

رمونءَ جڏهن ڪيس سيڪجهه ٻڌايو ته سوڍي نڪا ڪئي هم نه تم "پيرل سائين ڪجهه ٿڌا ٿيو. توکي ڪهڙو ٿو حق پهچي ڪنهن غريب کي بي عزت ڪرڻ جو. وڏيرا ياد رک, اج تون اسان پورهيتن کي بي ڏوهي ٿو مارين سڀاڻي اهي تو جهڙن ذليل وڏيرن جا ڪنڌ ڪپيندا ".

"اڙي — سوڍا تنهنجي اها مجال — نيڪ محمد ڏسين ويٺو — لاهي ڪميٽي جو پٽڪو." وڏيري چيو.

"متان — ويجهو آيو آهين — هيءَ ڪهاڙي تنهنجي خون سان ڳاڙهي ڪندس." سوڍي ڪهاڙي ايپي ڪندي چيو:

"هي اسان جا هٿ توکي ۽ نيڪ محمد جهڙي خوشامديءَ کي تختئہ دار تي لٽڪائيندا — متان ڀليو آهين." ائين چئي سوڍو ته ويو هليو.

ان واقعي کي ٿورو ئي وقت گذريو ته وڏيري پيرل سوڍي کي خون جي ڪيس ۾ ڦهلايو.

سنت ئي صالح شاگردن جي جدوجهد ۾ سينٽر جيل ۾ قيد ڪيو ويو. انهن ڏينهن مان صالح سان سينٽر جيل ۾ ملاقات ڪرڻ وئي هيس. سينٽر جيل جي اندر ڪافي قيدي ڪم ڪري رهيا هئا. ڪٿي ڪٿي وڻ جي هيٺان آڪڙ ۾ سپاهي ويٺل هئا. جيل ليڊيز ويٽنگ روم سڄو عورتن سان ڀريو پيو هو. ڪافي عورتون سرديءَ جي ڪري ٻاهر اُس ۾ ويٺيون هيون. اجڙيل ۽ ويران . . . سيني جي اکين ۾ لڙڪ هئا. ڪن جا سهاڳ قيد هئا ته ڪن جا ڀائر. عورتون سڀ ڳوٺاڻيون هيون. هڪ سهڻي جوان عورت سندس ننڍڙي معصوم ڌيءُ هنج ۾ ڪنيو هڪ طرف ويٺي هئي.

"امان — اڄ بابا آزاد ٿيندو؟ "

ننڍڙيءَ پنهنجي ماءُ کان پڇيو.

"ها پٽ — اڄ پٺين جي آزاديءَ جو ڏينهن آهي ".

"امان — ابا اسان سان عيد ڪندو؟" هن مستيءَ مان نينگ ڏيندي چيو.

"ها — منهنجي جيجل هو عيد اسان سان گڏجي ڪندو".

۽ پوءِ عورت وڏيڪ ضبط ڪري نہ سگهي ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

”ادي — تون روئين ڇو ٿي.“ مان ويجهو وڃي ڪيس پاڪر پائيندي ڇيو. هوءَ سوڍي جي زال هئي، جنهن کي مان اونده هجڻ ڪري پريان نہ سڃاتو هو.

هن روئڻ هار ڪيون اکيون کڻي مون کي ڏٺو.

”اڄ پرهہ ڦٽيءَ سوڍي کي ڦاهي ڏني اٿئون — هو عيد اسان سان ڪندو — ڪهاڙين مون سان ٺهر ڪري ڇڏيو.“

”سوڍي کي — نہ — نہ — نہ“ مون کان رڙ نڪري وئي. اتي ويٺي ٿي هيس تہ مون کي سوڍي جي زال، سوڍي جي ملاقات لاءِ سينٽرل جيل وني وئي. سينٽرل جيل ۾ ملاقات ڪرڻ بند ڪري ڇڏي هئائون. ڪوسي لڪ ٿي لڳي. منهنجي من اندر بہ سوڍي جي بيوس قيدي جسم کي ڏسي ٻوست ٿيڻ لڳي. هن سماج لاءِ سخت ڌڪار پيدا ٿي. سوڍو تہ ڏاڍو سباجهڙو ذهين، بهادر ۽ غيور هاري هو. ڪيئن ٿو خون ڪري سگهي نہ.... نہ... ائين هرگز نہ هوندو. هو قاتل ۽ ڏاڙيل ٿي نٿو سگهي. ضرور ڪنهن ڪوڙي الزام ۾ ڦاٿل هوندو. مان سوچيندي سوچيندي گهر اچي پهتس. ڪتاب بي دليءَ سان ٽيبل تي اڇي اڇليم.

”صالح تو کي سوڍو ياد آهي؟“

”ڪهڙو سوڍو؟“

”ڪوڙيءَ جو مڙس ۽ سبحان جو پيءُ؟ جنهن کي ڳوٺ جا ماڻهو ڪامريڊ سوڍو چوندا هئا“.

”اڙي ها.... سوڍو! پلا ان کي ڇا ٿيو“.

”سـ ـي کي مون پنهنجي ڪاليج ۾ ڏٺو سندس پيرن ۾ زنجير جڪڙيل هئا. شايد سينٽرل جيل ۾ قيد ٿي آيو.

پر هو تہ ڏاو جفاڪش ۽ ايماندار انسان آهي پوءِ ڪيئن جيل ۾ آيو“.

”ها سچ تنهن ڏينهن يونيورسٽيءَ ۾ سوڍي جو مائٽ گڏيو تنهن ڳالهہ ٿي ڪئي تہ....“ صالح کي ڪجهہ ياد آيو.

”تہ هڪ ڏينهن وڏيري پيرل جي اوطاق ۾ ماڻهو مڙيل هئا. ڪي ڌرتيءَ تي تہ ڪي بينچن ۽ موڙن تي. نيڪ محمد وڏيرو پيرل جي پير ۾ وينو هو. سندس اکيون ڳاڙهيون جيڪي مڪر ۽ فريب جا پريل ڪٽورا ٿي لڳيون. وڏيرو پيرل بہ ڏاڍو جلال ۾ ٿي لڳو. وڏيري نيڪ محمد کي هوت ڏانهن بيگر وهڻ لاءِ موڪليو. پر هوت ڪيس

جواب ڏنو. تنهن تي اچي پيرل مچريو. گارين جا وسڪارا ٿي ويا. پيرل، هوت کي گهرائي ٿڦا ٿڦي ٻه ڪئي ۽ پٽڪو لاهي ڏاڍو بيعزت ڪيائينس. ان وقت سوڍو ٻه اچي اوطاق ۾ نڪتو. سوڍي، رمونءَ کان پڇيو: ڳالهه ڇا هئي، وڏيري ۽ مون کي سڏ ٿيو. اسان ملاقات واري ڪمري ۾ وڃي ويٺاسين. سامهون واري ڪرسيءَ تي سي. آءِ ڊي آفيسر ۽ جيل جو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ ويٺوهو. ٿوري دير کان پوءِ صالح مرڪندي ڪمري ۾ داخل ٿيو.

"بابا ـ سياست تي گفتگو نه ڪجو." سي. آءِ ڊي آفيسر چيو.

اسان ٻئي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندا رهياسين. مون صالح کي سوڍي جي ڦاسي متعلق ٻڌايو. صالح جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون.

"ها جيل ۾ مون کي قيدين کان خبر پئي ته چئن ڄڻن کي پرهه ڦٽيءَ مهل ڦاسي ڏني اٿئون پر سوڍو مئو ڪونهي. هو پنهنجي پويان هڪ نه پر هزارين سوڍا هر ڳوٺ ۾ ڇڏي ويو آهي".

"صالح تنهنجو هيءُ سال ته خراب ٿي ويندو. امتحان پيا هلن ۽ تون هت ويٺو آهين..."

"او ڀڳلي ماڻهن جون حياتيون ٿيون زيان ٿين ۽ تون سالن جي تي ڳالهه ڪرين. سال ويو ته گهوريو سنڌڙيءَ تان".

"نه نه — مان ڳڻتي ڇو ڪندس".

"ملاقات جو وقت پورو ٿيو"

جيلر اسان کي وقت ياد ڏياريندي چيو.

"چڱو — حياتي آهي ته وري گڏ آهيون. جيئي سنڌ ـ

"جيئي سنڌ" ۽ پوءِ مان اتان هلي آيس.

(هفتيوار **'برسات'** ڪراچي جون 1973ع ۾ ڇپيل)

# رسندو پرجندو گهاءُ

هوءَ مرڪندي اچي منهنجي پير ۾ ويٺي. مون کي هن ڪُڪ واري لت وهائي ڪيڏي هوءَ چيلهه تي هٿ ڏئي وچي پٽ تي ڪِري سندس اکيون بي اختيار ڳوڙهن سان پرجي آيون. هڪ جسماني تڪليف، مٿان بي عزتيءَ جو سور پيئندي، هوءَ وري اچي منهنجي ڪٽ جي پير ۾ پٽ تي ويٺي ۽ منهنجي پيرن تي ڳوڙهن سان آلو ٿيل ڳل رکندي چوڻ لڳي:

”سڄڻ، جي توکي نٿي وڻيس، ته مون سان شادي نه ڪرين ها. نيٺ تون ٻار ته ڪونه هئين جو تنهنجي منهن تي زوريءَ موڙ ٻڌا ويا هجن. بيزار ٿيو آهين ته ڪٿي ڳالهه ڪر. نٿي وڻانءِ؟ پر ايترو جلد تنهنجو پيار ڪيئن مئو؟“

”مان اِهو ئي آهيان جيڪو ڏسين ٿي. مون وٽ نٿي گهاري سگهين، ته هتان هلي وڃ. باقي تنهنجو اهو روڄ راڙو مون کي اصل ڪونه ٿو وڻي.“ مون پنهنجو پير هن جي ڳل هيٺان ڪڍندي چيو. هن ٻانهن ڏگهيري وري منهنجي پير کي جهلي ورتو ۽ ان تي وري پنهنجو ڳل رکي ڇڏيو. ڳوڙها ٽپ ٽپ ٿي منهنجي پيرن تي ڪِرندا ويا.

”تون ويٺي رو، مان وڃان ٿو ڪمري مان نڪري. تون سمجهين ٿي ته توکي روئندو ڏسي، مون کي خوشي ٿيندي هوندي“!

”نه مان ائين ڪٿي ٿي چوان – جي خوش نٿو ٿيين، ته پوءِ روئارين ڇو ٿو؟“

”مون سان گڏ هجين ته روئندي نه ڪر“ هوءَ اهي لفظ ٻڌي مرڪي پئي. سندس اکين ۾ ڳوڙها هئا ۽ چپن تي اوپري مرڪ، جيڪا هن جي پنهنجي نه پئي لڳي.

”تون مون لاءِ ايترو مرين ٿي. پر مني مون کي ڪٿي جيان وفادار عورتون وڻن ئي ڪونه انهن ۾ خودي ڪانهي. پنهنجي سڃاڻپ ڪانهي.“

”مون کي ڪٿي ٿو سمجهين. توکي لڄ نٿي اچي ائين چوندي“!

”ڪوڙ ڪونه ٿو چوان. عورت جي وفا پنيان سندس مجبوري آهي گهر وسائڻ جي..... ٻارن ڄڻڻ..... سهڻي حياتي ماڻڻ لاءِ مرد کان سواءِ عورت جڳ ۾ هلي نه

سگهندي عورت کي تحفظ گهرجي. انهن مڙني ڳالهين کي ماڻڻ لاءِ عورت کي مرد جو ساٿ گهرجي. ان مجبوريءَ کي هوءَ وفا تي سڏي، تہ پوءِ اها سندس ڀُل آهي“.

”چڱو مڃيم تہ عورت جو پيار مجبوري سهي، پر اها گهر وسائڻ جي مجبوري بہ سندس جبلت آهي. مڙد اصل کان رولاڪ آهي، پٿائيءَ جي هن ست جيان: اوڳي ذات انن، وڻ وڻ وات وجهن“.

”پوءِ جڏهن سڀڪجهہ سمجهين ٿي، تہ رهڻ ڏي وفائن جي ناٽڪ کي“.

”منهنجي ايڏي موهہ کي ناٽڪ ٿو سڏين. مون کي جي توسان پيار نہ هجي، تہ دنيا جي ڪابہ طاقت مون کي توسان گڏجي گهارڻ لاءِ مجبور نٿي ڪري سگهي، نہ هي روايتون ۽ نہ مذهب نہ وري منهنجي مجبوري.. گهر لاءِ... ٻارن لاءِ ... سهٽي ۽ سُڪاري حياتي ماڻڻ لاءِ Prostitute ٿيڻ مون کي نہ ايندو آهي. تو وٽان ملندڙ تحفظ لاءِ مان تو اڳيان هيئن ذليل ڪڏهن بہ نہ ٿيان، جي تو ۾ ايڏو مون کي موهہ نہ هجي ها! توکان ڌار رهي مان ڪيئن جڳ ۾ جيئنديس. توکان الڳ رهي نہ سگهنديس. اهو فقط ان حد تائين سچ آهي، تہ مون کي توسان پريت آهي. تون منهنجو ساهہ پساهہ آهين، پر جي تون ان ڳالهہ کي سمجهين!“

مون کي جڏهن ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ مون هن کي چڙٻ ڏني:

”تون آخر چاهين ڇا ٿي؟“

”تنهنجو پيار. گهٽو نہ سهي منهنجي ايڏي پيار جي عيرض موٽ ۾ بہ لفظ ئي مٺڙا مٺڙا ڳالهائيندو ڪر. لهي تہ ڪونہ وبندين نہ!“

”پيار“ منهنجي چپن تي وِهُہ گاڏر مرڪ مڙي آئي. مون هن جي آنا کي وڏيڪ ڇهڪ ڏيڻ لاءِ چيو:

Love is untouched, it is very Sacred.”

اهي لفظ هن مٿان وڄ جيان ڪڙڪيا. مون کي پڪ هئي، تہ اهي چيندڙ لفظ هن جي من ۾ مون لاءِ ڌڪار پيدا ڪندا ۽ مون بہ اهوئي پئي چاهيو تہ مان ٻارڻ لاءِ ڪابہ چڱي ياد هن وٽ نہ ڇڏيان. پنهنجي هر چڱائي مون کانئس لڪائي رکي ۽ مڙد جو Vulgar ۽ ڪنور روپ سندس آڏو آندم. مون ۾ تمام گهٽيون چڱايون بہ هيون. مان بيحد Co_operative بہ هوس. تمام گهٽو ذميوار ۽ بي انت پيار ڪري سگهڻ وارو سگهارو مڙد. پر مون هن کي ڪڏهن بہ پيار نہ ڪيو. هن جي عزت نہ

ڪيم ۽ نه پاڻ کي ئي اهڙو عزت پريو ثابت ڪيم. چنيءَ چماهيءَ جي ڪڏهن پيار به ڪندو هو مانس، ته به صرف پاڻ کي سرچائڻ لاءِ مون ڪڏهن به هن جي اُمنگن جو قدر نه ڪيو. مون پنهنجو جملو وري ڏاڍي چيندڙ انداز ۾ ورجايو:

Love is untouched, it is veryh Sacred."

"تون چوين ڇا پيو؟ عورت ۽ مڙد جو پيار اَڇُهيو ڪيئن ٿو ٿي سگهي! اَڇُهيل پيار ته رڳو قدرت جي نظارن سان ڪري سگهجي ٿو. گيتن سان ۽ ڪلا سان ۽..."

"۽ گلن سان — اِهوئي پئي چوڻ چاهين نه؟" مون هن کي هٻڪندو ڏسي سندس اڌورو جملو پورو ڪيو.

"نه گلن سان به نه. گلن جي سونهن اکين ۾ اچي وسندي آهي ۽ ان جي سرهاڻ هوا ۾ رچجي جڏهن اسان تائين پهچندي آهي، ته ساهن ۾ سمائجي ويندي آهي. تڏهن بي اختيار گلن ڏي پير کڄندا آهن ۽ پوءِ گل پٽي، اسين يا ته وارن ۾ هڻندا آهيون. يا گلدان ۾ سجائيندا آهيون ۽ تو پارا گلن کي ڪائي چباڙي ڇڏيندا آهن ۽ پنهنجي رت ۾ سمائي ڇڏيندا آهن".

"تون مڃين يا نه مڃين پنهنجي مجبوريءَ کي چاهت جو روپ ڏين. پر مان ڪجهه پيو ٿو سوچيان، ته تون مون کان ڏار رهي بک ته ڪانه مرندينءَ. پر هي سک ماڻي نه سگهندينءَ. انڪري جي تون ڏار ٿيڻ چاهين ته مان توکي پوءِ به خرچ ڏيندس."

"پيسا پيسا... مان هنن زيورن، لٽن ۽ عيش کي ٻن ڏينديس ڇا؟ جيستائين تنهنجي زال آهيان، تيستائين مان تنهنجي هر شيءِ تي پنهنجو اڌڪار ٿي سمجهان. پر جڏهن تون ئي نه رهندين. پوءِ مون کي تنهنجو ڪک به نه گهرجي".

"پوءِ وٺي ڇو آهين؟ ڪهڙا ڏانوڻ پيا اٿئي؟ ڇو اچي منهنجو رت پيتو اٿئي. مون کي به جيئڻ ڏي ۽ پاڻ به ڪا سهڻي حياتي وڃي ماڻ. دنيا پري پئي آهي ماڻهن سان. هر وقت هڪ ئي ڳالهه سوچڻ سان تنهنجو ذهن ننڍو ٿي ويو آهي. هي گهر پلا سڀڪجهه ته ناهي. گهر کان ٻاهر به ڪا زندگي آهي. سڄي ڪائنات تو اڳيان پنهنجي سموري سونهن سان پکڙيل آهي. هن وقت پاڻ کي چئن پٽين ۾ قيد ڪري رڳو مون لاءِ پئي سوچين. مان ڪو علادين جو ڏيئو ته ناهيان. جنهن کان تون هر تمنا پوري ڪرائين." هن جون اکيون سانوڻ جي ڪڪرن جيان وسڻ لڳيون سندس

ٻيئي اکيون ڳوڙهن سان تمتار هيون. ڳوڙها هڪ هڪ ٿي ويا ٿي ڳڙندا. هڪ دل ۾ آيم ته اُٿي پيار ڪيانس. پاڪر ۾ پري ايڏو ته پيار ڪيانس، جو وري ڪڏهن پيار جي چاهنا نه رهيس. ايڏو پيار ڪيانس، جو منهنجي ساهن ۾ سمائجي وڃي. پر مون دل کي پڪو ڪيو. هوءَ وري منهنجو رُکو روبو سهي مون کي هميشه ڪسر ڏئي ويندي هئي پر هن پيري مان ڪس ۾ رهڻ پئي چاهيو منهنجي دل ۾ آيو ته ڪا اهڙي غلطي ڪري ويهي، جنهن جي ڏوهه ۾ مان هن کي سيڪٽ ڏيان. هوءَ منهنجو ڪيڏو نه خيال ڪندي هئي. مون تصوير وهاڻي هيٺان ڪڍي هن جي هٿن ۾ ڏني، جيڪا صوفيا ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏي

”مِني تون اجايو ٿي روئين. تنهنجو اهو روڄ راڙو منهنجي دل ۾ ستل پيار کي جاڳائي نه سگهندو.“ مون هن جي هٿ کي سَٽ سان پري هٽايو.

”ته ڇئو تو مجي ورتو ته تنهنجي من ۾ پيار آهي، مون لاءِ“.

”پر تون خوش نه ٿيءُ، جو اِهو تو لاءِ ڪونهي. منهنجو پيار رڳو پاڻ سان آهي. مون کي ڪنهن سان پيار ڪونهي. تو سان به نسا!“

پانيان ٿو هن جي من ۾ سور جي سَٽ ايري هوندي هوءَ ان وقت ڏرتيءَ تي پير پَساري وبني هئي. هن پنهنجو مٿو ڪٽ جي اِيس تي جهڪائي ڇڏيو. اکين مان لڙڪن جي لڙي ٽُني پيس.

اِهو سجو هفتو هن ماني نه کاڌي هئي. هوءَ ڏاڍي اُجڙيل اُجڙيل پئي لڳي. وارن ۾ ڦٽي نه ڪندي هئي. وار ڇيڳرين جيان منهن تي پيار پوندا هئس. ۽ مون هن سان ڳالهائڻ به ڇڏي ڏنو هڪ گهر ۾ رهندي به۔

سياري جا ڏينهن هجن. ٽپهريءَ جو وقت هو مون نم هيٺان ڪرسيءَ تي وبني پڙهيو پر ۾ ٽيبل پئي هئي، جنهن تي ريڊيو رکيو هو. ريڊيو تان گيت پئي هليو اهو گيت اسان ٻنهي کي ڏاڍو وڻندو هو:

پوچھو نہ کیسی میں نے رین بتائی
اک پل بیتا اک جگ جیسے
جگ بیتی موہی نیند نہ آئی۔

مون کي اها سڌ هئي، ته اهو گيت منهنجي زال کي به ڏاڍو وڻندو آهي، انڪري ئي مون ريڊيو بند ڪري ڇڏيو. مان هر اهو ڪم ڪندو هوس، جيڪو منهنجي زال

ڪي گهٽي ڪان گهٽو ڏک پهچائي. منهنجي زال جو گيتن ۾ ڏاڍو موهه هوندو هو. هن نناڍڙيءَ سنڌوءَ جا لِڱ ٿوال سان پئي اگهيا. ننڍڙي سنڌو نِس پِس ماءُ جهڙي هئي، انڪري مون کي ڏاڍي وڻندي هئي. گول گول منهن، سهڻيون باداميون چيرو۽ ن اکيون، منڙي منڙي من موهڻي مُرڪ واري سنڌو ڳلن ۾ ڊمپلس پوندا هئس.

"ريڊيو ڇو بند ڪيوَ؟ توهان کي سڌ آهي، ته مون کي گيت ڏاڍا وڻندا آهن ۽ اِهو ڏاڍو وڻندو اٿم." هن ڏورا پو ڏيندي چيو.

"پر مون کي گيتن سان پوي ٿي ڪانه هوئڻ ٻه مان هينئر پڙهان ويٺو انڪري ريڊيو بند ڪيو اٿم".

"هان هان- ڇا ٿي ڪرين؟ ڏسين ڪانه ٿي ته پڙهان ويٺو. انڌي ته ڪانه ٿي پئي آهين نه؟ پري ڪر ڏيٺهين کي. هڪ ته مون کي ٻارن سان پوي ڪانه ٻيو وري تون اچي زوريءَ اچلينس".

صوفيا، سنڌوءَ کي هڪدم ڪٽي ورتو ۽ سيني تي ليٽائي ڪمري ۾ هلي وئي. مان ٻه سندس پويان پويان ويس. ننڍڙي سنڌو ماءُ جي پير ۾ ليٽي پئي هئي ۽ ڏڙهيون پئي هنيائين ۽ صوفيا سُڏڪا پري رني پئي. هوءَ هنڌ تي سنڌوءَ جي پير ۾ ليٽيل هئي ۽ سنڌو ننڍڙن پتڪڙن هٿن سان صوفيا جي وارن سان پئي ڪيڏيو. مان در منجهه پردو هٽائي بيٺس. منهنجي من ۾ پنهنجي زال ۽ ڌيءَ لاءِ پيار جا اُڌما اٿيا. پر مان اڳتي نه وڌيس ۽ اڳڻ ڏي موٽڻ لڳس. منهنجي پيرن جي آواز تي هن مون کي ڏٺو ۽ مون کي واپس ورندو ڏسي اتان اٿي آئي. مون کي ڀاڪر پائيندي چوڻ لڳي:

"مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟"

مان چپ ٿي رهيس.

"ٻڌاءِ نه سجڻ، مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟"

"مون توکي ڪجهه چيو؟"

"پوءِ ائين در تان ڇو ٿو موٽين؟ تون جي اندر هلي اچي، منهنجي پير ۾ ويهي، منهنجي ڳلن تان ڳوڙها اگهين ها، مون کي پرچائين ها، ته تنهنجي ڪهڙي گهٽتائي ٿئي ها؟ ڪڏهن ته قرب منجهان ڳالهائيندو ڪر".

هن جو ايڏو ٻاڻ ۾ موهه ڏسي دل ۾ آيم، ته پنهنجي اندر ۾ ويٺل ڪروڌي مڙد کي هميشه هميشه لاءِ ماري ڇڏيان. مون کي هن جي ايڏي پيار کان ڊپ ٿيڻ لڳو هو.

هينئر مان وڏيڪ ناٽڪ رچائي نٿي سگهيس. هوءَ سنڌوءَ کي اتي ئي روئيندو ڇڏي، رنڌڻي ۾ هلي وئي. سنڌوءَ کي روئندي روئندي ننڊ ڪجي وئي، مان ٻاهر نڪري ويس. سنڌوءَ جي ڪناري سان هلڻ لڳس، آهستي آهستي، من ۾ سوچون ڪٺي.

سنڌوءَ جي پيٽ ۾ واري پئي اڏاڻي. ڪٿي ڪٿي جتي سنڌوءَ ور ٿي ڪاڏو اتي ٿورو ٿورو پاڻي به هو جن مان ٻگهن ننڍڙيون ننڍڙيون مڇيون جهلي پئي ڪاڏيون. سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن ڪان سايون سايون ٻنيون پکڙيل هيون، جن ۾ مٽرن جون نيريون ڦُلڙيون نيڻ نهار تائين ڦهليل هيون. هوا ۾ هوربان هوربان لُڏيون پئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ ساوڪ جو گهرو وشال ساگر هو جنهن مٿان نيرا نيرا گلڙا ترندا هجن. مان وک وک ۾ ڏيندو پنهنجن ئي سوچن ۾ گم اڳتي وڌندو ٿي ويس. مان ڪيڏو نه ڪنور ۽ هنيلو هوس – ۽ صوفيا منهنجي ڪروڌ کي سالن جا سال اندر ۾ اوتيندي رهي. هت مان توهان کي اهو ٻڌائيندو هلان، ته منهنجي ان رُکي ورتاءُ جو به ڪو ڪارڻ هو. هوءَ منهنجي ساهن ۾ سمايل هئي. منهنجو به هن سان ڏاڍو گهرو پيار هو. دل ۾ ايندو هوم ته جيڪر ڪچو ڪائي وڃانس. پر پوءِ به مون هن کي ڏاڍا ڏک ڏنا. صوفيا جي ايڏي موهه جي موٽ ۾، مون هن کي ڪيڏو نه ڌڪاريو! هن جيڏو منهنجي ويجهو اچڻ چاهيو مون اوڏو ئي کيس پاڻ کان پري رکيو. هن جي دل چاهيندي هئي، ته مان چوويهه ڪلاڪ گهر ۾ هجان. پر ان جي ابتڙ مان مهينن جا مهينا گهر ڪان ٻاهر هليو ويندو هوس – ۽ جي گهر ۾ ايندو به هوس، ته ڪتاب پيو پڙهندو هوس پنهنجي ڪمري ۾. اوهان چوندؤ ته اسان ٻنهي جو ڪمرو ڇا هڪڙو نه هو؟ ها اهو سوال اوهان جي ذهن ۾ اُڀرڻ فطري آهي. مان پنهنجو ڪمرو الڳ ڪيو هو. مان شاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾، بلڪ ائين ڪٺي سمجهو ته سالن ۾ مان سڄو وقت ٻاهر رهندو هوس. جيتوڻيڪ مون کي گهر ۾ رهڻ وڌيڪ سٺو لڳندو هو. پر پوءِ رڳو صوفيا کي ستائڻ لاءِ، مان سڄو سڄو ڏينهن ٻاهر گهاريندو هوس ۽ پوءِ جڏهن گهر ۾ رهڻ شروع ڪيم، ته پنهنجي ڪمري ۾ الڳ وينو رهندو هوس. منهنجي اهڙي ورتاءُ جي ڪري، سڄي گهر کي هوربان هوربان سانت ڳهي وئي. منهنجي ننڍڙي سنڌو ٻالڪ مان ڦري جواڻ ٿي وئي هئي ۽ هوءَ به پنهنجي ماءُ جيان، مون کان ڊنل ڊنل رهندي هئي. پنهنجي ئي ڪمري ۾ ٻهرن جا ٻهر ويٺي رهندي هئي. ان کان ننڍو پٽ هيم سو به اچي جواڻ ٿيو هو. هو به ڏاڍو ويڳاڻو ۽ چُپ رهندو هو. سڄو گهر

ماٺ ۾ بدل هوندو هو. ماٺ جي اذوهي گهر جي هر پاتيءَ کي اندران ئي اندران کائيندي رهي. سنڌوءَ جو ڪومل چهرو اجهاٽل اجهاٽل رهندو هو. بالڪپڻي واري ڪابه چلولائي ڪانه هوس.

منهنجي من اندر ڪنهن دانهن ڪئي. 'هيءُ گهر آهي يا قبرستان!' ڪيڏي نه ماٺ لڳي پئي آهي. سانت آهي، جا گهر جي هر پاتيءَ کي وڪوڙي وئي آهي. ان ارڙنانگ جيان جيڪو شڪار کي وڪوڙي ويندو آهي ۽ ايستائين نه ڇڏيندو اٿس جيسين ساهه نه نپوڙي ڇڏيس. هي گهر ٻين گهرن کان ڇا ۾ مختلف آهي؟ وڏو ويڪرو گهر آهي. ڪشادو اڱڻ. اڱڻ ۾ بيٺل گل ۽ ٻوٽا گهر جي وارثن جي باذوق هجڻ جو دليل آهن. ڪمرن جي چؤطرف ورانڊو آهي. چار ڪمرا آهن. ڊرائنگ روم به ڏاڍو سهڻي نموني ۾ سينگاريل آهي. دربن تي سهڻا سهڻا پڙدا ٽنگيل، ديوارن تي سهڻا چتر. سامهون چتر ۾ مريم هٿ ڊگهيري بيٺي آهي ۽ هڪ بيحد منڙو منڙو سپاجهڙو ٻار سندس هٿن ڏي پيو اچلون ڏي. ڪنواري مريم جي منهن تي ڪيڏو نه تقدس آهي! سندس اکين ۾ ڪيڏي نه ننيڙي يسوح مسيح لاءِ پيار جي اڇل آهي! مامتا جو سمورو موهه سندس وجود تي ڇانيل آهي. ائين ٿو لڳي ڄڻ منهنجو گهر جو ڪمرو نه پر اجنتا جو غار هجي، جت قديم زماني جي ڇڏيل آثارن مجسمن جو روپ ڌاريو هجي. شيلف ۾ رکيل ڪتاب. ڪتابن جي چونڊ مان ائين ٿو لڳي، ته سڄي ڪائنات ڪٺي ڪئي وئي هجي. ڏيهي پرڏيهي ڏات — ڏٽين جا لکيل سٺا سٺا ڪتاب. قديم کان جديد زماني جي سٺي ليکڪن جا لکيل ڪتاب هت موجود آهن. جبران، عمر خيام، گورڪي، ٽالسٽاءِ، دوستو وسڪي، سارتر، ٽئگور، شاهه کان وٺندي موهن ڪلپنا تائين. هتي ته ڏات جو ڏيهه آهي، جنهن کي مون پنهنجي گهر ۾ بند ڪيو آهي. ها ڏات ئي سيڪجهه آهي. هونئن ته انسانن الائي ڇا ڇا جوڙيو ۽ ٽوڙيو آهي. سرشٽيءَ جي سموري سونهن جيڪا ڪلا ۾ انسانن اوتي آهي، اهو انساني ورثو وسارڻ جوڳو هرگز ڪونهي. ڪلا ۾ جت سونهن آهي، اندر جا اڌما آهن، ات انساني جذبن جي رتوڇاڻ به ٿيل آهي. ٽٽل دليون، هاڃي هڃيل هانوَ روئيندڙ ۽ مرڪندڙ مَنَ. بکايل ماڻهو هڏن جا پڃرا ماڻهو جذبن کان وانجهيل ماڻهو سونهن ۽ سچائيءَ سان ڀريل ماڻهو. ڪلا ۾ انهن سڀني کي سمائي فطرت کي پنهنجي وس ۾ ڪيو ويو آهي، ڪلا کي جي ڪڍي ٻاهر ڪجي ته باقي انساني

ورثي ۾ ڇڏيل رهندو ئي ڇا؟ جنهن تي اسين ايڏو مان ڪري سگهون. ها ته مون ڳالهه پئي ڪئي ڪلاڪارن جي. جن ذات جي ڏيهه کي پنهنجو رت ست ڏئي امر ڪيو آهي. هت هميشه منڙا منڙا گيت پيا هلندا آهن. منڙا منڙا سُر پيا اپرندا آهن. ڪيڏا نه من کي پيلا لڳندا آهن.

سو مون ڳالهه پئي ڪئي، ته هيءُ گهر به عام گهرن جيان آهي. اڱڻ ۾ نم ۽ ٽالهيءَ جو وڻ آهي. گل ٻوٽا آهن. هن گهر کي به وارث آهن. هيءُ گهر پوءِ به اجڙيل اجڙيل پيو لڳي. هن گهر ۾ به عورت مڙد آهن. سهڻا سهڻا ٻار به آهن. سنڌي مهاندين ۽ روشن سان سنواريل. هن گهر ۾ پيار به پيو وسي، پر پوءِ به ڇو ايڏي ماٺ آهتي! موت جهڙي ماٺ. ماٺ ۾ وڪوڙيل گهر. جڻ ڪنهن رڻ پٽ ۾ بيٺل ڊنل ڊنل. پڳل ۽ اجڙيل کنڊر. ائين ڇو آهي؟ هن گهر ۾ جيئرا جاڳندا انسان پيا رهن. مون کي هڪ سهڻي وفادار زال آهي، جيڪا ڏاڍي سباجهي آهي. سنڌو اجا ته ستن ـ اٺن سالن جي ٻالڪ آهي، پر منجهس ٻاراڻيون ڏنگايون اصل ڪونهن. هوءَ به ماٺ رهندي آهي، مون کان ڊنل ڊنل. لڳي ٿو هن گهر ۾ ڄڄڻ کان ڪنهن ٿهڪ نه ڏنو هوندو ڪنهن جي منهن تي مرڪ نه پکڙي آهي. صوفيا مون سان ڪڏهن ماٺو نه ڪيو آهي، ڪڏهن مون تي حجت نه هلائي آهي. اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪڏهن حجت نه رهي آهي، ڪڏهن پنهنجائپ نه رهي آهي. سال ٿيا آهن، مون پنهنجي زال کي ڪڏهن دڙڪو نه ڏنو آهي. ان ڏينهن مان صوفيا جي ڪمري ۾ ويس، ٽيبل تي ڪجهه ڪتاب هڪ ڪاپي رکيل هئي. مان اها کڻي پڙهڻ لڳس. ڪاپيءَ ۾ لکيل اکر اکر جڻ لُڙڪ ڦُڙو هو. اکرن ۾ ڪنهن جي من جي پيڙا اوتيل هئي. مان ڪاپي کڻي اچي نِم جي هيٺان ويٺس. اڱڻ جي پرئين حصي ۾ پاڻيءَ واري ڪوني هئي، جنهن ۾ ٿڌي پاڻيءَ جا دِلا ۽ مَٽ هئا. صوفيا ان ۾ اندر ويئي، پاڻيءَ جو گلاس پري اچي ورانڊي جي چائنٽ تي ويٺي. سياري جي پُڄاڻي هجي، ٿوريون ٿوريون ٿڌيون هجن. هوا جي ٿڌن جهوٽن تي وڻن جا پَن ڇڻي پَٽ تي ٿي پيا. نما شام جو وقت هو پريان باغ ۾ بيٺل پپر جي ڏگهن وڻن جي چوٽي نظر پئي آئي. صوفيا ڏاڍي اُباڻڪي پئي لڳي. هن ڏاڍي ڏک ڀريل نيڻن سان آسمان ۾ پئي نهاريو. ان وقت سنڌو ڪمري ۾ اندر ليٽيل هئي. نمون ٻاهران ڊوڙندي آئي، هوءَ ڏاڍي ڇهڪيل پئي لڳي، گلن جيان سندر. نمون مون کي نم هيٺان ويٺل ڏسي، ڇپ ٿي ويئي هوءَ مون کان ماءُ جيان ڊنل ڊنل رهندي هئي، سانت ۾

ٻڌي ويندي هئي, ائين جڻ ڪنهن گهري کاهيءَ ۾ ڏڪو ڏنو هجيس ۽ سندس وجود سان گڏ مُرڪ ۽ منڙا منڙا ٻول به ٻڏي ويا هجن. هوءَ ان وقت به ائين ماٺ ٿي وبئي ۽ ماءُ جي پير ۾ وڃي ويٺي. هن جي هٿ ۾ مڇي جهليل هئي.

"امان.. امان.... او امڙ, هيءَ مڇي ته ڏس, ڪيڏي سهڻي آهي! مان ڪامي مان جهلي آئي آهيان. امان, مان رات چانورن سان کائيندس. مون کي وڻندي آهي".

"چڱو." صوفيا بي دليو جواب ڏنو.

"امان — هو ڏس, چنڊ ڪيترو نه سهڻو پيو لڳي! پر امڙ اجا رات ته ڪانه ٿي آهي, پوءِ چنڊ ڇو ايڏو ساجهر نڪتو آهي؟ امان.... او امان, ڏس نه هو چنڊ." ماٺس وتان ڪوبه جواب نه.

"امان ڏس, منهنجا لِڱ ڪوسا ٿي پيا آهن. امان, مون کي بخار ته ڪونهي ٿيو نـا امان تون ٻڌين ڇو ڪانه ٿي؟"

"چڱو." صوفيا پنهنجي پورن ۾ هئي. نمونءَ جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا, هن جي هٿن مان مڇي ڪري پئي ۽ هوءَ اتان هلي وبئي.

نمون روز شام جو پاءُ سان گڏجي ٻاهر نڪري ويندي هئي. درياهه جي ڪپ تي, هو ٻئي هٿ هٿ ۾ ڏيئي, ڳچ وقت سنڌوءَ جي ڪناري تي هلندا رهندا هئا. سنڌوءَ جي ٻنهي پاسن تي سايون سايون ٻنيون پکڙيل هونديون هيون ۽ سنڌو ور وڪڙ کائيندي وهندي, ناريءَ جي سينڌ جيان لڳندي هئي. شام جو پهر.. ٻڏندڙ سج... وڻن جا پاچولا لُڙاتيل پاڻيءَ مٿان چانورو ڪري بيهندا هئا. جهرڪين جو چرٻٽو ساوا ساوا کيت, مال جو وٿاڻن ڏانهن ورڻ.. اهي سڀ ڳالهيون ڳوٺ جي سونهن کي سرس ڪنديون هيون. اڄ پاڻس ڪنهن دوست وٽ هليو ويو هو ۽ نمون ڏاڍي ويڳاڻي ٿي ويٺي هئي. نمونءَ جي اکين تان لُڙڪ وهي ڳلن تي ڪريا ۽ هوءَ ٿڪل قدمن سان ٻاهر هلي وبئي. مان سندس پويان پيس. هوءَ باغ ڏي پئي وبئي اڄ هن کوهه تي ويٺل عورت ڏانهن نهاريو به ڪونه — ۽ نه ميدان ۾ کيڏندڙ ٻارن کي ڏنو. هوءَ باغ ۾ وبئي ته ان وقت چنڊ مٿي چڙهي آيو هو. چانڊوڪيءَ جا ڪرٽا وڻن مان ڇٽي هيٺ ڌرتيءَ تي ٿي ڪريا. باغ ۾ ٻاگڙين جا ڇڏيل سامان ٽريا پکڙيا پيا هئا. ٻاهه تي ڪاريون ٿيل سرون.. پڳل تنل دِلا.... ڳوهن جون ڪلون.... ڪُمين جا ڪوپا.... رسين جا ٽُڪر, ليڙون, نمون هڪ هڪ شيءِ کي ڇُهي ڏٺو. من ۾ اهو ته نه آهيس


تہ:'ڪاش، ھوءَ بہ انھن ٻاگڙين سان گڏ ھلي وڃي ھا.' ھوءَ ھوريان ھوريان ھلندي وڃي ٿالھيءَ جي وڻ ھيٺان وڃي. ٻساربل ٻيرن ڪان اڏ ھئي. جنھن ۾ پاٽيءَ بدران واري پئي اڏاٽي، مان وڻ جي اوٽ ۾ بيھي نموڻيءَ ۾ نھاريو. وٽن جا ھڙ پن ڇٽي ويا ھئا.
ھوءَ چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ منھنجي گھر جيان اُجڙيل ۽ پڙپانگ پئي ڀاسي. ڇڻ ويران مندر. سندس ڳلن تي ڳوڙھا وبا ٿي تمندا. مان پنھنجي اندر نھاريو. پٿر ميڻ جيان پگھرڻ لڳو ھو. نموڻيءَ جا ڳوڙھا وھڻ بند ٿي ويا ھئا ۽ سندس ڳلن تي ميرانجھڙي ريکا نھي پئي ھئي. ھن کي شايد ننڊ اچي وئي ھئي. مان اڳتي وڌيس. نموءَ جي پير ۾ وڃي بيٺس. منھنجي اکين اڳيان اوندھہ اچي وئي. مان ايڏو ڪنور ڇو ھوس؟ ان جو بہ ڪو ڪارڻ ھو. منھنجي ڳچيءَ ۾ انيڪ ڳٽ پيل ھئا. منھنجي مٿان سماج جيڪا ذلت مڙھي ھئي، ان سان مُنھن مقابل ٿيڻ جو مون منجھہ حوصلو ڪونہ ھو، پوءِ مون بہ ٻين وانگر پاڻ تي مڙھيل ذلتن جو بدلو پنھنجي ونيءَ کان پئي ورتو. ٻارن کي پيڙيو مان پنھنجي ڪوڙي انا کي آٿت پئي ڏنو. ڪروڌ... ڪروڌ. جنھن منھنجي گھر کي قبرستان بڻايو ھو... ڪروڌ، جنھن منھنجي مومل کان مرڪون کسيون ھيون... ڪروڌ، جنھن نموءَ جي اکين کي ڳوڙھا ڏنا ھئا. ھر سنڌي مڙد جيان مان بہ اذيت پسند ھوس. پيڙا ڏئي ۽ پيڙا ۾ گھاري، مان ڪھڙي جذبي کي خوش ڪيو ھو!

مون ھيٺ نِوڙي نموءَ کي ھنج ۾ کنيو ھيٺر ھن کي ننڊ کجي وئي ھئي. منھنجي مٿان آڪاش ۾ چوڏھينءَ جو چنڊ ڪڙيل ھو. ھو بہ مون سان گڏ ھمراھي ھو. چنڊ مون مٿان عورت ۽ مرد جي امر پيار مٿان ڪرڻن جي ورکا ٿي ڪئي. اڄ مون پانيو پئي، تہ جوين جي ڏينھن جيان سگھارو ۽ ٻلوان ٿي پيو آھيان. منھنجي رڳن ۾ رت نہ پر چانڊوڪيءَ جا ڪرڻا پئي ڊوڙيا. جن منھنجي اونداھي اندر کي اجرو ڪيو ھو.

(ناول جو ھڪ باب)


# سنڌي ادبي بورڊ جا ڪجهه ڪتاب










Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.